کتين کر موڙيا جڏهن

پاڱو - ٣

ليکڪ

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

کتين کر موڙيا جڏهن

پاڱو - ٣

شيخ اياز

سنڌ ادبي اڪيڊمي

ڪتين ڪر موڙيا جڏهن

ڀاڱو-٣

ليکڪ

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

سنڌ ادبي اڪيڊمي
ڪراچي

سڀ حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو : ڪتين ڪر موڙيا جڏهن ڀاڳو-٢

ليکڪ : شيخ اياز

ڪتاب نمبر : ٻيو

ڳاڻيٽو : هڪ هزار

ڇپائيندڙ : سنڌ ادبي اڪيڊمي

٥٤٢-سي. پي. اي. سي. ايڇ. ايس بلاڪ

-٢، ڪراچي- ٧٥٤٠٠

پرنٽنگ : ذڪي پرنٽرس، ڪراچي

ڪمپوزنگ : پيس ڪمپوزرس، ٥/١١ رمپا پلازا

بندر روڊ ڪراچي- ٧٤٤٠٠

قيمت : ١٠٠

Gul Hayat Institute

سنڌ ادبي اڪيڊمي

انتساب

منهن جي سُرڳواسي سنڌي اديب دوستن
سڳن آهوجا، نارائڻ شيام، موهن ڪلپنا ۽
هري ڪانت جي نالي، جيڪي سنڌ ۾ ڄاوا هئا
۽ هند ۾ گذاري ويا.

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

ترتيب

ڇڄ مرَ قطاران	ستار	٧
مهاڳ	شيخ اياز	٩
• غزل		١١
• گيت		٨١
• نوٽس		١٠٥
تلسي داس		١٠٧
تيمور لنگ		١١٠
ٽيپو سلطان		١١٥
رابعہ قزداري		١١٧
راسپوٽين		١١٩
رامبو آرٿر		١٢٣
روزالڪسمبرگ		١٢٥
ريپن		١٢٧
زيب النساء		١٢٩
سبطِ حسن		١٣٢
سعدي شيرازي		١٣٥
سلطان عبدالمجيد اول		١٣٩

Gul Hayat Institute

سقراط	۱۴۱
سيد احمد	۱۴۲
شنڪر آچاريہ	۱۴۴
ڪبير پڳت	۱۴۷
قرات العين طاهره	۱۵۴
ازرا پائونڊ	۱۵۶
بابا فريد	۱۵۹
برموڊا ٽڪنڊو	۱٦۱
بريس پاسترنڪ	۱٦۳
بلهي شاهہ	۱٦٦
بود ليئر	۱۷۱
پبلونرودا	۱۷٦
پڳت ساهتيہ	۱۸۰
تانتيا توپي	۱۸۱
گستاف ڪوربيت	۲۰٦
مائوزي تُنگ	۲۰۸
مولانا ابوالڪلام آزاد	۲۲۲
ميراجي	۲۲۷
لورڪا	۲۳۱
ائنا ملڪا احمد	۲۳۷
سنڌ جون تي بيمثال اديبائون	۲۳۹

Gul Hayat Institute

ڇڇ مَ قطاران

شيخ اياز جو هڪڙو ڪتاب، مڪتبءِ دانيال ڪراچيءَ، ۴ آڪٽوبر ۱۹۹۳ع ۾، ”ڇوليون ڀوليون سمنڊ جون“ سنڌي ادب جي چونڊ ۾ پنهنجي اداري پاران هڪ ڪوشش ۾ تجربي طور ڇپائي پڌرو ڪيو هو. اها ڪوشش ۾خواهش محترمه حوري نورانيءَ جي هئي جنهن لاءِ هن جس لهڻو. باقي اها ٻي ڳالهه آهي ته اهڙي خوبصورت ڇپائي ۽ سهڻي سر ورق هئڻ جي باوجود، سندس اهو ڪتاب ڇو ايترو نه وڪاڻو؟ ان جا ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا، ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي؟ اسان ان ڪتاب تي ته وڌيڪ نه ٿا لکون. پر ان ڪتاب جي مهاڳ ۾، شيخ اياز جن ڪتابن جي تيار هئڻ جو ذڪر ڪيو آهي تن مان اڪثر ڪتاب ڇپجي به چڪا آهن. باقي انهن مان منهن جي ڄاڻ مطابق جيڪي ڪتاب ڇپجڻ کان رهجي ويا ها، اهي آهن: ” ڪتين ڪر موڙيا جڏهن، ڀاڳو ٿيون.“ ڪونجون ڪَرڪن روهه تي،“ ”مينهن ڪٽيون“. ان ڪانسواءِ ٻيو ڪيترو ڪلام جن ۾ ڪتاب جي نالن جي ڦير گهير آهي، پر اجا تائين اڻ ڇپيل آهي.

اسان جي خواهش آهي ۽ شيخ اياز ايترو لهٽي به ٿو ته هن جي ذهن ۽ قلم جي حاصلات، هن جي اوجاڳن ۽ خوابن ۾ لکيل هر سٽ کي عوام جي امانت سمجهي عوام تائين پهچائي وڃي. ان امانت ۾ ذري جيتري به خيانت نه ڪرڻ گهرجي. اسان پنهنجي وس آهر، پنهنجي محدود وسيلن آهر، اها امانت عوام تائين پهچائڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي ۽ هن ڪتاب کان اڳ اوهان تائين ان امانت جو هڪ حصو ”سانجهي، سمنڊ، سپون،“ جي سِري سان اوهان تائين پهچائي چڪا

Gul Hayat Institute

آهيون. هاڻ هي ٻيو حصو ”ڪتين ڪر موڙيا جڏهن“ جو تيون ڀاڱو اوهان تائين رسائڻ جي پوري ڪوشش ڪري رهيا آهيون ۽ ان ۾ پنهنجي حد تائين ته ڪاميابي ماڻي اٿئون. اميد ته اوهان اسان ڪي ان ڪوشش ڪي سانيان بخشڻ لاءِ ضرور اڳ جيان سهڪار ڪندا. جيئن اسان اوهان تائين شيخ اياز جا مڪتبه دانيال جي ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل باقي ڪتاب پڻ پهچائي سگهون.

شيخ اياز لاءِ لفظن ۽ خيالن جا مت موڪيءَ اُپٽي ڇڏيا آهن ۽ هو جيتري تڪائيءَ سان قلم وهائي ۽ اڇي تي ڪارو ڪندو ٿو وڃي، اسان جي دؤر ۾ ڪوبه ڇپائيندڙ هن جي رفتار سان پڇي نه ٿو سگهي. اسان جي به وس جي ڳالهه ناهي ۽ شايد خريدار جي وس جي به ڳالهه نه هجي. تنهن هوندي به اسين آس تا رکون ته پڙهندڙ اسان کي جوڳي موٽ ڏيندا، جيئن اسان عوام جي سموري امانت جيئن جو تيئن پهچائي سگهون.

شيخ اياز جن پنهنجي ترتيب ڏنل ڪتابن جو ان ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي تن ۾ ”ڪاريون ڏاريون رات جون“ ”اولڙا،“ ”اکين نند اڇهي“، ”ڇانو- ڪپر“، ”ڪارونڀار ڪڪر“ ۽ ”موڪيءَ مت اپٽيا“ جي سِري هيٺ ۽ ڏهه ڪن ڪتاب نثري شاعريءَ جا آهن. هاڻ پڙهندڙ پاڻ ليکو ۽ فيصلو ڪن ته اسان وٽ ڪنهن به اداري جي ايتري تکي ڇپائيءَ جي رفتار ڪٿي آهي. اسان وٽ ادبي ادارا آهن ئي ڪيترا؟ وري جيڪي آهن، انهن ۾ اسين ته اڃا پنهنجو نالو ڳڻائي ئي نه ٿا سگهون.

اسان جي دعا آهي ته شيخ اياز تي، لکڻ لاءِ اڃا به جوڀن ڏينهن هجن ۽ هو پنهنجي تجربن، مشاهدن ۽ مطالعي جي آڌار، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ايترو ڪجهه ڏئي وڃي، جيئن ايندڙ ڪيترين صدين تائين، اسان جي ٻوليءَ لاءِ ڪو ٻڙڪ به باقي نه سگهي.

ستار

Gul Hayat Institute

مهاڳ

مون کي ان جو اعتراف آهي ته پوئين پيري بيماريءَ کان پوءِ منهن جي تحرير ۾ حد کان وڌيڪ قنوطيت اچي وئي آهي، پر ان کان ڪجهه وقت اڳ جي شاعري رجائيت پسند آهي، جيئن ڪتاب ۾ شامل گيتن ۽ غزلن ۾ نظر اچي ٿي. هوريان هوريان مون کي زندگيءَ جي حسن ۾ ساڳي دلچسپي موٽي آئي آهي، جيڪا منهنجن نون هائيڪن ۽ چوسٽن مان ظاهر آهي. ائين ٿو لڳي ته مان ڪنهن خواب پريشان مان جاڳيو آهيان ۽ اجا پرهه جي ٿڌي هير جا جهوٽا لڳي رهيا آهن.

هن ڪتاب ۾ شامل غزل بحر طويل ۾ آهن، جيئن مير تقي مير جو هڪ شعر آهي:

دور بہت بھاگے ہو ہم سے سیکھے طور غزالوں کا،
وحشت کرنا شیوہ ان اچھی آنکھوں والوں کا.

يا فاني بدايونيءَ جو هيٺيون غزل آهي:

فصل گل آئی یا اجل آئی، کیوں درِ زندان کھلتا ہے.
کیا کوئي وحشی اور آ پہنچا یا کوئي قیدي چھوٹ گیا.

انهيءَ بحر طويل ۾، مون مير تقي مير کان وڌيڪ تجربا ڪيا آهن. انهيءَ بحر طويل کانسواءِ مون ٻيا به بحر طويل ۽ ڪجهه بحر خفيف استعمال ڪيا آهن، جيڪي ائين ئي آهن، جيئن فارسي ۽ اردوءَ ۾ آهن، پر (منهنجو غزل اردو ۽ فارسيءَ جي روايت کي ڪوهين دور ڇڏي ويو آهي. اردو ۽ فارسيءَ جا غزل ڇڙ سٺو لفظن جي گهيري ۾ آهن ۽ انهن تي بندش ۽ روايت جو لوڙهو ڏنل آهي. مان هر بندش ۽ روايت کان باغي رهيو آهيان. هنن مان ڪنهن به غزل ۾ ڪنهن مغل شهنشاهه جي باغن جي گلن جي خوشبوءِ نه آهي، انهن ۾ ٿر جي ماڪ ۽ آلين ولين جي مهڪ آهي.)

اردو ۾ مسلسل غزل جو رواج گهٽ آهي. اهڙا غزل جي غالب ۽ اقبال لکيا، سي اردوءَ ۾ ورلي ملن ٿا. غالب جي غزلن:

مدت ہوئی ہے یار کو مہماں کئے ہوئے

Gul Hayat Institute

جب کہ تجھ سا نہیں کوئی موجود پھر ھنگامہ اے خدا کیا ہے.

۽ ڪجهہ ٻين غزلن ۾ اهو تسلسل ملي ٿو، يا علامہ اقبال جو غزل:

کبھی اے حقیقتِ منتظر نظر آ لباسِ مجاز میں

پر غالب کان وٺي فراق ۽ فيض جي غزلن تائين، ڪنهن بہ شاعر سان منهنجي غزل جي هيئت ۽ مواد هڪ جهڙو نہ آهي.

اردوءَ ۾ ميراجيءَ سڀني کان چڱا گيت لکيا آهن ۽ ٻيا بہ ڪجهہ اردو شاعر آهن، جن چڱا گيت لکيا آهن، جي مون پڙهيا آهن. مثال طور:

ان جانے نگر من مانے رہے، من مانے نگر ان جانے رہے.

پنجابي ۽ هندي گيتن جو بہ مون تي اثر ٿيو آهي. مثال طور مون ”جي ڪاڪ ڪکوريا ڪاپڙي“ ۾ پنجابي گيت جي هڪ سٽ، ”ڦس نين بدل برسي“ لکي آهي يا هنديءَ جي ڇايا ديوي اسڪول جي شاعره مهاديوي ورما جو هينيون گيت مثال طور ڏئي سگهجي ٿو:

آج رات سنگھار کروں گی

کھلے پھول سا جوبن لے کر کانٹوں کے بن پار کروں گی.

مون ڪيترين ئي ٻولين جي لوڪ گيتن جو مطالعو ڪيو آهي، مثال ايترا اڪٿ آهن، جو هن پيش لفظ ۾ سمائي ئي نہ ٿا سگهجن.

هي ”ڪتين ڪر موڙيا جڏهن“ جو ٽيون ڀاڱو آهي، جنهن جي پهرين ٻن ڀاڱن جي نظم ۽ نثر ۾ جن شخصيتن جا نالا ورتا ويا آهن، انهن تي جامع مضمون بہ آهن.

اسان جي پنهنجي ڪلاسيڪي شاعري ماترائن جي ڇند تي ٻڌل آهي. دؤرِ جديد ۾ بہ ماترائن جي حساب سان مون اڪيچار شعر لکيا آهن. اميد تہ پڙهندڙن کي هنن گيتن ۽ غزلن ۾ نواڻ ۽ تازگي نظر ايندي.

شيخ اياز

٦ جولاءِ ١٩٩٦

٢٧-اي، پرنس ڪامپليڪس،
ڪلفٽن روڊ، ڪراچي

Gul Hayat Institute

غزل

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

●●

نـہ ٻـولِي ٻِي اچي ڪـائِي، چوان ٿــو ”تـون“ تـہ تـون آهـين!
اِهـائـي وات مــون وائِي، چوان ٿــو ”تـون“ تـہ تـون آهـين!

ڪڏهن تـون رَقصُ و رنگُ آهين، ڪڏهن پيو ڪو اُمنگ آهين،
اڙي ڪَهــڙي اَڪـيـلائِي، چوان ٿــو ”تـون“ تـہ تـون آهـين!

ڪـڏهـن پـارُون پُڪــارون تــي، اچين ٿــو تـون اُڏارون تــي،
اِهـا ڪـويـل بـہ تـون جائِي، چوان ٿـو ”تـون“ تـہ تون آهـين!

اگــر تـنـهـنجو خمــار آهـي، سَرءُ مــون لـئـہ بـهــار آهـي،
ســدائـين آهــہ سَرهـائِي، چوان ٿــو ”تـون“ تــہ تـون آهـين!

ڪڏهن تون ڪو اَٽو آهين، ڪـڏهـن سڀ ڪـان گـهـٽـو آهين،
مـجان ٿـو آنءُ يَڪـتــائِي، چوان ٿـو ”تون“ تـہ تـون آهـين!

ڪـڏهـن تـون چارَ ۾ چَرڪين، ڪـڏهـن ٿِي ڪـونج ٿـو ڪَرڪين،
صـدا جا روهـہ مـان آئِي، چوان ٿــو ”تـون“ تـہ تـون آهـين!

”اياز“ آهـي وِتِي تـوکـي، تــہ هُن جي ڳالـهـــہ ڳائـي وَٽُ!
وَڄي جـئـن روز شــهـنائِي، چوان ٿــو ”تـون“ تـہ تـون آهـين!

●●

Gul Hayat Institute

••

اِهو گل جو شباب آهي، اِهو ناهين، اِهو ناهين!
اها خوشبو تہ خواب آهي، اهو ناهين، اِهو ناهين!

مقدس آهہ پر تون، هر مقدس کان، مقدس آن،
اِهو ڪوئي ڪتاب آهي، اِهو ناهين، اِهو ناهين!

ڏسان تو مان، اُهو ڪنهن عڪس جو آ رقص دريا ۾،
اِهو چا ماهتاب آهي؟ اِهو ناهين، اِهو ناهين!

چوَن ٿا تون خُدا آهين، ڪڏهن ڪان تون جُدا آهين؟
ڪڏهن جو ڪو حساب آهي، اِهو ناهين، اِهو ناهين!

ستارا ٿا پيا گونجَن، صدائون ڇڻ ڪيون ڪُونجَن،
اِهو ڪهڙو رَباب آهي؟ اِهو ناهين، اِهو ناهين!

اگر تون شمس تبريزي، تہ نڪري لحد مان ايندين،
متان هو آفتاب آهي. اِهو ناهين، اِهو ناهين!

Gul Hayat Institute

نہ آ معلوم چا آهين؟ اگر معدوم، چا آهين؟
مگر جنهن سان خِطاب آهي، اِهو ناهين، اِهو ناهين!

فنا چا بيڪران آهي؟ ڪروڙين آسمان آهي؟
بقا چا ڪو حجاب آهي؟ اِهو ناهين، اِهو ناهين!

"اياز" اڄ پَڪَ سان آهن، ڏِنا تو لَڪَ سَبَ هُن جا،
اِهو تُنهنجو جواب آهي! اِهو ناهين اِهو ناهين!

○

●●

تـون آدّيءَ رات اُتـارين تـي، ۽ منـهـنجي نـنـبر ڦـٽـائـين تـي.
جي رهجي ويا ها گيت اڻ‌ڳي، سي مونکا گيت لکائين ٿي.

اڌ راتِ اچي جاڳائـين تـي، ۽ ڇمر ڇمر ڇيــرُون پـائـين تــي،
تـا پيـرَ پُڇن آڪاش مـتـان، هِي ڪـهـڙا نـاچ نچائين تـي.

مـان تنهنجا چنڊ ستارا هان، ڪيڏيءَ نـ تجليءَ وارا هان،
ڪيڏا نـ گلن جا ڪارا هان، سنسـار سڄو مـهـڪـائين تي!

سڀ سـازَ سُرَندا تُنهـنجا ها، آواز نـ ٻُرنـدا منـهـنجا ها،
هر ڇَوَنرو ڪـوئـي ڀـؤنـرو آ، گـنجار ائين ٿـهـلائـين تـي!

هر ذات بہ تون، برسات بہ تون، ۽ ساري ذات صفات بہ تون،
۽ سانوڻ جي پرڀات بہ تون، تي مـورَ سوين پِرڀائين تي.

تـون مـنـدر جو در ڪـولين تِي، پر دير ڏسـي جابـولين تِي،
تي گـهنڊ هزارين ٻولين تي، تون سڀ جي نـنـبر ڦٽائين تي.

سنسـان ڊگر، ويران نـگر، ڪنهن وقت هيو آباد مگر،
تي منهنجا پيرَ چڪين اَن ڏي، ۽ منهنجو پنڌ پُڇائين تي.

هر وقت هوا جون هيرون تي، اڌ رات سُگنڌن- سِيرون تِي،
رابـيـل ڦٽـائـين تِي ڪـيــڏا، ۽ هـارَ هـزاريــن پـائـين تِي.

Gul Hayat Institute

مان ڇا آهيان، مان ڇو آهيان، ڇا آءٌ سنڌءِ پاڇو آهيان؟
هي جيوَن ٽِي ڀٽڪائين ٽِي، پو مون مان جِندُ ڇڏائين ٽِي.

هي گيتَ غزل گهاڙيتي ۾، جڻ تولئہ ڳهٽا ناهن ٽا،
سينگار ڪري سانباهن ٽا، ٽِي ڪنوار لڳين جي پائين ٽي.

مان تنهنجوئي پڙلاءُ تہ هان، مان تنهنجو جهونو گهاءُ تہ هان،
تون جنهن ڪي روز اکڙين ٽي، ۽ ڀيهر خون وهائين ٽِي.

هي جيون جڻ تہ ڪَرَڻ- ڦل آ، ۽ باک اُفق تي ڪو گل آ،
هِئن روز نئين خوشبو وانگر، ڇو مون مان گيت ڇِڪائين ٽِي.

تون سَرد- سياري باک بہ آن، تون منهنجي لوئيءَ لاکَ بہ آن،
تون ڪائي سُک جي ساک بہ آن، جا ڳائي گيت چوائين ٽِي.

ڇا هيلَ اها رابيل هُئي جا، اڄ بہ سڳندون ڏيندي هئي،
هن جيون جي ڦلواڙيءَ ۾، تون پاڻُ وَرِي ورجائين ٽِي.

هي ڳالهہ ازل جي ڳالهہ آهي، هي جڻ تہ اُهائي مالهہ آهي،
اي ذات پَرين تي ڪِنگريون، تون ڀيهر ڪوهُ هلائين ٽِي.

مان ڪير؟ آلا مان ڪير آهيان؟ ڪنهنجو تہ پَلائيءَ پيرَ آهيان،
آيو تہ ”**اياز**“ اويرو آ، پر پوءِ بہ سات نيائين ٽِي.

Gul Hayat Institute

نچي ٿو مورُ ڇو مَن ۾، گهٽا گهنگهور آئي آ.
ڪَري ٿون اوڙڪون آئينءَ، وَرِي مون دل لڳائي آ.

اچن ٿا دُور تان گهنگهرو، وڄين ٿي وِڄُ وانگر تون،
ڪَئِي ڪويَل اِئين "ڪُو" "ڪُو"، ورِي ڪا ياد لائي آ!

سِرنهن جي ڇانوَ ۾ توسان، ملاقاتيون ڪيون جي مان،
اِهي عُزلت نشيني تي، وَيون جڳ کان جُدائي آ!

خبر ناهي تہ تون ڇاهين؟ پر تي پُرڇائِيون آهين!
اَنڌاري رات آهي ءِ، اڪيلائي، اَڳهائي آ!

وريءَ سوريءَ سڏو آهي، لڏيو ڪوئي لَڏو آهي،
اِهو ڪنهنجو ڦَڏو آهي؟ گهري ڪنهن هيءَ خُدائي آ!

هَرڻ آيو ترائيءَ تي، لَهي ٿو سج لَيارن ۾،
نہ ڏرتيءَ تي خدا، تصوير ڀي اهڙي بڻائي آ!

اَتو اي ميڪدي وارؤ! رکو هي جامَ مون پارؤ!
ڏِسو هو سِجَ سامهون، ميڪدي تي اُسَ آئي آ!

وَٽي ٿي واٽَ هِيءَ سارِي، مٽان جيڪي بہ آ پياري!
وِجي ٿو ڏانهن تي اِن ۾، ڀلا ڪهڙي بُرائي آ؟

Gul Hayat Institute

اهـا صـــورت ڏِنـي آهـي، اڳي وانـگـر مِٽي آهـي،
ڪـٿـي آخر؟ ڪـٿـي آخر؟ اِهـا ڳولـهـــا اجائـي آ.

پـيـو آ سـمـنـد هـي سـارو، جڏهـن آيـو سـنـدءِ وارو،
ٿِـيـي مـوتِـي ڪـٽِـي آئـي، وَنـيـن وارِي سَجائـي آ.

اُفـق تـي تـون شـفـق آهـين، لَهـي تـو سجُ سـاحـل تـي،
اجـا ڪـجـهـ تَرسـٽـو آهـي، اجـا ڪِـشـتِـي نـہ آئـي آ.

اهـا ڪـا شـاعـري آهـي: ”اَتـو نـاهـي“، ”لـتـو نـاهـي“،
”**اياز**“! اِن ڳالـهـ م آخر، يَلا ڪَـهـڙي يَلائـي آ.

••

Gul Hayat Institute

●●

اجا تہ ڪجھہ ڏينهن ہيا ہہ آهن، اجا نہ ويندس، اجا نہ ويندس.
اجا تہ جذبا ڪُنا ہہ ناهن، اجا نہ ويندس، اجا نہ ويندس.

اجا تہ توکي ڏسي وري، آرزو تئي تي وڏيڪ جيئان،
اجا پيا چَپ پيارُ چاهن، اجا نہ ويندس، اجا نہ ويندس.

چَڪُو جئين تارئين ترن تا، تئين پرينءَ ۾ اُپار آهي،
اجا تہ پيارا پيا نباهن، اجا نہ ويندس، اجا نہ ويندس.

چَتُون پيا آمَ ڏي اَڏامن، بهار پورو ڏٺو نہ لامَن،
اجا تہ رَسَ رُوپَ ڏينهن آهن، اجا نہ ويندس، اجا نہ ويندس.

”اياز“ ڪئن موتُ گيت هَهڙا، ڪسي ڪڏهن چئن سان وِهندو!
صديون مِلي ہيئيون گيت ناهن، اجا نہ ويندس، اجا نہ ويندس.

●●

Gul Hayat Institute

●●

ٻڌا نہ آهن اجا ستارا، ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين!
اجا وَئي ناهہ ويلَ پيارا، ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين!

اجا نہ رابيل ماڪ ۾ ٿي ڀڄي، نہ پويا اجا تہ گجرا،
اجا نہ ٿيا باک جا نِهارا، ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين!

اجا تہ تون هير ۾ ترين ٿو، اجا تہ تون سار ۾ ٻرين ٿو،
اجا تہ ڏيئا ٻرن ڏڪارا، ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين!

اجا تہ مرندس نہ ايستائين، ڏسان، ڪڏهن نينهن تو نڀائين!
ڪيا ڪئِي وارِ موت وارا، ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين!

اجا تہ سورج ٻڏو نہ آهي، شَفق لهي ٿي، نديءَ ٻُڏي ٿي،
سواءِ تنهنجي مگر نظارا؟ ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين!

”اياز“ تون خواب، هُو حقيقت، ٿِئي ملاقات ڪئن اوهانجي؟
چيو اَٿي مانس: ٻَر خدارا، ڪڏهن تہ ايندين ڪڏهن تہ ايندين!

●●

Gul Hayat Institute

••

مــوتــان بــ يــا نــ مــوتــان، آ دوُر دوُر كــهــڻــو.
تــون ٿـي ســـراءِ ۾ رَهــَ، مـــون كـي نـــ آهـ رهـڻـو!

اي دوست! تُنهنجو مُنهنجو، سارو حساب چُڪتو،
هن ننڊ منجهہ ڪنهن جو، ڪنهن ڏي نہ آهہ لهڻو.

ڪيڏو سويرَ آندي، مون لاءِ تو سُواري!
پر قافلو وڃي ٿو، مون ڪي بہ آ اَسهڻو.

جيڪي گهڙيون گذاريئہ، مونسان چڱيون گذاريئہ،
تو اڄ بہ جيءُ جرڪي، هئي ڳالهہ ڳالهہ ڳهڻو!

آغوشَ اڄ ڪٿي سي، ڪَلهہ جن ۾ ننڊ آئي؟
هاڻي تہ راتڙيءَ جو، ڪنهن هنَڌ آهہ ڊهڻو!

راهِي ”اياز“ ڪيئي، ويندا لَهو لَهان ٿِي،
بس، پنڌُ ياد رکجو، تِن جو اُداس پهڻو!

••

Gul Hayat Institute

●●

تاڪُئين آهہ دل ڪيستائين هلي؟
جندڙِي! جيستائين نيائين، هلي.

هي جُدائي تہ آهي اَٽل، ڇا ڪجي!
سوچيو ساٿَ توسان سدائين هلي.

تي گهُلي اي پرين، اَج سَرءُ جي هوا،
ڪئن چوان ڪيتري دير تائين هلي.

هونءَ پوري ڪَئي مون حياتي هِتي،
ها، اجان دوستي جي وڌائين، هلي.

اَب تي ڪوڪيليون ٿيون پُڪارن "اياز"،
تي وجيئي هِتان رُتِ، پيائين هلي!

●●

Gul Hayat Institute

●●

مِينهَن جي ڏينهن چو تون رُلين ٿي پَئي!
واءُ وانگر گهٽيءَ ۾ گهُلين ٿِي پَئي!

سَمنڊَ وانگر تَري ۾ رکي ڳالهيون،
ٻاهران هِيئن ڇالئه ڇُلين ٿِي پَئي.

واءُ ۾ ڪيترا گُل اڏامي ويا،
جيئن رابيل جو گل کُلين ٿِي پئي.

پيار تنهنجو ڏنو هونءَ ڪنهن نانهه پر،
واءُ ۾ ڳالهه وانگر هُلين ٿِي پئي.

ڪالهه وارو اِهو آهه ساڳو "اياز"،
تو سڃاتو نه پر، تون ڀُلين ٿِي پئي!

●●

Gul Hayat Institute

●●

عمر بس ٽُنهنجي وِڇوٽي ايتري!
زندگاني آهه ڪوٽِي ايتري!

پياس اڄ موکي ٻُجهي ٿِي ڪين ٿي،
مَٽَ ڪيڏا پيو ٻه لوٽِي ايتري!

ٿي چوي پل موتُ منهنجي گهر اچي،
زندگي جو آهه ٿوٽِي ايتري!

ڪيترا چمڪاٽ وِڄُ جا ٿي ٿيا،
ڪيئن نڪتي رات ڇوٽِي ايتري!

ناوَسان گڏجي وري موٽي ”اياز“،
ڪانگڙي ڪالي ڪلوٽِي ايتري! ●

●●

● ڪالي ڪلوٽِي: ڏاڍي ڪاري (اردوءَ جو محاورو)

Gul Hayat Institute

●●

تـــي ٻَريـــو جامُ، مـــنـــدَ پـــاري جي،
اِئـــــن ڪَتِي راتـــڙي سِيــــــاري جي.

آنءُ، چولـــيـــــون اُڏارَ جن اُڀ ڏي،
تـوڪـئـي ڳالهـ تـي ڪـنـاري جي.

مـون چِڪِي ڪـالهـ رات ٻـوڪـي ۾،
ڪـوهـ مـان روشـنـي سـتـاري جي.

جـئـن ڪـئـي چـنـڊ - راتِ تـو چارڻ!
ڳالهـڙي ٻـي ڪـئِي نـ پـيـاري جي.

تـي ويـا ڪـيـتـرا نـ وسـڪـارا،
پَتِ تـــوئـــي رڪـــي اُجاري جي.

سـڙهـ سنبـاهيـا ”اياز“ تـو چالـءِ؟
● مـون ڪـئي ڳالهـ جيـئن ڪـاري جي.

●●

● ڪارو:- سمنڊ

Gul Hayat Institute

●●

جهـول منهنجي اجا پَريـن پيـئـي،
كيـتــرا قــول روز ڏئـين پيـئـي.

جا گــهــڙي آهــ جڻ مِنــي تَڙ آ،
ڇا سبب، زهر مار ٿـئـين پيـئي؟

هــيءُ آكــاس وَڻ جيــان آهــي،
جڻ ســتــارا ســوين ڇنين پيـئـي!

تـون ســرشــتـي كروڙَ نـيـڻ آهين،
آنءُ پـانـيـان تـ سَپُ ڏسِين پيـئـي!

تون كـسيءَ جئن كـٿي نـ ٿِي آهين،
ڏات! درياهـ جئن وهِين پيـئـي.

نـ ڏيـاتـي نـ در كـلـيـل اڳ جان،
اج "اياز" آ كـٿي؟ ڏِسِين پيـئـي؟

●●

Gul Hayat Institute

●●

ٽُنهنجا ڳلَ گلابن جيئن،
منهنجا هٿ شرابن جيئن.

تنهنجا چَپَ چَپَن وانگر،
پوءِ به آهن خوابن جيئن.

توکي ڳوليندي گذري،
ساري عمر سرابن جيئن.

سانجهيءَ وقت ڪنول- ڪوٽيون،
اکڙيون هيٺ حِجابن جيئن.

تنهنجيءَ ياد تہ چيڙيو آ،
مُنهنجو روح رَبابن جيئن!

جڻ تہ عبادت لاءِ هيو،
هو مُنهنڙو محرابن جيئن!

Gul Hayat Institute

اونداهيءَ ۾ آئِي آنهہ،
مون وٽ تون مَهتابن جيئن.

پيري اڳيان اچ تہ "اياز"
آئي آهي حسابن جيئن!

●●

●●

چَپَ چِمِين کــي ڳولــن تـــا.
وِچِڙِي ڪِن کــي ڳولــن تـــا؟

تـــارا اُيـــــري آڌيءَ جو،
ڪَهـــڙن ڀِن کـي ڳولـن تـــا؟

مـوتـيـا ڏئي مَهـڪـارون ڪِٿ،
اچ بـــ تِن کــي ڳولــن تـــا.

بَنـد ويــا تـي مَئـــخانـا،
رِنـدَ ڪَڙيــن کـي ڳولـن تـــا.

وِهـ نـ وِهاتيـو هر ڪـنهن کي،
ڪي تـ وَٽـين کي ڳولـن تـــا.

تـوســان ڪـلـنـدي جو گــذري،
اَهــڙي ڪِن کــي ڳولــن تـــا.

● ڪـالَهــ جيـان وانـجهـاڻَ وجِهي،
ڪـيـر مـيـچين کي ڳولـن تــا.

چا تــو ڳاتــوگــيــت ”اياز“!
لَڙڪ اکــين کــي ڳولــن تـــا.
●●

● وانجهاڻ: چارَ

Gul Hayat Institute

●●

مُنهَن- اَنڌيرو ويو باک آئي پرين!
ساريان ٿو سنڌ؏ سانورائِي پرين!

تون انوکيون نِهارون ڪٽي ٿي اچين،
تون ڪٿي آنهه مون لئه پَرائي پرين!

ڪالهه مون راهه تنهنجِي تڪِي ڪيترو،
جا سڳنڌ آهه تو ۾ نه آئِي پرين!

مون ڏنو چنڊ جي پيچري ڪان پَري،
ايتري ڇو ڪئي تو جدائي پرين!

رات زنجير توتي وفا جا هُئا،
ظاهري سڀ هئي بي وفائِي پرين!

ڪئن وِساريان اِهي چار همدرديون،
زندگي هون؏ آهي اَجائِي پرين!

تو سَٺو ڪيترو آهه چاٿِي "اياز"!
دل ڏني پاڻَ ناهي ڦرائِي پرين!

●●

Gul Hayat Institute

••

ايتــرو ڪــالهــ مــوهي ويــا رَت- ڄڳا؟
مــون ٻُڌا ڇو نــ، ٿــي گــهِنڊَ ڪــيـئي وڳا!

ايتــرو تــيــز تــنــهن جاءِ تــي ٿــو وڃين،
ســاٿُ ڪنهن جو ڏيــن جِت نــ پــائر سڳا!

ســمــنڊ تــي ڪــيــتري ريــشــمي شــام آ،
ڪــيــر ٻــيــڙائــتــو، ويــس ڪــنــهن جا وڳا؟

مــوتَ ڪي مــاتِ ڇا ڪــنــهن ڏنــي آ "اياز"؟
جي بــ ســامــهون ٿِــيا، سي بــ آخر ڀڳا.

••

Gul Hayat Institute

●●

سوچجي ڇا پيو بزمِ- افلاڪ ۾؟
رات يا ڏينهن جو ڪو تہ آتاڪ ۾!

موت مُرڪي پيو ڪَرَ اُتاهان ڏسي،
سانت سِر جي پئي هر وڏي واڪَ ۾.

ڪيترا ٿهڪ ها، جي گلن ۾ ٽڙيا،
ڪيترا لڙڪ ها جي لِڪا ماڪَ ۾!

ڇو نہ ٿا سا ڏسن ڏِڱ ڪنهن ڏيان سان،
جا اُڏامي پئي ڌوڙِ هر ڏاڪَ ۾؟

نيٺ پيرِي جهڪِي ٿي عجب سان ڏسي،
بَرڪشي جا هئي عمر- بي باڪَ ۾.

دبدبا نيٺ دبجي وڃن ٿا "اياز"!
آدمِي خاڪ آ ٿو مِلي خاڪَ ۾.

●●

Gul Hayat Institute

بَرڪشي: سامهون ٿيڻ

••

نہ جنهن جو مُنڍ آهي ڪوئي، نہ جنهن جي ڪا پُڇاڙي آ،
حياتي آدمي ٿنهنجي، ڪهاڻيءَ تي ڪهاڻِي آ.

ڇَوي ٿو چنڊ هو مُنهنجا، مُهاندا سڀ وياڪا ڏي،
رِلي اڌ رات جِي جنهن، وقت قبرستان تاڻي آ.

سَڏي ديوارو در ٿوڪي، ڪٿي آهين؟ ڪٿي آهين؟
اَزل جيڏي اڪيلائي، نہ ساٿي آ نہ ساٿِي آ.

ڏسين اوسِيرڙو ٿي تون، ڪٿي توکي ڏٺو آهي؟
نِگهہَ ڪنهن تاڪَ وانگر آ، دري ڏاڍي پُراڻي آ.

لِڳو آهي ميانڻي هِينءَ، ميڙاڪو عجب آهي!
مَچيءَ جون جڻ اکيون هُن تي، کُپون اهڙي مهاڻي آ.

گِرَڻ جئن نيڻ آهن هِي، ڪَرڙ وَڍ ڪي وئي سَمجهي،
ڏِسڻ ۾ نينگري آهي، مگر ڏاڍي سياڻي آ.

پکي! تو پريت ٿي وئي آ، اِنهيءَ بنجر نڪاڻي سان،
اُجا اَڏرين نہ ٿو ڇالئہ؟ رهيو داڻو نہ پاڻي آ.

نہ ڪر ڳڻتي "اياز" اَن جي، اِجهو هي باک اُڀري آ،
ڪٿي هو رات ڪاري آ؟ وِهاڻي آ وِهاڻي آ.

Gul Hayat Institute

••

سَرَءُ اچي وئي بهار کان گل، وڏيڪ تومِ ڪِڙي پيا ڪئن؟
هوا تہ ڏاڍي ٺَڏي لڳي ٿي، پوئر هزارين مِڙي پيا ڪئن؟

نہ مند آ پيار جي مگر چو، پکي اچن ٿا اِئين اُڏامي،
چوان پيو ڪنب مورٽين جا، جِتي ڪٿي ائن ٽِڙي پيا ڪئن؟

جُتي پئي تير اچ جواني، نہ عمر جي آهہ ڪا نشاني،
پکي گِهري پڃري اچن ٿا، خبر نہ آ اِئن ڇِڙي پيا ڪئن؟

لهي پيو سجُ، نَدي نہ معلوم، ڪنهن طرف ٿي وڃي اُبهري،
”اياز“ سورج مُڪِي ڏسان ٿو، تہ شام جو اِئن ڪِڙي پيا ڪئن؟

Gul Hayat Institute

••

••

مان ڳالهہ تہ سادِي سودي هان، اج مون کي ڇو ٻرِ پا تا ٿي؟
جي گيت ٻرن تا تارن ۾، ٿِي ڪويَليون اج ڳاتا ٿِي.

ڪو ڪِيئن وچي، ڪو ڪيئن وچي، ڪو ٿَڪ يچي ڪو اِئين وچي،
آ منزل هر ڪنهن لئہ آتِي، ڇا پنهنجا گهتَ سچاتا ٿِي.

آڪاس گهتائون ٿِي ويو آ، تون ڏور ڏسين تو چونئري ڏي،
ڇا لاءِ تڪين تو گوٺري ڏي، جي پيرَ پرينءَ لئہ آتا ٿِي.

پريات اجا تہ نہ ٿي آهي، ۽ هَٿُ ڪلال نہ ٻوتيو آ،
گهر ڏانهن گهِتِي آهي تہ سڏي، ڪهڙي ڳٿتي مذماتا ٿِي؟

ڪيڏيون نہ چميون سڀ اوڏر تي! هي ناريون ساريون تو دَر تي!
ها آءُ وَهيءَ جي ڪولِ وَهِي، هي تنهنجا سارا ڪاتا ٿِي.

تو لاءِ تڪيندي نيٺ ڍَڪيا، مون نيڻ تہ تون آئي آهين،
در ڪڙڪائي تي مِهٺو ڏين: ”مون ساڻ رکيا ائن ناتا ٿِي“!

تو آنءُ ”اياز“ مجان هر پَلَ، آ تو وٽ ڪوئي گيت پَليلَ،
آ جيڪي تو ۾ هائي ڇُل، چوڏار ڪَوي سڀ ٻاتا ٿِي.

••

Gul Hayat Institute

●●

هر هنڌ پيِئي سا نانهہ نئِي، جا تو وٽ آ برساتِ پئي،
تا دُور ستارا ٽِم ٽِم ڪن، پر آهي ڪيڏي راتِ پئي!

تون پنهنجو هٿ ڦهلائين ٿو، يا ٻڪَ ڪڍي تون ڳائين ٿو،
ڪِٿ ڏاتِ سنڌءِ ٿِي مات ٿِئي، تو تازي ٿي مرجات پئي!

تون وَر وَر جهول وِرهائين ٿو، ۽ وَر وَر جاڳي ڳائين ٿو،
۽ سوچين ٿو ڪنهن وقت ڪٿي، آ تو وٽ ڪيڏي ڏات پئي!

تنهن وقت "اياز" ڇلِيو ڇولِين،ٿي دنبورو درياهہ جيان،
جنهن وقت اٿيا جهر جهنگَ هتي، جنهن وقت لوَن ۾ لات پئي.

Gul Hayat Institute

●●

••

ناس تيون ٿا پَيا يا بچُون ٿا پيا؟
آسمانو! اوهان ڏي اچون ٿا پيا.

باکَ جي سچ جي چيرَ پائي ڪري،
نينهَن وارو! اوهان سان نچون ٿا پيا.

جيئن آهن شفق ۾ پکِي پارَ جا،
رنگَ ۾ تيئن ٿُنهنجي رچون ٿا پيا.

موت جو آ مُگر مانُ جاري "**اياز**"،
مست ٿي ڪيترو ئي مَچون ٿا پيا!

Gul Hayat Institute

••

●●

پنهنجي عُمر آجائِي وئي.
مينهُن ڦڙيون تي آئِي وئي.

چانوَ چَپر جي ڪِهڙي ڳَي!
ڏرتي آهه پرائِي، وَئي.

نم جا پَن ڪَڪا تي ويا،
چار گهڙيون هُئي سائِي، وئي.

چنڊُ متاهون مڪليءَ تي،
ساري راتِ سجائِي وئي.

مون تہ چيو هو: ڪَڏَ آتوَ،!
ها، پر وڪَ وڌائِي وئي.

سارِي سارِي رات "اياز"
سوچي اڪ نہ لائِي وئي.

●●

Gul Hayat Institute

●●

ڏينهَن ڪُجهہ زندگيءَ جي اَنَل تِي لڳي.
هونءَ پنهنجي حياتي ڪُتل تِي لڳي.

جهولَ پنهنجي گلن سان ڀري آهہ مون،
پو بہ ڪائي تہ خوشبو ڪُتل تِي لڳي.

ڪيئن چئجي تہ ڪوئي نشانو ڇُٽي،
زندگي تيرَ وانگر ڇُٽل تِي لڳي.

زندگاني رڳو هڪ حَقيقت هئي،
جي چتائي ڏسون موت- پلُ تِي لڳي.

هيئن سيلابَ جئن شاعري اڳ ڪتي!
ذات جي هيلَ ڪائي اَتل تِي لڳي.

اي "اياز"! اڄ تہ طوفان ۾ دوستي،
نِمُ جي ڏار وانگر ٽُٽل تِي لڳي.

●●

Gul Hayat Institute

••

ڪڏهن پيار برسات وانگر اچي ٿو،
وسي رات پرڀات وانگر اچي ٿو.

گهٽائون گهٽائون مُحبت اچي ٿي،
پريو مينهن بارات وانگر اچي ٿو.

ڪڏهن رات تي روپ وانگر اچي ٿو،
ڪڏهن ڏينهن جو ڏات وانگر اچي ٿو.

ڪڙِي جيئن سورج مُکي اِئن ڪڙي ٿو،
جڏهن شام تي مات وانگر اچي ٿو.

ڪڏهن هو ڪُليءَ دل ڏئي ٿو صدائون،
ڪڏهن هو حجابات وانگر اچي ٿو.

نہ اوڙي نہ پاڙي پڌو نانهہ ڪنهن ڪان،
تہ هُو ذات يا پات وانگر اچي ٿو.

”اياز“ آهہ ڪوشش ڪئي ڪا نہ ان لاءِ،
اچي ٿو مدارات وانگر اچي ٿو.

••

Gul Hayat Institute

●●

نئين مَتِ آهي نئين ڳالهہ آهي،
مگر پو بہ ڪيڏي سَنئين ڳالهہ آهي.

اِئين ڪيتري وقت کان هي ٻڌون ٿا،
جُميءَ سان اگر تون چئين، ڳالهہ آهي.

اِها سانجهہ کان ٿِي هَلي باک تائين،
نہ تون چَندَ وچ ۾ پئين، ڳالهہ آهي.

اسان اَڏَ ۾ ڪالهہ اُن کي ڇڏيو سي،
”اياز“ اڄ وري تو ڪنئين، ڳالهہ آهي.

Gul Hayat Institute

●●

••

• انب جا ڪوڪِلا ڪنهن پچايا پَئي،
ڏورڪي ڏينهڙا ياد آيا پَئي.

لوڙهہ سوڏو ڪنول ڪلهہ ڪِڍيائون پئي.
• پار ڪونتل متان لڙ مچايا پئي.

• مارِ ان کي نہ، ڪُون ڪُون ڪئي جوڪُتي،
ڇوڪرا! چنڊ کي خار آيا پئي.

• ڪونج ڪونجار ڪئي، مَنهن- انڌيرو هيو،
نارَ اڄ ساجهري ڪنهن وهايا پئي.

• ڪو ڪِڙاندڙُ! ڪتي راتڙي ڪاٽيو،
ڪِرڙ ڪَنڊيون تہ سڀ جهڙ جهمايا پئي.

ماڪ آ باڪ جو ڇا رني رات ڀَر؟
وَل متان لڙڪ ڪنهن ڇڻ وهايا پئي.

Gul Hayat Institute

اي ”اياز!“ آسرو آهہ ڪاري گهَٽا،
ڏرتيءَ پيرَ ڏاڍا جلايا پئي.

• ڪوڪِلا:- انب جي ڪوڪڙيءَ اندر سُڪل مواد. پتو
• ڪو نتَل:- پيڙيءَ جو نالو (در اصل اهولفظ سنسڪرت جو آهي، جنهنجي معنيٰ ڪُويل آهي. سنڌيءَ ۾ ان ڇوڪريءَ کي بہ چئبو آهي، جا ڪويل وانگر ڇهڪندڙ هوندي آهي.)
• ڪُون ڪُون:- ڪُتي جو آواز.
• ڪونجار:- ڪونج جو آواز
• ڪوڪڙاند:- موسمي پکي (جمع ۾ استعمال ٿيل)

●●

تو چيو زندگانِي حقيقَت هُئي،
ڪيتري زور سان موت جي لَت هئي!

تون نه آئينءَ ته ڇڻ سچ نيزي لُٽيو،
توبنا موت سچ پچ قيامَت هئي!

سِر ڏنوسي ڪِلي، ڪو نه پر هوءَ ملي،
ڇا ڪجي دوست ڳالهه تي ڄِٽ هئي!

اوءَ ٻَرمَتڙيا ڪو نه سمجهي سگهين،
هيءَ ڪويتا نه هُئي، ڪا نئين مَتِ هئي!

اي ”اياز“! هوءَ اِج من ليائي وئي،
مُنهن هيس چنڊ جئن ٽورڙي ڄت هئي.

●●

Gul Hayat Institute

●●

ناوَ تُنهنجي کَڙِي آ، ڏسون تا پيا،
موڪلائڻ تہ ڏَي، بَس هلون تا پيا!

ڪيترو ڻاربا موت سان واعدا،
ويچ! جيڪي بہ چَوءُ، اچ وڃون تا پيا.

ڪيتري دلربا، چَنڊَ جي رات آ،
دل مڃي ڪا نہ ٿي، پر لَڏيون تا پيا.

دل تہ آهي اچا ٻيا بہ ڪجھہ گل چُنون،
پل تہ خوشبو ڏيَن، ائن ڏسون تا پيا.

پل تہ لاتيون لَنوو، اي پکي پيار جون،
چڻ تہ پويون دفعوسي ٻڌون تا پيا.

اي "اياز!" اڄ تہ ڌرتي ڇڏي ڪا نہ ٿي،
پيار جي ڳالهہ وِچ ۾ ڇڏيون تا پيا.

●●

Gul Hayat Institute

●●

سمند تي سجَ پيرين پَئي موڪلايو.
هو نہ آيو، نہ آيو، نہ آيو، نہ آيو.

زندگيءَ جو سفر ڪيترو مختصر آ!
الوداعون ڪري، ٿي ڪَپَر ٽِمٽمايو.

ڳَلَ تنهنجا پرين سَلَ جڻ هانوَ ۾ ها،
تو جڏهن پارِ بيهي پَئي موڪلايو!

ويچ! هي ڇيچ ڇا جي هٽو ٿا، وچون ٿا،
ڪيستائين پيا ٿا مُدي ڪي وَڏايو؟

ڪير ڄاڻي ”اياز“ ايءَ ٿوڪان زياده،
گلَ تہ مرجهائبا جي سرءُ واءُ آيو!

●●

نوٽ:- غزل ۾ وزن فاعلن، فاعلن، فاعلن، فاعلاتن، جواستعمال نئون تجربو آهي. (ش- ا)

●●

رات ڳچيءَ ۾ ٻَرندڙ ٻانهُون ياد پيون،
جي نہ چَپن تي آيون، آهُون ياد پيون.

وَهہ تي ٻيڙا، هُو روئيندڙ نارين جا،
سنڌو توتي ساريون ڪاهُون ياد پيون.

آئينو هُئي يا پنهنجي تاريخ هُئي،
ديسَ! سمُوريون تُنهنجون دانهُون ياد پيون!

جن تي سِر جي سَٽَ ڏئي سرويچَ وَڃَن،
سوچي سوچي ڪيڏيون راهون ياد پيون!

تون ئي اُنهن جي پيڇئي آهين اي مارو!
مونکي تولئہ جيڪي ڳاهُون ياد پيون.

چانڊوڪيءَ ۾ پَٽَ تي ويهي رات ”اياز“،
چِتَ چرئي کي پوريون چاهون ياد پيون!

●●

Gul Hayat Institute

••

ٿي ڪٽي ڪوهہَ تان اڄ بہ ساڳو گهڙو،
آ شفق وانگيان مارئيءَ جو ڀَڙو.

جڪَ ماري پيا ڀَنڊُ پورو ڪيو،
سج لهندو وجي هاڻ ڀُنتي لَڙو.

چو نہ آئينءَ اجان ڪوهہ تي تون ڪڏهن!
ڇَنبُ ڪنڊيءَ مٿان اڄ بہ آهي ڪَڙو.

يار جي پار تان سَڏ پيا ٿا پوَن،
رات برساتِ جي، ٻيو وسي ٿو ڳڙو.

ٿهڪَ بيٺا ڏين ڇهڪ تاريخ کي،
ڪوٽ ڪوٽان ڪيو ڪُجهہ نہ ڏيندو ڏڙو!

Gul Hayat Institute

اي ”اياز!“ آهہ توکي شڪايت اها،
موت دَرتي ڪَڙو، آهہ هُو ٻي وَڙو.

••

••

ڳاتن جي ڳهراتن جئن،
موت اچي ٿو ماٺَن جئن.

ڄڻ آڳانجهي آهين تون،
سانجهيءَ جي سُرٻاٺَن جئن.

تنهنجو آکيرون مِلي،
من جي جهنگن گهاٽَن جئن.

اوجهڙ جي اونداهيءَ ۾،
پيار اچي ٿو لاٽَن جئن.

شاعر! ٻُکَ ٻِليري آ،
ٻيکَ نہ مڱ تون ٻاٽَن جئن.

سارو ڳوٺ ٻيو جاڳي،
آديءَ جي راڻياٽَن جئن.

راجستاني ڄڻ تہ لڳا،
مون کي سنڌُ- سماٽَن جئن!

ٻيو ڪو اُٻريو آهي چا،
هاڻ هتوڙن ڏاٽَن جئن؟

Gul Hayat Institute

اڄُ ٻہ تارا ٽِمڪن ٿا،
اندو ٿيءُ نہ ڀاڪَن جئن.

پکَ نہ آيا پارُ ٻُلي،
ڇڻ ڪلهہ جي ڪُوڪاٽن جئن.

سنڌُ اجا تائين ٻہ ”اياز“،
چڪيءَ جي ٻن پاٽَن جئن.

Gul Hayat Institute

●●

ڇا لاءِ مَرن ۽ مارن تا، هي جڳ جا جهيڙا ڇا معنيٰ؟
ڪنهن ساڻ وڙهين ٿو سپني ۾، هي گوڙ بکيڙا ڇا معنيٰ؟

هي ساٿي ڪهڙا ساٿي ها؟ آ هر ڪنهن پنهنجي راهه وَتِي،
هو هَر ڪنهن کي هيڪل ويٺو، هِي سارا ميڙا ڇا معنيٰ؟

هي چوڪو آهي چار گهڙيون، پو پَنڪَ پکيڙي اڏرين ٿو،
ويا هر ڪنهن جا ڪيڏانهن ولَر؟ هي واءُ وِکيڙا ڇا معنيٰ؟

آ ڪيڏو سمنڊ اَجهاڳُ پرين، هت ناهي ڪنهن جوماڳُ پرين!
ڪوئي ٻه ڪنارو ڪونه آهي، هي تُنهنجا ٻيڙا ڇا معنيٰ؟

تو مَڌُ پيتو هن وَستيءَ ۾، ۽ واڳ وٺين ٿو مستيءَ ۾،
پَر تنهنجوماڳُ "اياز" ڪٿي؟ هي سارا ليڙا ڇا معنيٰ؟

●●

Gul Hayat Institute

●●

ڇا لاءِ بلندين تي پهچي، تون هر هر هيٺ نهارِين ٿو؟
هو ماڻهو ڪيڙا ماڪوڙا، ڇا لاءِ انهن کي سارِين ٿو؟

هي ساري مايا سَپنو هئي، ڇڻ وَهندي جَرتي ڦوٽو هئي،
جا گذري وَئي سا گذرِي وئي، تون لڙڪ اجايوهارِين ٿو!

بي انت ستارا ٻرِ ڪرتي، تون ڪاءُ وَرِي تن ڏي ڦِر تي،
اڪ ٻوٽ تہ ٻوٽا ڪاڏي ويا، ڇو ڪَڻ ڪَڻ ريت سنڀارِين ٿو؟

ڏس هاڻ مِٽيءَ سان مِٽي تي، هي تنهنجوگهر هي گهِٽي تي،
هي سايا ڪُوڙي سايا آ، ڇا سپني سنگ اپارين ٿو.

جا وِڇٽي آسا وِڇٽي آ، سا ڪنهن جي مورُ نہ مِڇٽي آ،
تنهن لاءِ ”اياز!“ ڏسي پنتي، تون ڇا لئہ ٻوڙها ٻارين ٿو.

●●

Gul Hayat Institute

••

کيــــڏا چارَ وڏا آهــن تــو،
جن ۾ يـــار وڏا آهـــن تـــو.

ٽُڙڪائـي تـانگهـي ۾ تـن کـي،
ڪـارونــيـــارَ وڏا آهـن تـو.

آنءُ بــ تِن ۾ڪ آهــيــان ڇا؟
ڪــيـــڏا هَار وڏا آهــن تــو!

سـپـني ۾ ڦـاسـائي سَيـئي،
اي سـنــســـارَ وڏا آهـن تـو!

گـهايل مـن کـي هـُن ٽِڙڪائي،
ڏک جا ڏارَ وڏا آهــــن تــــو.

جيون- رَٿ ڪيڏانهن وڃي ٿو؟
سَو سـيـنگـارَ وڏا آهـن تـو.

اونـــهـــي آهـــي ڳَڏ "اياز"،
سـي تـڪــرارَ وڏا آهـن تـو.

••

Gul Hayat Institute

••

عشق جي موت تي اوچنگارون ڏئي،
روءُ تون، پَل ڏسي لوڪَ اي بي چئي!

پاڻ پنهنجو وِڇائيہُ چَنيسر ڏئي،
هارُ ڪا چيز هو؟ حيفُ توتي هَئي!

عشق تارا نيارا ڏَئي تو ڇڏي،
گهُور ۾ تو ڇئي ڳالهہ جا آڻ چَئي!

قافلا ٿا وڃن دور، تون ننڊ ۾،
ٿا ستارا چپن رات ايڏي رَئي!

تون معافي طلب آءُ آهيان نہ رب،
ياد رهندي سدا آهہ جا تو ڪَئي!

هيل آڪاس ڪي تو سمندر ڇُهي،
هونءَ توريون ستون، ويرَ آئي وئي!

بيهہ اي چنڊ! توکي وري مان چمان،
نينهُن آهي نئون، رات آهي نئي.

مُنڌَ ڪائي ڇپيءَ جيئن ڇرڪي "اياز"،
باهڙي تي ٻري رات ٻَر ۾ پَئي.

••

Gul Hayat Institute

●●

اڪيلو ڇڏي ڏينم، من تو چوي،
پَري گهر اَڏي ڏينم، من تو چوي.

زمانا! لڳي دل نہ تي هِت اِئين،
پرين تون گڏي ڏينم،مَن تو چوي.

رُليو آهيان ڪيترو آنءُ، اجُ،
لَڏائي تڏي ڏينم، مَن تو چوي.

نہ آ دور ڪا شيءِ، اُنهيءَ ڪان "اياز"،
متان هو سَڏي ڏينم، مَن تو چوي.

Gul Hayat Institute

●●

●●

کيترو ڪالهہ آنءُ پڇتايو!
هيئن ڇا لاءِ مون هرڻ گهايو؟

ڳَبَ جي گهاوَ جيئن وقت آهي،
هي تَتو روهہُ، سِجَ جو سايو!

چندُ سوچي پَيو تہ گهوڙي جي،
ڪنهن پُنيءَ تان سوارُ ڪيرايو!

هي ڪنڊيءَ تي قطار هيڙهن جي،
بازُ آيو، اِجهو مٿان آيو!

ڪئن نہ واري وَٽيءَ وچون ٿا پيا،
ڪئن نہ سڀ ڪي زمين ڳِڙڪايو!

موتُ تنهنجي اُداس واديءَ تي،
آهہ ڪاري ڪڪر جيان ڇايَو!

سانت ۾ پانت پانت گيتَ آهن،
گوڙ جو گيت تو رڳو ڳايو!

جنڊڙي، جيت هار، سڀ سپنو،
ڇا سِڄايو بہ آهہ ڪو لايو؟

Gul Hayat Institute

هيءَ اوطاق ڪانه آ منهنجي،
جيتري وقت لاءِ تَرسايو.

بي گهري اوچتي چمِي تنهنجي،
زندگيءَ جو عجيب سرمايو.

زندگيءَ ۾ ”اياز“ هن ڀيري،
چندُ ڪيڏو نه ويجهڙو آيو!

Gul Hayat Institute

●●

ڪيتري پيهه ۾ تڳين پيئي،
گُلِ لالاَ جيان لڳين پيئي.

عمر اڳ جئن روان دوان آهين،
هِي ڪنارا رڱو ٽڳين پيئي!

ڇا نہ الجهاءُ آهہ مايا ۾،
ڇيڙهہ جئن آهہ اڄ ڇڳين پيئي؟

هاڻ هَلُ! ڇو پهاڙَ تي پڳلي،
پيرَ ڪوڙيِ وَرِي ڦٻين پيئي!

ٿِي ڪويتا اڇي ”اياز“ اڄڪلهہ،
ڇڻ تہ امرت جيان رڳين پيئي.

●●

Gul Hayat Institute

●●

مـــاڪ ۾ تــون گـــلاب جي گُل جان،
آنـهــ جڻ ڪـنـهـن ثـواب جي پُل جان!

نِنــــڊ ڏاڍي اَچي وَئــــي آهـــــي،
ڪـويـلـيُـون دورِ تـــي ويـــون هُل جان!

چَنـــڊ تـــائـين پُڳي بـــ يـــا نـــ پُڳي،
شــاعـري ڪـالـهــ سَمـنـڊ جي چُل جان؟

هــيءَ چُمــي ڪـيــتـري وَٽـي پـيــئـي،
اي پــريـــن، پـــيـــــار جي ڳري مُل جان !

گُل مَهـــــر سـپ ويـــا تــڙي پـڪــڙي،
● آ هـــوا ســـــرد، جيءَ جي جُل جان!

ذات جي ڏيـــهـــــــ ۾ اجا تــــائــــين،
نـانـهـــ ڪـوئـي "اياز" جي ڪُل جان!

●●

● جُل: هِنديءَ ۾ "فريب" کي چئبو آهي.

Gul Hayat Institute

●●

پيار تي ايترو لَهي پيو آ!
شام ٿِي، ڪاڪ ڏي ڪَهي پيو آ!

ڪالهه جهولوَ لڳو هُيو ڏاڍو،
ڏس تہ آڪيرڙو ڍَهي پيو آ؟

بَند ٿِي وئي سَراءِ، وقت ٿيو،
هِي مسافر اڃا رَهي پيو آ!

هو سَهو ڪوڙڪيءَ ۾ ڪيڏو،
چُپ ڪَري سُورڪي سَهي پيو آ!

هو اڏامي ويو هِتان، سَچ پچ!
ڪٿَ تي ڪيرُهيئن هِي پيو آ؟

ويڙهہ ڏاڍي هَلي ”اياز“ مگر،
موتَ جي ماتِ تي ڍهي پيو آ!

●●

Gul Hayat Institute

••

دردَ جي راتِ آزمائي ڏس !
جا ڏِني ڏکَ ڏاتِ، ڳائي ڏس!

وقت وَهندِي ندِي، ڪٿي نہ بهي،
سورَ سَپ سِير ۾ سمائي ڏِس!

اي پرين! آگريون مِڙي نہ وڃن،
آءُ بَربط وَرِي وَڄائي ڏِس!

سمنڊ اونهو، اُداس سانجهي آ،
ناوَ ڪي هيڪلو هلائي ڏس!

چو چٿين ٿو گلابَ! ترس اچا،
آهہ ٿوري سُڳند ڳائي ڏس!

هيءُ رستو سڌو سنئون آهي،
نہ سَجي ڏانهُن ڏس نہ ڏائي ڏِس!

پاڻ رابيل ٿا ٿڙَن ٿولئہ،
تون رڳوهَتَ ڪي وڏائي ڏِسَ!

ڪيترا گل اجا "اياز" آهن،
ڪَنڌ ڏرتيءَ متان نِوائي ڏِسَ!

••

Gul Hayat Institute

●●

ڇا سڄو آب تاب گذري ويو؟
خواب مِرچڻ تہ خواب گذري ويو!

عُمر پنهنجو پڙاءُ ڪِٿ نہ وڌو،
قافلو هو، شِتاب گذري ويو.

ياد تُنهنجي جڏهن جڏهن آئي،
موتُ، جئڻ کو جواب گذري ويو.

هي جواني هئي؟ خبر ناهي!
لَهر تي کو رباب گذري ويو.

وقت جو وهڪرو اُهو ئي آ،
آدمي؟ جن خباب گذري ويو.

سيءَ مِ اڄ ڇڏي ”اياز“ آخر،
عشق جو آفتاب گذري ويو.

●●

Gul Hayat Institute

••

وري اچون تا گناهگارو، اسان مجي مات ڪا نہ آهي.
پئو پِئو صبح جا ستارو، وَئي وَئي رات ڪا نہ آهي.

اچي ويون اوچتيون گهٽائون،وَري وُني جون لڳيون هوائون،
ڪَساب تي ويا ڦڙي نہ پئي آ، گهڙي بہ برسات ڪا نہ آهي.

نہ ماهتا بي ائين ڪِڙي آ، ڪڏهن بہ ناريل جي ڇَڙين ۾،
اچين پئي ياد ڪيترو تون، مگر ملاقات ڪا نہ آهي.

ڏِسين نہ تِي وقت آهہ قاتل؟ نہ جيءَ جذبا مُدام رهندا!
نہ تون اُها آن، نہ آنءُآهيان، نہ تانگهہ آهي، نہ تات آهي.

مِلينِ ڪڏهن تون مَسين مَسين تِي، خبر نہ آهي ڪِٿي وَسين تي!
گلاب جهڙي ڪڏهن ڏسين تي تہ ماڪ جڻ هي حيات آهي!

ڪڏهن ڪڏهن تون اَچي ملين ٿي، ڇڻ نئين زندگي ڏئين ٿِي
حيات آ قيد جي علامت، رڳو محبت نجات آهي.

جڏهن جڏهن رات شبنمي آ، "اياز" اِن ۾ ڪِٿي ڪمي آ؟
اِنهي ڪري آهي خوبصورت، نہ ڪا بہ اِن کي ثبات آهي.

••

Gul Hayat Institute

●●

ڇو ڪنهن سان اکِ اڙائين ٿي؟ ڇو ڇوري پيار وَڌائين ٿي؟
آزاد هوا جئن آهين تون، ڇو ڳٽ ڳچيءَ ۾ پائين ٿي؟

تقدير بہ پنهنجي آهين تون، زنجير نہ وجهہ تدبير مٿان،
ڇو ڪنهن سان عِشق نڀائين ٿي؟ ڇو ڀُنڀي موتَ نہ ڪائين ٿي؟

ميهارُ جڏهن تو ڪوني ٿو، تون آنهہ هوا ۾ چڙهہ تہ گهڙو،
ڇا تنهنجي لاءِ انوکو آ؟ تون ڪيئي پيارَ ٻڏائين ٿي!

هي مرد بہ ساڳا فَرد آهن، هابيلَ جيان قابيل جيان،
هي پاڻ مَرَن پر پائن ٿا، تون تِن جو خون وَهائين ٿي!

ٿا مائهو سي سنسارُ پَسن، هر وقت جِتي ملهارَ وسن،
جنهن وقت هوا ۾ هيرون ٿِي، تون ڇيلَ ڇبيلي ڳائين ٿي!

Gul Hayat Institute

ڇو آزادي قربان ڪرين؟ ڪنهن لاءِ ڳرين ڪنهن لاءِ مرين؟
ڪيڏو نہ ”اياز“ وَٺين پيئي، جي تنها ساز وڄائين ٿي!

●●

●●

ڇڻ تہ جھومي ٿي پئي هيءَ ڪائنات.
تون ڪٿي آهين پرين اڄ عيدَ راتِ؟

آنءُ آهيان ماتِ پنهنجي موتَ جي،
تون پُلو آن،موتُ منهنجي ناهہِ ماتِ.

چندِ مون لئہ جامُ ناهي تو اچي،
تون صراحي ٿي پَرين اي ڪائنات!

موت هر ڪنهن ڏي اچي تو اي پرين،
پيار ٿنهنجو؟ پيار جي ئي آهہ باتِ!

ٿيون اچن ڪاريون گھٽائون مون مٿان،
آزمايو جام منهنجي جي ثَباتِ؟

وَار کولي ڪالهہ تون آئي هُئينءَ،
ڇڻ گھٽائون ٿي وَئي هئي ڪائنات!

ڇڻ ازل ۾ تو ڏئي وَر وَر ٿُبي،
نِمُ تان ڪھڙي پکيءَ جي آهہ لاتِ؟

Gul Hayat Institute

چڱ اُتــر جو واءُ هُن لـــئـــــ آڇَهـــــو،
جيِئن تـي ڏونگـر ڏِسـي، تـيـئـن تيـزُ ڏاتِ!

ڪـو پَرنـدو هـئـن ڏنـــو آهـي نـــ مـــون،
جيِئـن پـيجري مـــان اُڏامـي ٿِي حـــيـــاتِ؟

جنـدڙي رهـنـدي خلا ۾ ڪـيـــتـــــرو؟
مـون چيـو:" اڪـــيـــوتَ وانـگـر آ مماتِ".

درد ڪـي پـنـهــنـجو وجود آهــي " اياز"،
مـــوتُ آهـي نِنـدَ وانـــگـر ڏيـنـهَـن راتِ.

Gul Hayat Institute

••

جو چٽو ڪونہ، گهاءُ آهين تون.
رَت ٽِمي ٽوچِڪاءُ آهين تون.

جڻ تہ رابيل مان ڦٽي آهين،
ايترو جو هيڳاءُ آهين تون!

دُور تان اِئن اچين پئي مونڌي،
چاندنيءَ جو چٽاءُ آهين تون.

پيار ۾ ياڪَرين پَئي منهنجي،
آگ آهين،اَلاءُ آهين تون!

جڻ تہ رڳ رڳ رچي وئي آهين،
جڻ تہ لنءَ لنءَ لڳاءُ آهين تون!

پوهہَ جي اسَ جيئن ڪو نہ آهين،
پر جياپي جٽاءُ آهين تون.

بيو ڪَويتا اُپاءُ ڪو نہ ڪپي،
آهہ جي ڪو اُپاءُ آهين تون.

رات جو لڙڪ ٿِي لهين ٿي تون،
باک کان اڳ اُهاءُ آهين تون.

Gul Hayat Institute

پاڻُ سورج مُکيءَ جيان پوتيان؟
سانجهه تي آ، سماءُ آهين تون.

چو ڦِڪي تي تئين "اياز" اڳيان،
جي اُڀرو چِٽاءُ آهين تون.

●●

Gul Hayat Institute

••

چنڊ درياهہ سان جيئن ڏوران هلي،
جيستائين هلي ساٿ توسان هلي.

ڪا بہ ڊوهي نہ آ، هَتَ ڇو هي نہ آ،
پيار تو سانُ ٿو سانوڻيءَ جان هلي.

عُمرِ! تنهنجي ندي بيهڻي ڪا نہ آ،
جيستائين ڇُلين پيار توسان هلي.

جو بہ پَل تو گذاريو ويو موت ۾،
جهولَ تولئہ جَهلي موتَ پنتان هلي.

موت جي ڳالهڙي ٿورڙي آ ”اياز“،
اڪ پوري مگر جڳ اڳي جان هلي.

••

Gul Hayat Institute

●●

تون ئي سراءِ ۾ رهہ مونکي نہ آهہ رهڻو،
موٽان يا نہ موٽان آ دوُر دوُر کَهڻو.

اي دوست! تنهنجو منهنجو سارو حساب چُڪتو،
هن ننڊ منجهہ ڪنهن جو ڪنهن ڏي نہ آهہ لَهڻو.

ساجهر سوير آندي مون لاءِ ناهہ سواري،
پر قافلو وڃي ٿومونکي بہ آ اُسهڻو.

جيڪي گهڙيون گذاريئہ، مون سان چڱيون گذاريئہ!
ٿو اڄ بہ جيءُ جرڪي، هيءَ ڳالهہ ڳالهہ ڳهڻو.

آغوش سي ڪٿي اڄُ، ڪَلهہ جن ۾ ننڊ آئي؟
هاڻي تہ راتڙيءَ جو ڪنهن هنڌ آهہ ڏَهڻو.

Gul Hayat Institute

راهِي ”اياز!“ ڪيئي ويندا لَهو لَهان ٿي،
بس پنڌ ياد رکجو، تَن جو اداس پهڻو.

●●

●●

شام ٿي، سورج مکي مُرجهائيا،
هنج جي اُڏري ويا ها، آئِيا؟

باک توتان لاکَ ڪنهن لاهي وَتي،
روئندي مون گيت تُنهنجا ڳائيا!

تو ڪَيو ڪاتو ته ها ڪيڏا هرڻ،
اوچتو جي رُجَ ڪَلهه رولائيا؟

باغ ساري تي سَرءُ وئي ڇانئجي،
چار ڳاڙها گل، اُهي ڪنهن چائيا؟

گردنون ڪيڏيون ڪَپيون ڏاتي پئي،
۽ هتوڙي ڪيترا سِر گهائيا!

”فيض“ اڳ ۾ ئي مري ويو اي ”اياز!“
جيئرا شاعر سَوين شرمائيا.

●●

Gul Hayat Institute

●●

ايتري ذاتِ تي ويو آهين،
موتَ جي ماتِ تي ويو آهين!

ڪيترا گيت تا هلن توسان،
جڻ ته باراتِ تي ويو آهين!

جهانجهه تي ڪا وَڄي شِوالي ۾،
چَنڊ جي راتِ تي ويو آهين.

ننڊ ۾ هوءَ اِئن اَچي پيئي،
جڻ مُلاقات تي ويو آهين.

روز اُڀري پئي گهَٽا توتي،
تون ته برسات تي ويو آهين.

جهولَ خالي ڏسي سواليءَ جي،
عِشقَ! سوغات تي ويو آهين.

جاڳَ- سپنا "اياز"، پَر ايڏا؟
تون ته ڪا تاتِ تي ويو آهين!

●●

Gul Hayat Institute

●●

عـــمـــر ســـاري تمـام ٿـي ويـئـي.
پـيـــار جو انـتـــقـــام ٿـي ويـئـي.

مـــئـــكـــدي جي اُداس راتِ وَري،
چڻ تـہ لـبـــريـــز جام ٿـي ويـئـي.

يـاد ٽُنـهـنجي اکـيـــون اجاري وَئـي،
مُرڪ کـائِي مـــدام ٿـي ويـئـي.

عُمـــر جي خار زار ۾ خوشـــبـــو،
اوچتـــو هـمـــڪــلام ٿـي ويـئـي.

پـيـارَ- سـورج مُکـي نـہ مُرجهـائـيـو،
آ شـــفـق- رنـگُ شـــام ٿـي ويـئـي.

Gul Hayat Institute

عــــشـــق جي اي "اياز" نـاڪـامي،
شـــاعـــريءَ جو دَوام ٿـي ويـئـي.

●●

●●

زندگي ڇڻ تہ خواب جئن گذري،
آب ۾ ماهتاب جئن گذري.

اوتَ تي اوتَ، جا ڪٿِي نہ ڪُٿي،
عُمر جامِ شراب جئن گذري.

ڪنهن مغني اهو بہ ڇاتو آ،
روح تي ڇا رباب جئن گذري.

يار سان سئرُ، سمنڊ جو ساحل،
شامَ پنهنجي حُباب جئن گذري.

هي بہ تون نانهہ، هُو بہ تون ناهين،
زندگي انتخاب جئن گذري.

سر سَرَاهت ڪري سڪِي پرسان،
ڪنهن مُقدس ڪتاب جئن گذري.

ياد ماضي "اياز" اِئن آيو،
رات روزِ حِساب جئن گذري.

●●

Gul Hayat Institute

●●

جي مـــان مـــري وڃانءَ تـــ ايـڏو نـــ روئـجانءِ!
لاڙي پـــ چار لڙڪ رُئـــي هـــار پـــوئـــجانءِ!

مـــون کـي وســارجانءِ پـ تـي گـيـت ســارجانءِ!
جي آبـشـــار جيـئـن گـلـي ۾ ســمـــوئـجانءِ!

بـرســات هـيـئـن کـا بـ وسـي نـاهـ ديـس ۾،
جي تـي سـگـهـي سـمـــاج سـڄو وقـت ڏوئـجانءِ.

آ لـوڪُ پـوڪُ، نـانـهـ سـنـدس اعـتـبـار کـو،
جي لـوڪ کـجـهـ چـوي بـ تـ مـونـکـي نـ لـوئـجانءِ.

تـو لاءِ مـــون صـــديـون نـــ ڇـڏِي ٻـڪُ روح لاءِ،
هــي گـيـت هـا ”اياز“، پـَريـــون روز ڍوئـــجانءِ.

●●

Gul Hayat Institute

●●

ڪِئن ڏينهن ٽئي، ڪئن رات لَهي، مان ڇا ڄاڻان مان ڇا ڄاڻان؟
ڪِئن دل ٽِي ايڏو درد سَهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان؟

هر لهر هُئِي مضراب جيان، ۽ سارِي عُمر رَباب جيان،
آ وقتُ جيئين درياهہ وَهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان!

هِن رُوح هَرڻ جي ڳولا ۾، ڪو پاڻي آهي؟ يا ڪونہ آهي؟
ڪيڏانهن وڃي ڪيڏانهن ڪَهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان؟

سنسار تہ ڪوئي پَل آهي، ۽ ان جو انت اٽل آهي،
ڪنهن وقت نہ ڪنهن وقت ڊهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان؟

پَلُ پيار بنان ڄڻ وَئل آهي، هي جيون ڄڻ ڪوبئلُ آهي،
تو چَڪَرِ ۾ ڪيڏو نہ ڳهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان؟

من روز مُنجهائي ٿو ساهِي، ڪنهن وقت "**اياز**" تري تائين،
ٿو سِپَ ڏِسِي موتِي نہ لهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان؟

●●

Gul Hayat Institute

●●

تِي ننڊ اچي جي نيڻن کي، هِي ذات ڏهاڳڻ جاڳي ٿي،
تا شعر اچن برسات جيان، دل ڪيڏا ٿَر بَر جهاڳي ٿي.

هي ذاتِ ڪٿي ٿي پوڙهي آ؟ تِي اَڄ بہ تہ ڳاڙها گل روڙي،
پر پوئي ڪَنڊيون پائي ٿِي، ۽ خوشبوءَ سان بَنُ واڳي ٿي.

هي پَلُ ڇا ڪائي پَلِ آهي، درياهہُ وَهي ٿو جنهن هيٺان،
تون پير ڪٿين جي سوچي ڪڻ، ڏِسجانءِ تہ لڙڪي ڏاڳي ٿِي!

جنَ ڪينجهر تي ڪنهن وقت ولر، تيئن شعر اچن ٿا چار پهر،
ڪي ننڊ اُڏارون تِي آيا، ۽ ڦاٿا ڪي اوجاڳي تِي.

ڪيڏانهن ڪهين توچاڙُ اِهو، بيو ڪجهہ ناهي هن ذات جهو،
چِڙواڪ "اياز" اچا رهنديِن، ڪو ماڪ ڏِسِي اُن ماڳي تِي.

●●

Gul Hayat Institute

●●

جنهن وقت اَسُر جي هِير اچي، جنهن وقت پکي پَر کوهِن تا،
تنهن وقت گلن تي ماکَ ڦڙا، مَنُ منهنجو کيڏو موهِن تا!

مون چاڻَ بڻائي ڄَر جيءَ جِي، جڻ آهه تَپت کنهن آويءَ جي،
تا تن مان ڇاڇا تانوَ جڙن، جي کُنيرِ مِٿي ڳوهِن تا!

هو کير هُيا جن ڳاتو ٿي؟ جن اونهو سمنڊ سُڄاتو ٿي؟
سُر سارا نکتا سانت منجهان، اڄ جيکي سازَ سَموهِن تا!

کنهن وقت اَچي ٿي کِريَ متان! کر پيار "اياز" وڏيڪ اچا،
سي ماٺهو جُڳ جُڳ شال جِيَن، جي پريت کري پاڀوهِن تا.

●●

Gul Hayat Institute

●●

اِئن دل ۾ ڪيئي سال رَهي، اي شعر صدائون ٿي ويندءُ،
مون چاتو هو، مون چاتو هو، گھنگھور گھٽائون ٿي ويندءُ!

هن جيون ۾ جي پَهر هُيَءَ، سي چاندوڪيءَ جي لَهر هُيءِ،
رهندءُ نہ اِئين ڪنهن چاتو هو، ڪنهن وقت جفائون ٿي ويندءُ!

اي هَرٽين جهڙا نينَ اِئين، ڪنهن وقت پٽون پٽڪائيندوءُ،
ائن دوُرِ رَهي ايندءُ نہ ڪَهي، ڪي ريتِ- هوائون ٿي ويندءُ!

وِرلي تہ ڪِرو ٿا اي ڳوڙها، وِيران اکين مان ورهين ۾،
ڪنهن چاتوهواج بارش جون، مون لاءِ دعائون ٿي ويندءُ!

هي چار ڏهاڙا چاندوڪي، ايڏو نہ تڏو اِن ڏانهن ڏسِي،
بس، آهہ ”اياز“ عجب اِن تي، انسان خدائون ٿي ويندءُ!

●●

Gul Hayat Institute

●●

جنهن وقت گهَٽا گهنگهور آچي، ۽ مورَنچن، تو جامَ پَريان،
ٻي آنءُ عبادت ڪَيئن ڪريان، چَوءُ ڪيئن ڪريان، چَوءُ ڪيئن ڪريان؟

تَنهن وقت هوائون ٻُتجن ٿيون، جنهن وقت پکي تو آنءُ ڪُهان،
تَنهن وقت سمندر گهُٽجي ٿو، جنهن وقت مڇي تو آنءُ تَريان!

● مون پيهر لاٽوڪوسُ آهي، ڏس چند اچا آ پاٽيءَ ۾!
جي تون به چِڪائين او ساٿي، مان چاهيان تو اَن کي به پريان!

هي تارِ صراحي اوڏو آ، جو پيئين، پيءُ انهيءَ مان تون!
ڪنهن بادل تان ڪنهن سپني مان، تون آئي آهين ذاتِ پَريان!

تون پيار ڏئي سنسارُ ڏِنو، تو مونکي پارُ آپارُ ڏِنو،
هي خونُ تہ منهنجو ڪُجهہ ناهي، مان تُنهنجي ٻيو ڇا ٻيتَ ڏريان؟

اي همعصرو! جيڪي بہ چئو، پيهار ”اياز“ نہ ايندو ڪو،
خاموش رهان ٿو ان لئہ جو، مان ڪنهن تي ڪنهن تي مُگُ ڏريان!

●●

● ڪوسَ:- تر ۾ چمري جي ڏول کي چَوندا آهن.

●●

وِئي عمر خوشبوءِ جيان اي گلابو، وري ڪا نہ ايندي، وري ڪانہ ايندي!
اَڏامي تہ شبنم جيان آفتابو، وري ڪانہ ايندي، وري ڪانہ ايندي!

اِهي ميڪدا ڪونہ هيهارَ کُلندا، وَرِي رِندَ تڙندي ڪٿي ڪونہ رُلندا،
خُمار آهہ ڪوئي جواني، شَرابو، وَري ڪا نہ ايندي، وري ڪا نہ ايندي!

ڪِٿي ڪانہ بِهندي ڪٿي ڪانہ بهندي، اها آبشارن جيان تيز آهي،
ڏسو ٿا انهيءَ جي رواني حُبابو، وَري ڪانہ ايندي، وري ڪانہ ايندي!

اها چاندني رات ڪجهہ پَهر آهي، وَجي ٿِي اِئين جيئن ڪا نهر آهي،
ڪٿي نَهر آهي اِنهيءَ ماهتابو؟ وري ڪانہ ايندي، وري ڪانہ ايندي!

نشاني اها سوال جِي آهہ يارو، جُدائي ازل کان لکي آهہ پيارو!
ڪيو غور چا تي پيا لاجوابو؟ وَري ڪانہ ايندي، وَري ڪانہ ايندي!

Gul Hayat Institute

"اياز" آهہ هي نانَو جي چانوَ ڪيسين؟ ڏيَن ٿا رکو ڏڍُ هُو هانوَ ڪيسين؟
انهن کي چَئي ڏي تہ خانہ خرابو، وري ڪا نہ ايندي، وري ڪانہ ايندي!

●●

●●

يار سان پيار جي ڳالهه آ.
ڪا تہ اقرار جي ڳالهه آ.

موت جڻ مُسڪرايو ٻُڌي،
زندگي پارَ جي ڳالهه آ.

تو اُڏامي پکي واءُ ۾،
لاتِ؟ ٻي پارَ جي ڳالهه آ.

چَنڊ لائون لهي ٿو متان،
ڪنهن تہ دلدار جي ڳالهه آ.

اي "اياز" اوچتو موت ڇو؟
بس اها خارَ جي ڳالهه آ.

●●

● نوٽ: هي غزل ٿي پيرا "فاعلن" تي ٻهريون پيرو لکيو ويو آهي. (ش-١)

Gul Hayat Institute

گیت

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

●●

ڏِسُ هـــي قـــــول ٿلارَ ۾،
روهـــيــــــــڙي جي ڏارَ ۾!
نيٺ تہ سڀ ڪجهہ ڇڏڻو آهي.

چانـدِوڪـيءَ ۾ ڪـيـئـي چوءَنـرا،
ڪــيـــــڏا جوڙا پـــيـــارَ ۾!
نيٺ تہ سڀ ڪجهہ ڇڏڻو آهي.

ڪـيـــڏا گـيـت سـمـايـل آهـن،
تـــنـبـــــوري جي تـــارَ ۾؟
نيٺ تہ سڀ ڪجهہ ڇڏڻو آهي.

لَنءَ لَنءَ ڪـيــسين لـرزش هـونـدي،
واريءَ جي تـــــذ ڪـــارَ ۾؟
نيٺ تہ سڀ ڪجهہ ڇڏڻو آهي.

ڪـٿـن چٿـجي، ڪـيــسن رهـڻــو آ،
مـــٽــيءَ جي مــــهــــڪـــارَ ۾؟
نيٺ تہ سڀ ڪجهہ ڇڏڻو آهي.

Gul Hayat Institute

تـنـهـنجا وَارَ گـهـٽـائـون ٽـيـنـدا،
ڇا اِڳـتـــي انــــذڪـــارَ ۾؟
نيٺ تہ سڀ ڪجهہ ڇڏڻو آهي
هر مـاڻـهـوءَ جئـن لـڌڻـو آهـي
پـيـو ڪـوئـي گـهـر اَڏڻـو آهـي.

●●

••

تو ماڻيون جي رنگَ رَليون،
ڪَوڙيون جهڙيون ٺوهـَ- وليون.
آنتُ نـَ چاتئـ!

نيٺ ڇڏيندين ميلو تون،
هوندين نيٺ آڪيلو تون.
آنتُ نـَ چاتئـ!

سچُ لـهي ويو سنڌوءَ ۾،
سانجهـ لٿي ساري جُوءَ ۾.
آنتُ نـَ چاتئـ!

وَڻُ جو ڀَر تي بيٺو آ؟
نيٺ تـ آڪـڙي ويٺو آ!
آنتُ نـَ چاتئـ!

سانجهيءَ جو مانداڻ ڏِٺئـ؟
ڀُ پاڻيءَ ۾ پاڻ ڏِٺئـ؟
آنتُ نـَ چاتئـ!

هر شيءِ اچڻي وڃڻي آ،
ٽُنهنجي مُور نـ مڃڻي آ.
آنتُ نـَ چاتئـ!

سارو ڏينهن رڳو ڳاتئـ!
آنت نـ چاتئـ، ڇا پاتئـ؟
آنتُ نـَ چاتئـ!
آنتُ نـَ چاتئـ!

••

Gul Hayat Institute

●●

تنهنجي ڪارڻ ڇا نہ ڇَڏيو آ،
آڪيرو جنهن جاءِ اَڏيو آ،
سو وڻ تون ئي آهين.

تارا جئن فانوس ٻَرن تا،
لوءِ ڇڏيو ٻي لوءِ لَڏيو آ،
آڪيرو جنهن جاءِ اڏيو آ،
سو وڻ تون ئي آهين.

آنءُ تہ تنهنجي راهہ وَتي هئي،
پر هِي جاتل ڪيرُ گڏيو آ؟
آڪيرو جنهن جاءِ اَڏيو آ،
سو وڻ تون ئي آهين.

Gul Hayat Institute

جنهن تي پنهنجو پاڻ پَڏيو آ.
سو وڻ تون ئي آهين.
سو وڻ تون ئي آهين.

●●

●●

مـــان جو وڳهـــــ ڪــوٽ ۾،
ســــــاڳو پـــــاڳو پــــانَ،
تـنـهـنـجو هـان مـهـمـان،
چارڻ تـــورا ڏيـنـهـــڙا!
مُنهنجي چَنگ چِڪن تـا سـڏڙا،
شـهـنـايـون تـي مـنـهـنـجا هـڏڙا،
ڳائـــي تـــو ارمـــانَ.
تـنـهـنـجو هـان مـهـمـان،
چارڻ تـــورا ڏيـنـهــڙا.
واهـيـــري جي ويـرَ اچي وئـي،
تَنـدُ اڳي ڪـــان وَڌِ مَچي وئـي،
جيءَ ڏنـــــو جولانَ.
تـنـهـنـجو هـان مـهـمـان،
چارڻ تـــورا ڏيـنـهــڙا.
پـرڪـي ويـنـو اج بـہ چنيـسـر،
منهنجي مُک تي گـيت منو۽هَر،

دودا! گـيـتَ مـهـانَ.
مـان جو پـاڳو پـانُ،
تــووٽ هـان مـهـمـانَ،
بـاقـي تـورا ڏيـنـهـڙا.
بـاقـي تـورا ڏيـنـهـڙا.

●●

Gul Hayat Institute

••

گاهہ هُيو يا ساوا بادلَ،
جئن جئن هِيرَ گهُلي!

سمند ڏني ڏيکاري اُڀ تي،
آهن ڪيڏيون لهرون جَل ٿَل،
ساري پيرڙَ پُلي!

ترسو مان بہ هلان مرغابيون،
دور اوهان سان گهاريان ڪي پَلَ!
چوليءَ جيئن چِلي.

ڌرتيءَ جا زنجير جڏهن تا،
کِهلن پيرَ، نہ ڪا تن جي جهَلَ.
چاڙهي روحہ رُلي!

ڪيڏي لونءِ پيئي ڪانداري،
جڻ تاڪيو ڪو ڪوليو بخملَ!

سانجهي جيئن ڪُلي،
پيهر هِيرَ گهُلي،
پيهر هِيرَ گهُلي.

••

Gul Hayat Institute

●●

واٽهڙوءَ جي واٽَ نہ جَهل،
ڏاڍو ڏورُ وڃي ٿو هو.

ٽُنهنجا نيڻ چلن ٿا ڇوري، پاڻ ته پَل!
ڏاڍو ڏورُ وڃي ٿو هو.

هيءُ اڪيلو آهہ سفر ۾، سامهون ڳهَلِ!
ڏاڍو ڏورُ وڃي ٿو هو.

روڪي واڳ نہ ڇڏ ڪجهہ هن کي، اي ويا ڪَل !
ڏاڍو ڏورُ وڃي ٿو هو.

پَتَ هُو پڙ تان ڪنهن لئہ، ڪُوڪي ٿي ڪوَيل.
ڏاڍو ڏورُ وڃي ٿو هو.
ڏاڍو ڏورُ وڃي ٿو هو.

●●

Gul Hayat Institute

●●

سڄَ لـهـي ويـو ڏونـگـرڻن ۾،

پـويـاڙي آئـي.

سـيـئي مـوٽـن تـا گـهـرڻن ۾،

پـويـاڙي آئـي.

ڏيـهـي روز ويـا ڌرڻن ۾،

پـويـاڙي آئـي.

ڪـنـهـن جي ذات هـئـي ڌرڻن ۾،

پـويـاڙي آئـي.

پـويـاڙي آئـي.

Gul Hayat Institute

●●

●●

سَرَ تــــي سَنَ لَتـــــي آ ايـــــڏِي،
ســـانجهـــ پـئـي اَجُ ڳائـــي!

ڏُورِ افــق ڏي واجهـــائـــن تـــا،
ڦَڙ ڦَڙ پـــرڙا ڦـــڙڪـــائـــن تـــا،
چو اِئـــن هـــنـــج آلائـــي!

ڪــنــهــن تـــ پِريــان جي پُورَ اُڏامِي!
ويـــنـــدا گـــهُوري گــــهُور اُڏامِي،
واٽ پَئِي واجهـــــــائــــي !

مـــانـــســـرو ور تـــي گهـــرُ تِن جو،
ڪـــوبـــ نـــ آهـــي ڀـــيــو تَر تِن جو،
جيـــــڪـــو تَنِ ترســـائـــي.

ڪَنــي ڪــٹــن تـــا تـــارا تَن لـئــ،
تـــيـــســـين هـــيــٹ نِهـــارا تَن لـئــ،
جيـــــســـين واءُ اُڏائـــي.

تِن جو آنــت نـــ پـــائـــي ڪـــوئـــي،
تِن جو گـــيـــت آلائـــي ڪـــوئـــي،
ســـانجهـــ پـئـي اَجُ ڳائـــي.

●●

Gul Hayat Institute

●●

مـــانــجهــي وو!
مـــانــجهــي وو!
هــنــجهـــ أڏاٽــا انــديــاري ۾،
آئـــي سَرَ تـــي ســـــانــجهِي وو.
مـــانــجهـــي وو!

مـون وٽ آهـ مـيجيءَ سـان تـولـئـ،
اڄ تـــ ڪُنـيءَ ۾ ڪـانـجهِي وو،
مـــانــجهـــي وو!

هـان! هـي پـويـون ڏُڪُ، سَڌي پَئي،
اونـــدهـــ ڪـــا آڳانـــجهِي وو،
مـــانــجهـــي وو!

ڪـائي جوت پَريان جهـمـڪي ٿِي،
واٽَ نـ جنـهـن ڪـان واڻجهِي وو.
مـــانــجهـــي وو...
مـــانــجهـــي وو...
مـــانــجهـــي وو....!

●●

Gul Hayat Institute

●●

چَنڊُ مون سان هَلي ٿو پيو.
واٽ تي ڳالهه تنهنجي سَلي ٿو پيو.

تي وچي واٽَ پرڏيهه ڏي دُرر تائين،
لاٽَ تي لاٽَ پرڏيهه ڏي دُورتائين،
پاڻُ پنهنجو نه مون کان پَلي ٿو پيو.
چَنڊُ مون سان هَلي ٿو پيو!

روشنيءَ جا سَهارو، سِتارو ڏسو ٿا،
رات جو کيترو دُور چارو ڏِسو ٿا؟
جيءَ کي جڳُ ويندي جهَلي ٿو پيو!
چَنڊُ مون سان هَلي ٿو پيو!

رات کي مات ڏيندا وَجون ٿا ٻئي اَجُ،
ڳجهه جي ڳالهڙي ئي مجون ٿا ٻئي اَجُ،
پر سڄي ڳالهه مون کان اَلي ٿو پيو،
چَنڊُ مون سان هَلي ٿو پيو!
چَنڊُ مون سان هَلي ٿو پيو!

●●

Gul Hayat Institute

••

تون تہ لَوَن جون تاريون توڙي،
كاريون جوڙي.
آئي آهين وِچ بزار!

كنهن كنهن جي ڦلواڙي آهي،
جيكو چاهي.
تُنهنجي كارِي پياري نارِ.

ڇا كنهن پوكيا گل گلابِي،
جيئن شرابي،
آهي باكَ پِرهہ جي پارِ.

كاري رنگ مُهاٽي ڳِنهندي،
۽ پوكيندي،
كارِي هيءَ ككيءَ سان تار.

تنهنجي كِرت اِهائي كارِ،
آس نراس وِسارِ.
آئي آهين وِچ بزار!
آئي آهين وِچ بزار!

••

Gul Hayat Institute

●●

چَنــدَ ڊِگِڙ ڳِڙڪـــائـــي ويـــئـــي،
ڪــــــــاريءَ رات ڪــــــــي،

ڪـــيـــــر چوي!

ٻَڪَ نــئــين يـــڙڪـــائـــي ويـــئـــي،
ڪــــــــاريءَ رات ڪــــــــي،

ڪـــيـــــر چوي!

هــيــلَ گــهــتــا پــيـچر ڪـــان آئـــي،
ءِ پـــوســــــاري جڳ تـــي ڇائـــي،
اونــدهــ ڪـــي ڦـــهــلائـــي ويـــئـــي،
ڪــــــــاريءَ رات ڪــــــــي،

ڪـــيـــــر چوي!

●●

Gul Hayat Institute

●●

باک ڦٽيءَ جو ڪويَل ڪوڪي،

مُنهنجي ننڊَ ڦِٽي!

جيئن هوا ڪمري ۾ ڏوڪي،

مُنهنجي ننڊَ ڦِٽي!

پيرِ جڏهن تارين کي ٻوڪي،

مُنهنجي ننڊَ ڦِٽي!

● پردا ڄَرڪن سجَ- پِيوڪي،

مُنهنجي ننڊَ ڦِٽي!

●●

Gul Hayat Institute

●پِيَو ڪي: - شعاع.

••

• ڪـنـهـن جي لاءِ اُداس؟ مَنـوا !

هِي جڳَ، هو جڳ جنهن سان جرڪي، جيـڪو آهي پاسَ، مَنوا!
چَنڊُ وجي ٿـو اج چيـريـنـدو، اونـداهـو آڪـاسُ، مَنـوا!
جنهن جي آهي هيءَ سِرشـتي، جنهن ۾ ڪجهـ بـہ نـہ نـاس،مَنوا!
جيـڪـوڪـو نـہ جهُري ٿو اُن سان، توڙي ماٺـهوءَ ماس، مَنوا!
جيـڪـو نانـهـ ڪڏهن مُرجهـايو، وَر وَر سـاڳو واس،مَنوا!
آسَ- ڏياتـي، جنهن سان رم جهم،جيـڪـو نانهـ نـراس،مَنوا!
سانجهـ لٿي پر سورج مُڪيءَ جئن، آهي مون وشواس، مَنوا!
ڪـنـهـن جي لاءِ اُداس! مَنـوا!
ڪـنـهـن جي لاءِ اداس؟ مـنـوا!

• مَنوا:- اي مَن!

Gul Hayat Institute

••

ڪَهـنـدي اُسـهـنـدِي آءُ!
تـوڪـي مـنـهـنجو مَن سَاري.

ڳهـٽا شـفق جا، پـويـان جَڙائوُ،
پـو رات لـهـنـدي، آءُ!
تـوڪي منهنجو مَن سـاري.

پـاران اَچِي ٽـا ٽِتَر تـنـوارن،
ٽِي پکَ ڪَهـنـدي، آءُ!
تـوڪي منـهـنجومَن سـاري.

هي وهـڪـرو ٽِي ڪـنهن هنڌ پورو،
وهـلـورَ وهـنـدِي، آءُ!
تـوڪي مـنـهـنجو مَن سـاري.

هـي ڊِيـٺُ نـگـري آ نـيـٺ ڏَهـٽـي،
هـا، پـَڪَ ڍهـنـدي، آءُ!

تـوڪي مـنـهـنجو مَن سـاري.
تـوڪي مـنـهـنجومَن سـاري.

••

Gul Hayat Institute

●●

مان تہ تنهنجي ساٿ آهيان،
تـون اَڪـيـلـي نـانـهـہ پَـنڌ.
تــــــــــون اَڇين ٿِي!
تــــــــــون اَڇين ٿِي!

راتِ جي راڻـيءَ جيــان تــون،
آنــهــہ ڇڻ ڪــائـي سُگنــڌ
تـــون اَڇين ٿـــــي!
تــــــــــون اَڇين ٿِي!

روح ۾ ايـــڏو رَچي وئـــي،
ڪـا تـہ مـــوکِي آهـہ مَنـڌِ.
تــــــــــون اَڇين ٿِي!
تـــون اَڇين ٿـــــي!

تـون نـہ ڄاتـو اي ڇبـيـلِـي!
تـون تـہ منـهـنجي آنـهـہ ڇَـند،
تـــون اڇين ٿـــــي!
تـــون اڇين ٿـــــي!

●●

Gul Hayat Institute

●●

آنءُ ڪنول جو ڦول ڏسان،
تون ياد اچين!
آنءُ ڀنور- گنجار سڻان،
تون ياد اچين!
رات جڏهن گهنگهور هجي،
جيئن هوا گهوگهاٽ ٻڌان.
تون ياد اچين!
پرجن منهنجا نينءُ- ڪڪر،
ورڪا تي تولاءِ وسان.
تون ياد اچين!
دڙ لاتا درياهہ گهڻا،
تون لهرن ۾ چنڊ جيان.
تون ياد اچين!
آنءُ ڏِياتي روز جهَلي،
ڪيسين چائنٽ تي ترسان،
تون ياد اچين!
هر ڪو واتهڙو آهہ چڻ،
مان ڪنهن ڪنهن لءِ واجهہ وجهان.
تون ياد اچين!
نيٺ تہ اچڻي آهين تون،
ها، پر جي مان ئي نہ هجان.
تون ياد اچين!
تون ياد اچين!
تون ياد اچين!

●●

Gul Hayat Institute

●●

ڪاري اُس حقيقت آهي،
خوابَ نسوري ڇَانو.

آڳميا هر وقت رهن ٿا،
ڪڪريون ٻڻجي دور ڪهن ٿا،
رم جهم رم جهم ساريون راهون،
ڳامَ هُيا ياڳانو.

ويندي ڪيڏو پيرَ سڙن ٿا،
اُيرِي ڪيئي سجَ لڙن ٿا،
جيئن پوءِ تپت آ ڏاڍي،
ڪيڏِي مونجهه نہ هانو!

سانجهہ لَٿي من ويڳاڻو آ،
جيون ساڳوئي گهاڻو آ،
متيءَ کان ٻاهر بہ تہ هوندا،
ماڻهوءَ لئہ تِر تانوَ.

هار ڪري ٿي پو تاهر ڪنهن،
رَتَ چِڪَندا گهاوَ هُيا جَنهن،
منهنجي ڪهڙي ڪم آيا هِي،
ڏکَ ڏنا جي ڏانو؟

مون لئہ رَتَ ولوڙا ساڳا،
ماڻهو اَنڌا ٻوڙا ساڳا،
اهو ايچيوتن جو مون تي،
ڇاتائون ٿي نانو.

●●

Gul Hayat Institute

●●

ڇا لاءِ ائـــــين دِل لاتِي ٿِي،
هـيءَ دنـيـا ڪـوئِـي پَلَ آهـي.

هي رِمِ جهم رات سـدا ناهي،
جا سـاـنـوڻ رُت مرڪاتِي ٿِي،
هـيءَ دنـيـا ڪـوئِـي پَلَ آهـي.

ها، جيسين جيئِين جِي وَٽ تون،
هـيءَ چانڊوڪـي مـذمـاتِي ٿِي!
هـيءَ دنـيـا ڪـوئِـي پَلَ آهـي.

ڪو سنگ سدائين ڪو نہ آهي،
ڪجهہ وقت اِهي گهر ڀاتِي ٿِي!
هـيءَ دنـيـا ڪـوئِـي پَلَ آهـي.

ڪيڏانهن اِڪي تون وِڃڻو آن،
ڇا پـنـهـنـجِي راهہَ سُجاتِي ٿـي؟
هـيءَ دنـيـا ڪـوئِـي پَلَ آهـي.

جيڪـا بہ چڱائي چاهين، ڪَر!
هي ٿـورو وَقتُ حـيـاتِي ٿـي.
هـيءَ دنـيـا ڪـوئِـي پَلَ آهـي.

Gul Hayat Institute

اي مورتيو! نِڪرو بہ ڪڏهن،
اڄ آهـــي ڇيـــــڻي آتِي ٿِي!
هيءَ دنـيـا ڪـوئِي پَلُ آهـي.

آ ڪــيـــڏي لات اچا اڳتـــي!
ٻولي تہ رڳو هڪ جهاتِي ٿِي،
هيءَ دنـيـا ڪـوئِي پَلُ آهـي.

اڪ ٻُوٽِ تہ پيارا ڪجهہ ناهي،
هـي پـريت اَچائِي پـاتِي ٿـي!
هيءَ دنـيـا ڪـوئِي پَلُ آهـي.
هيءَ دنـيـا ڪـوئِي پَلُ آهـي.

••

Gul Hayat Institute

••

پَري نہ پنھنجو پنڌُ،
اِھو ئي ھنڌُ،
اِتي ئي موتي ايندا سين.

مايا روپُ انوپُ،
اُنھيءَ جو روپُ،
مَڏَر ڪا مُند،
لڳي جئن مَنڌ!
اِتي ئي موتي ايندا سين.

اُن جو پيارو سنگُ،
جئين مرڏنگُ،
اُھو آواز،
سدا سوڳند.
اِتي ئي موتي ايندا سين.

جيسين گذري رات،
تئي پربات،
متان جو چَندُ،
اُنھي ڏي ڪَنڌ!
اِتي ئي موتي ايندا سين.
اِتي ئي موتي ايندا سين.

••

Gul Hayat Institute

●●

صَدائون تہ هونديون!
جڏهن مان نہ هوندس.
محبت تہ هوندي،
وفائون تہ هونديون!
جڏهن مان نہ هوندس.
اڙي چندَ تنهنجون،
چِتائون تہ هونديون!
جڏهن مان نہ هوندس.
مسيحا تہ هوندا،
اَدائون تہ هونديون!
جڏهن مان نہ هوندس.
شگفتہ شگفتہ،
صبائون تہ هونديون!
جڏهن مان نہ هوندس.
پَيا مينهَن پَوَندا،
گهَٽائون تہ هونديون!
جڏهن مان نہ هوندس.
آڙي جگَ توتي،
جَتائون تہ هونديون!
جڏهن مان نہ هوندس.
جڏهن مان نہ هوندس.

●●

Gul Hayat Institute

نوٹس

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

تُلسي داس

تُلسي داس جي باري ۾ ائين ڄاڻ گهٽ آهي، جيئن هُن جي سهيوڳيءَ شيڪسپيئر جي باري ۾ ڄاڻ گهٽ آهي. ٻنهي پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ ئي نام-ڪَنيا ۽ چنگ چڙهيل هُيا. ٻنهي جي باري ۾ ڏند ڪٿائون ۽ ڪهاڻيون آهن، جي وسهڻ جوڳيون نه آهن. سچ ته تلسي داس جي باري ۾ ٿورا تفصيل ملن ٿا، جن کي للڪاريو ويو آهي، يا انهن کان ٻنهه انڪار ڪيو ويو آهي. انهن مان اڪثر تفصيل ته هڪ ٻئي کي رَدُ ڏين ٿا. هُن جي جيون ڪٿا جا مُنڍَ ۽ مُهڳ ڪيئي آهن، انهن سڀني مان ميل ڪائيندڙ ۽ نهڪندڙ آهي آهن، جي تُلسيءَ جي لکڻين ۾ ملن ٿا. ٻيا هن جي جيونين جي ڀهير ۾ ملن ٿا، جي هن جي سهيوڳي يا لڳ ڀڳ سهيوڳي ويشنو سنتن لکيون آهن، جن مان ڪَويءَ جي جيون جي باري ۾ ڪجهه پتو پوي ٿو.

هن جي ڄم جي روايتي تاريخ ته بسنت ۱۵۵۴ع آهي، جنهن موجب هن جي ڄمار هڪ سئو ويهه ورهيه ٿئي ٿي. ٻيو رايو اِهو آهي ته هو بسنت ۱۵۸۱ع ۾ ڄائو هو ۽ ۹۹ سال جيئرو رهيو هو. گريئرسن بسنت ۱۵۸۹ع کي وڌيڪ اعتبار جهڙي تاريخ مڃيو آهي. تُلسي ڪٿي ڄائو هو، ان جي باري ۾ ٻه ڪا خاطر خواهه شاهدي نه آهي. لڳي ائين ٿو ته هو راجا پوُر يا ايوڌيا ۾ ڄائو هو. هُن جي گروءَ جي باري ۾ ٻه پورو پتو نه آهي. هو پنهنجي جڳ-پَرسدِ ڪتاب "رام چرت مانس" (جنهن کي سنڌي هندو شري تلسي رامائڻ چوندا آهن) ۾ چوي ٿو ته:

"مان پنهنجي گروءَ جي چرنن جي پوڄا ڪيان ٿو،
جو ديا جو ساگر آهي، نارا روپ هري،

جنهن جا ٻول ڪرنا آهن.
جي مايا جي انڌاري کي هٽائي ڇڏن ٿا."
تي سگهي ٿو ته هُن جي گروءَ جو نالو "نارا روپ هري" هيو، جيتوڻيڪ انهيءَ لفظ جي معنيٰ آهي، "هريءَ جي روپ ۾ ماڻهو" ۽ اهو امڪان رد ڪري نه ٿو سگهجي ته اِهي لفظ هن لغوي معنيٰ ۾ لکيا آهن.
هن جي ٻالاڻ، ۽ ڳڀرو- پڻي جي ڳالهين جي باري ۾ به پورو سُڌ سماءُ ڪونه آهي. هن جي پنهنجين لکڻين مان پَرو پوي ٿو ته هن جو وواهه سنبت ١٦١٢ (١٥٥٥ ب-ا-م) ۾ ٿيو هو. ڪي چون ٿا ته هُن جي ڌرم پتني واهڻي هئي ۽ هن کان هڪ سال ننڍي هئي ۽ ڪي چون ٿا ته هوءَ تلسيءَ کان ڏهه سال ننڍي هئي ۽ جمنا نديءَ جي پرسان ڪنهن وستيءَ ۾ رهندي هئي. هن جي ڪويتا ۾ جنهن استريءَ لاءِ لَنوَن ۽ پريتڻي جو اظهار ملي ٿو، اهو ٻي ڪنهن استريءَ جي باري ۾ آهي.
تلسيءَ جي وِديا جي باري ۾ به ڏڪا هنيا ويا آهن. "رام چرت مانس" ۾ هن چيو آهي ته:
"مون پراڻن ۽ ٻين ڪيترن مُول گرنٿن
جي کوهه مان پاڻي پريو آهي ۽ والمڪيءَ
جي رامايڻ مان به ڪافي ڪجهه پرايو آهي."
هُن هونءَ ته ڪيئي ڪتاب لکيا ها، پر "رام چرت مانس" لکڻ کان اڳ هن ڪيئي سفر ڪيا. هو هَردوار ويو، هماليه ۾ نارا ناراڻيا، ڪيدار ناٿ، گنگوتري، جمنوتري، ڪيلاش، گوري ڳنيش ۽ آخر ۾ مانسرووَر جي تيرٿ استانن جي ياترا ڪيائين. هو جڏهن ياترا تان موٽي ايوڌيا آيو، تڏهن رام جي جنم پونءَ تي رهي، اها ڏکهي ڪَوِتا شروع ڪيائين. اُن کان پوءِ هو وري ياترا تي ويو. هن اوير طرف گومتيءَ جي ڪناري وچي اشنان ڪيو، اُن کان پوءِ ڪاشيءَ ويو، جتي مڪر سنڪرانتيءَ جي ڏڻ تي ماگهه جي مهيني ۾ سنان ڪيائين ۽ مهينو پوءِ چترا ڪُٽا جي ٻهاڙين ۾ هليو ويو. اُتان هو بسنت ۾ موٽي وري اَيوُڌيا آيو، پر اُتان وراڻسيءَ هليو ويو. ياترا هن کي اولهه طرف تروينيءَ (الله آباد) ۽ اُتان اُجين حي رستي گوداوريءَ نديءَ جي ڪناري وٺي وئي، جتان هو راميشور ۽ ڪنيا ڪُماريءَ ويو ۽ پوءِ الهندي طرف کان سُور شاستر ويو، جيئن هو ڪُر ڪيتر ۽ مترا وچي سگهي، جتي هن کي راڌا ۽ ڪرشن سان ڀڳتي پاؤ ٿي ويو. هن جي ياترا نربدا جي ڪنٺي تي پوري ٿي، جتان هو وَراڻسي موٽي آيو. اِها ساري ياترا، رام چرت مانِس، سان ڪيئن لاڳاپيل آهي، اِهو چِٽو نه آهي. لڳي ائين ٿو ته پوءِ وراڻسيءَ ۾ هن جي ڏاڪ ويهجي وئي. هن پاروتيءَ منگلا (پاروَتيءَ جو وواهه)، ڪوتا ولي، گوتم

چندريڪا، ڀڳت مالا، گيتا ولي، ڪرشن گيتا ولي وغيره ڪتاب بہ لکيا ۽ آخر ۾ وِنيہ پتريڪا لکيو، جنهن ۾ هن رام کي پرارٿنا ڪئي تہ هو ڪيس جڳ جي دک ۽ پيڙا مان ڇوٽڪارو ڏئي، پر هن جو سڀني کان سٺو ڪتاب "رام چرت مانس" (شري تلسي رامائڻ) آهي.

ناڀاداس نالي ڪويءَ چيو هو تہ: "تلسيءَ ۾ آدي ڪوي (ازلي شاعر) پيدا ٿيو آهي."

اهڙي واڪاڻ ورلي ڪنهن جي ڪئي وئي اهي. سنبت ١٦٧٣ (١٦١٦ ب.ا.م) ۾ وراڻسيءَ (بنارس) ۾ ڪائي وبا يا مَري پئي. تلسيءَ جي نِرو آئي ۽ صحت ڇڇي پئي ۽ هن جي پوئين ڪوتائن ۾ هن جي روڳ ۽ ضعيفائيءَ ڏانهن ڪيئي اِشارا آهن. شايد اهوئي سبب هو جو هُن پنهنجيءَ حالت ۾ زياده گهريءَ معنيٰ جي تلاش ڪئي ۽ پنهنجي اندر ۾ نئين سِر جهاتي پاتي.

ونيہ پتريڪا ۽ ڪويتا وليءَ ۾ انهيءَ تبديليءَ جا پهريان آثار آهن، جنهن ۾ ١٦١٦ بعداز مسيح واري مريءَ ڏانهن واضح اشارو آهي. هن جا بہ بيا ننڍا پُستڪ "هنومان ڀڳت" ۽ "دوها ولي" انهن کان پوءِ لکيا ويا، جن ۾ هن جي پنهنجي ڪَشٽ ڪشالي ڏانهن اشارو آهي ۽ جن ۾ اُن پيڙا جو ورَنن ڪيل آهي، جا هن کي پيرن، پيٽ، ٻانهن ۽ مٿي ۾ هئي ۽ هن جو سڄو سرير سُور ۾ ٻرجي ويو هو. انهن پستڪن ۾ انهيءَ دوا درمل، سُٽين ڦڪين، ٽوٽڻ ڦيٽڻ ۽ پرار ٿائن جو بہ ذڪر آهي، جن جو هن تي ڪوبہ اثر نہ ٿيو هو. انهن ڪويتائن ۾ جا اڻ ترڻ، آنند مانند ۽ تانگهہ تات آهي، اها هن جي اڳين ڪويتائن ۾ نہ آهي، جي هن مَن جي مانائيءَ، سانتيڪائيءَ ۽ ٿانهر سان لکيون آهن، انهيءَ وَبا ۾ تُلسي سنبت ١٦٨٠ (١٦٢٣ بعد از مسيح) ۾، اَسي ورهين جي عمر ۾ مري ويو ۽ هن جا سنک گنگا ۾ پرواهہ ڪيا ويا.

راما نند جي باري ۾ پوري پڪ نہ آهي تہ هُن جا ويچار ڪهڙا ها ڇوتہ هن جي باري ۾ ڪتاب نٿا ملن، پر شنڪر ۽ رامانج پنهنجين لکيتن پنهنجين مَتين ۽ فيلسوفين جي باري ۾ ڪافي انبار ڇڏيا آهن، پر هن جي درشٽيءَ (نڪتہ نظر) کي سمجهڻ لاءِ هن جي ويچارن جو پورو فيلسوفاڻو تجزيو (ڇيد) نہ ٿو ٿي سگهي، ڇوتہ هو ڪوي هو ۽ ڪويتا ۾ فيلسوفيءَ کي جذبو جنديءَ تي چاڙهي، رڳي ڇڏي ٿو. پوءِ بہ هُن جي ڪويتا ۾ هُن جي ويچار ڌارا جي چِٽي تصوير ملي ٿي. "شري تلسي رامائڻ" جو شري لوڪرام ڏوڏيجا سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. لوڪ رام ڏوڏيجا بہ سال کن اڳ گذاري ويو.

(مواد اُردوءَ تان ورتل)

Gul Hayat Institute

تيمور لنگ

(٨ اپريل ١٣٣٦ع کان ١٨ فيبروري ١٤٠٥ع تائين)

هُو امير تارا غاميءَ جو پُٽ هو ۽ سڪينہ خاتونءَ مان ڄائو هو. هن جي خاندان جي دعويٰ هئي تہ اهو چنگيز خان جي اولاد مان آهي. هو خواجا ايلغار نالي هڪ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو هو جو هاڻي مولود خاني جي نالي سان مشهور آهي. تيمور کي لنگ ان ڪري چوندا هئا جو هو جنگھہ تي هڪ ڀيرو ڦٽ جي ڪري منڊو ٿي پيو هو.

هُو مشرق جو هڪ وڏو حاڪم ۽ فاتح سمجهيو ويندو آهي، جنهن جون دور دراز مُهمون هن کي جنوب روس کان هندستان ۽ وچ ايشيا کان ترڪي تائين وٺي ويون. "تيمور" ترڪي ۽ منگول زبان ۾ "لوهہ" کي چوندا آهن. حُسنِ اتفاق سان استالن جي نالي جي روسيءَ ۾ معنيٰ بہ ساڳي آهي. يورپ ۾ هن کي تئمرلين (Tamerlane) چوندا ها. هو برلاس جي امير طبقي مان هو، جيڪي چنگيز خان ۽ ان جي پٽن کان پوءِ ترڪي ٻولي ڳالهائيندا ها ۽ مذهبِ اسلام اختيار ڪيو هيائون.

تيمور پاڻ ترڪي ۽ تاجڪ ٻوليون ڳالهائيندو هو (تاجڪ فارسيءَ جي ديسي ڀاشا آهي ۽ انهيءَ فارسيءَ سان ملي جلي ٿي جا اسان هندستان- پاڪستان ۾ ڳالهائي سگهندا آهيون. مان اها تاجڪستان ۾ چڱيءَ طرح

Gul Hayat Institute

سمجهي سگهندو هوس.) هو اڻ پڙهيل هو، پر هُن منشي محرر رکيا ها جي ڪيس پڙهي ٻڌائيندا ها. خاص ڪري تاريخ ۽ هُن جون مهمون ”ظفر نامي“ جي عنوان سان لکيون هيئون، جي ٻن نسخن ۾ هُيون. تيمور لنگ جوانيءَ ۾ ئي نهايت ذهين ۽ شجاع هو. هن جي جواني جي باري ۾ ٽن هنڌان معلومات ملي ٿي. هڪ ته هينري ٽين جي هسپانوي وزير وٽان، جنهن سمرقند ۾ عظيم مهم جُوءِ سان ملاقات ڪئي هئي، ٻيو دمشق جي ”عرب شاه“ نالي هڪ عرب جون تحريرون (جن مان هن جي دشمنيءَ جي بوءِ اچي ٿي) ۽ ٽيون روسي رسالي ”نِڪون“ ۾ لکيل اتهاس مان . حيرت جي ڳالهه آهي ته روسين کي تيمورلنگ جي باري ۾ جيتري خبر هُئي اوتري تيمورلنگ کي روس جي باري ۾ نه هئي. تيمور هڪ رهزن جنگجو جي حيثيت ۾ زندگيءَ جي ابتدا ڪئي ۽ هن کي ٿورا ساٿي هيا. هڪ ڀيري هن کي رڍن جي چوري ڪندي مقابلي ۾ ڪلهي ۽ ٽنگ تي زخم رسيا، اُن سبب هو ساري عُمر پنهنجي ٽنگ يا ٻانهن جهَڪائي نه سگهندو هو. جڏهن ۱۹۴۱ع ۾ سمرقند ۾ هُن جي مرقد کي کوليو ويو. ته هُن تي انهن زخمن جا نشان اڃا به هُيا. (مون سمرقند ۾ هن جي قبر ڏٺي هُئي.)

هن جي دور ۾ سمرقند هڪ مسلسل جنگ جو مرڪز هو. شهر جي چوڌاري چغتائي خاندان جون زمينون هيون، جي وڏا تنتائي ۽ رڳڙائي جهڳڙائي هيا، انهن ۾ چنگيز جو ڀيو پٽ به هو. ذڪڻ اولهه طرف هلاڪوءَ جي پونئيرن جون ٻنيون هيون، جو به چنگيز خان جي خاندان مان هيو. اُتر-اولهه ڏي لشڪر زرين هيو، جنهن تي ڪنهن وقت چنگيز جو وڏو پٽ ”جوڇي“ راڄ ڪندو هو. آهي منگول روس جا وڏا رئيس هيا. اوڀر طرف سمرقند جون سرحدون چين سان ملنديون هيون ۽ اُتي به منگول هيا، جي چغتائي خاندان کان علحده ٿي ويا ها. انهن مان ترڪي ڳالهائيندڙ خانه بدوشن ۽ فارسي ڳالهائيندڙ راهڪن ۽ نخلستانن جي باشندن ۾ جهيڙا جهڳڙا ۽ دنگا فساد وڌي ويا ها. خانه بدوشن کي مراعات (سهوليت) يافته سمجهيو ويندو هو، جن مستقل رهائش اختيار ڪئي هئي، اهي ئي زياده تر باج گذار هيا.

Gul Hayat Institute

۱۳٦۱ع ۾ پنجويهن ورهين جي عمر ۾ ڪيئي سئو ماڻهو هُن جي لَڙهَ لڳا ها. ان وقت تيمور لنگ هڪ حملہ آور منگول خان جي نوڪري ڪئي هئي، جيڪو ڪاشغر جو تغلق تيمور هو ۽ جنهن هُن کي سمرقند جي هڪ حصي جو حاڪم بڻايو هو. ۱۳٦۹ع ڌاري، تغلق-تيمور جي موت کانپوءِ ۽ پنهنجي پيٽوي امير حسن تيمور سان عناد کانپوءِ، جو هن جي موت تائين هليو، تيمور لنگ بلخ کان سمرقند تائين، ساريءَ ڌرتيءَ جو ڌڻي ٿيو. ان کانپوءِ هن جون سياسي، فوجي ۽ اقتصادي تدبيرون ۽ اُپاوَ هڪ چٽي آدرش وانگر ٿيا. هن سمرقند کي پنهنجو علائقو سمجهي، اُن تي پاڻ حڪومت ڪئي ۽ پنهنجيءَ جنگي مهم ۾ ڪيل ساريءَ ڦرلٽ سان سائو ستابو ڪيو ۽ اهڙو اڏي ڇڏي جو رولو قومن ۽ گهر ڪري ويٺل قومن ۾ ويچو ۽ ٽناءُ نہ رهيو. هُن انهن جي گڏيل سڏيل آباديءَ کي فوجي تربيت ڏني، ان مان پيادو لشڪر، انجنيئر (گهيراوَ لاءِ) ۽ رسالا ٺاهيا. هن جي جنگي فن جي نئين ريت اها هئي تہ هو جنگ ۾ پهريون رسالن کي منهن ۾ ڏئي مقابلي جو ڊوڙو سهسائي ويندو هو ۽ تيستائين پيادل فوج کي ترسائيندو هو، جيستائين دشمن ۾ مونجهارو يا ڦرڦوٽ نہ پئجي وڃي.

هن جي پنهنجي علائقي جي چوڌاري، زبردست مُلڪ هئا. انهن مان ڪجهہ ملڪن ۾ هن مقامي حاڪمن کي شڪست ڏني هئي ۽ پوءِ ڪين کي تابعدار جاگيردارن ۽ پيلين وانگر پيهر تخت نشين ڪيو هو. انهن لاڳيتن علائقن کان گهٽو پري هن جي جنگي مهم جا ہہ مقصد هئا، هڪ تہ لٽ ڦر ڪرڻ ۽ ٻيو تہ ڪنهن بہ مخالف طاقت ۽ ريسائتيءَ پُجنديءَ واري کي اُڀرڻ کان روڪڻ، پر هن کي اُتي ڪوبہ ڪوڙي ويهڻ جو ارادو ڪونہ هو.

۱۳۷۳--۷۴ ۽ ۱۳۸۸ع ۾ هن کي جنگي مهم آمو درياهہ مان هيٺ ڪئسپين سمنڊ ڏانهن ولي وئي. ۱۳۷٦ع ۾ هن طوقطمش جي سفيد جرگي جي مدد ڪئي، جو زرين جرگي جو حريف ٿي پيو هيو. ۱۳۸۰ع ۾ طوقطمش زرين جرگي کي تابع ڪيو. جڏهن جرگي روسي شهزادي دِمتري هٿان شڪست کاڌي، ان ڳالهہ طوقطمش کي ايترو زورائتو ۽ ٽسائو ڪيو، جو تيمور ۱۳۸۹ ۽ ۱۳۹۱ع ۾ هُن تي ڪاهڻ لاءِ مجبور ٿي پيو ۽ ۹۵-۱۳۹۴ع ۾ هن کي مات ڏنائين. تيمور زرين جرگي (Golden Horde) کي ايترو تہ

Gul Hayat Institute

آگـهـاتـي، نـسـتـو كـري ڇڏيـو جـو، ڇاڪـاڻ تـه نـه پـر اڻـڄاتـو روس جي مرڪزيت ۽ اتحاد ۾ ڇڻ واهَر ڪيائين. تيمور ڪي پنهنجيءَ فوج ڪي ڏورانهن ڏيهن ڏانهن ڊگهه طويل ڪوچ ڪرائيندي ڊپ ڏاءُ نـه ٿيندو هو.

جڏهن به هو سفر ۾ هوندو هو، پنهنجي فوج جي پرگهور لهندو هو ۽ نـه رڳو اڳواٽ محافظ موڪليندو هو ۽ اُن ڪي پاڻهن. بغل ۽ ڪمروٽ محافظ مهَيـا ڪندو هو، پـر چارين ۽ جاسوسـن جا لـڏا بـه انـهـن جي مـخـبـريءَ لاءِ موڪليندو هو. هُن اِهو اصول ٺاهيو هو تـه مختلف مُهمون مختلف وقتن تي، مختلف طرفن ۾ ڪري، جيئن ريسائتا سرواڻ نـه اُپري سگهن. ١٣٨١ع ۾ هـن ايـران تـي حـمـلـو ڪـيـو. ١٣٨٦ع، ١٣٩٢ع ۽ ١٣٩٩ع ۾ هـن اٽـي "ٽـه-سالي" "پنج-سالي" ۽ "ست سالي" مهم شروع ڪئي، جا هن ڪي ١٣٩٢ع ۾ آرمينيا ۽ جارجيا، ١٣٩٩-١٣٩٨ع ۾ هندستان ۽ ١٤٠٢-١٤٠٠ع ۾ شام ۽ ترڪي وٺي وئي. پوئين مهم ۾ هن ائليپو ۽ دمشق تي قبضو ڪيو ۽ تُرڪيءَ جي سلطان بايزيد پهرين ڪي انقره وٽ شڪست ڏئي قيد ڪيو ۽ قسطنطنيه تي عثمانيه جي فتح ڪي پنجاهه سال پٺتي ڌڪي ڇڏيو. انهن دور دراز مُهمن ۾ جن جو مقصد رڳو ڦرلٽ ڪرڻ ۽ ڌمڪاءُ پيدا ڪرڻ هو، هن اهي ظلم ڪيا جي ناقابلِ فراموش آهن. دهليءَ ۾ هن هڪ لک ماڻهو مارائي، اُنهن جي سِرَن جو مينار ٺهرايو. اصفهان ۽ ايران ۾ هن ستر هزار کوپرين جو ڍڳ لڳرايو هو.

ايتري ڏاڍ ۽ انڌير ڪان پوءِ به تيمور لنگ ڪيئي محل ۽ مسجدون ٺهرايون، جن مان سيني ڪان وڌيڪ دلڪش مسجد سمرقند ۾ آهي. مذهب کي هو پنهنجي سياست لاءِ استعمال ڪندو هو ۽ گهرُج پوندي هُيس تـه شيعن ۽ سُنين کي هڪٻئي سان ويڙهائيندو هو ۽ حسبِ ضرورت ڪڏهن شيعن جو پاسو وٺندو هو تـه ڪڏهن سُنين جو. چيو ويو آهي تـه هو چين خلاف مهم لاءِ وڃي رهيو هو تـه مري ويو، پر اهڙي ثابتي نـه آهي تـه هو ان مهم ۾ سنڪيانگ ۽ ٻيروني منگوليا ڪان پري وڃي ها. جيئن هو ١٩ جنوري ١٤٠٥ع تي مري ويو، هن جي سلطنت جُهرڻ لڳي پر هڪ صديءَ ڪانپوءِ هن جي پوئير بابر هندستان ۾ مغل حڪومت جو پايو وڌو.

Gul Hayat Institute

تيمور جي شهرت جو اثر ڪرسٽا فرمارلو جي ڊرامي ”تيمِرلين“ تي ڪافي نمايان آهي. مون ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو پڙهيو آهي. جڏهن مان ١٩٧٦ع ۾ هن جي قبر تي بيٺو هوس تہ گائيڊ جي تقرير ٻڌي هڪ ڏهن ٻارهن سالن جي آمريڪي ٻار تي ايترو اثر ٿيو هو جو هو چاڪ سان زمين تي لکي رهيو هو:

”هتي سٽر هزار پٿر رکيا وڃن تہ هڪ هڪ سياح هُن جي قبر تي پٿر هڻندو وڃي، انهن ايران ۾ اصفهان جي ڪوپرين جي ياد ۾ جي تيمرلين ڏگ ڪري رکيون هيون ۾ پاسي سان هڪ لک پٿر رکيا ....“

Gul Hayat Institute

ٽيپو سلطان

(٣٠ نومبر ١٧٥٠ع کان ۴ مئي ١٧٩٩ع تائين)

ٽيپوسلطان هندستان جي سلطنت ميسور جو آخري بادشاهہ هو ۽ نواب حيدر عليءَ جو پٽ هيو. هو هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ جو سپهہ سالار ۽ پهريون شهيد هو. هو دکن ۾ پيدا ٿيو. ٽيپوءَ جو اصل نالو فتح علي يا ابن فتح هو.

مون ٽيپوءَ تي ڪنهن انگريزي ناول نويس جو پهريون انگريزيءَ ۾ ناول (جنهن جو نالو ياد نٿو اچي) تڏهن پڙهيو هو، جڏهن ٿئين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهندو هوس. اُهو ناول منهنجيءَ زال جي مامي شيخ واجد عليءَ پڙهڻ لاءِ ڏنو هو، جو پوءِ مسجد منزل گاهہ تحريڪ جو ليڊر هو. تازو هن تي هڪڙي سنڌيءَ * ڀڳوان گدواڻيءَ هڪ ناول "The Sword of Tipu Sultan" (ٽيپو سلطان جي تلوار) لکيو آهي، جو هندستان ۾ ٽي وي سيريل ڪري ڏيکاريو ويو آهي ۽ مون کي منهنجي دوست ڄمڻ ڪومل جئپور ۾ تحفي طور ڏنو هو. ڪيئي تاريخ نويس جيڪي ٽيپوءَ جا مخالف هيا، تن هن کي متعصب حڪمران ڪري ڏيکاريو آهي، پر ڀڳوان گدواڻيءَ جي ناول ۾ هو هڪ نهايت عظيم انسان دوست ۽ بصيرت وارو حڪمران ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو هر مذهب کي عزت جي نگاهہ سان ڏسندو هو.

---

* ڀڳوان گدواڻي، ١٩٢٣ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڄائو (جنهن سال آءٌ ڄايس)

سامراج جو وڏو دشمن هو ۽ ٿامس پين جي Rights of man (انساني حق) جو معتقد هو. هن آمريڪا جي آزاديءَ جي پڌرنامي کي خوش آمديد چيو ۽ فرينچ انقلاب جو وڏو مداح هيو. هو پهريون هندستاني قومپرست هو، جنهن ڏٺو تہ هندستان کي نہ رڳو ٻاهرين طاقتن ڪمزور ڪيو هو، پر بيماريءَ، تخريب ۽ اندروني نااتفاقيءَ جو بہ ان ۾ وڏو هٿ هو. هو نيپولين کان بہ ڪافي متاثر هيو، جيتوڻيڪ پڪ سان چئي نٿو سگهجي تہ هن ۽ نيپولين جي وچ ۾ خط و ڪتابت بہ ٿي هئي.

هو آخري دم تائين نهايت بهادريءَ سان وڙهندو رهيو. ڪڏهن ڪنڌ نہ جهڪايائين ۽ هن جي محبت ۽ يقين زندگيءَ جا اهڃا قدم هيا، جيڪي هن کي نهايت پيارا هيا. هن کي ان ڳالهہ ۾ ايمان هيو تہ فقط قربانيءَ سان ئي هندستان جي ايندڙ نسل کي بچائي سگهجي ٿو. مون ٽيپو سلطان جي سوانح حيات تي اردو ۾ ۽ انگريزي ۾ لکيل تاريخ جي ڪتابن ۾ ڪيترو ئي مواد پڙهيو آهي ۽ هن جي شخصيت مون کي متاثر ڪيو آهي، جو مون هن جي باري ۾ ڪجهہ نظم بہ لکيا آهن.

Gul Hayat Institute

رابعہ قزداري

رابعہ بنت ڪعب قزداري پهرين عورت هئي، جنهن فارسيءَ ۾ شاعري ڪئي هئي. هن ڪان اڳ ڪنهن بہ عورت فارسيءَ ۾ شعر نہ چيو هيو. (مان ڀانيان ٿو تہ سنڌيءَ ۾ جنهن عورت پهريون شعر لکيو هو، سا "داسِي" تخلص استعمال ڪندي هئي.) رابعہ انهن شخصيتن مان آهي، جن فارسي ادبيات ۾ شرڪت ڪئي آهي، جيتوڻيڪ هن جي ڪلام مان گهڻو ڪجهہ نہ بچيو آهي. هن ڪي فارسي ۽ عربي چڱيءَ طرح ايندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن شعرن ۾ اُنهن ٻنهي ٻولين جا لفظ گڏي سَڏي ڪم آندا اٿائين.

هن جي شهر جو نالو قزدار هيو. "مجمع الفصحا" ۾ لکيو ويو آهي تہ هن جو پيءُ ڪعب هڪ عرب هيو. بلخ ۽ قزدار، قندرا ۽ سيستان هُن جي حوالي هوندا ها. رابعہ جي ڀاءُ حادث ڪي بڪتاش نالي هڪ خوبصورت تُرڪ غلام هوندو هو، جنهن تي رابعہ دل هاري ويٺي. ڪنهن وقت بادشاهہ جي مجلس ۾ ايران جي عظيم شاعر رودڪيءَ جي واتان حادث اهو عشق جو واقعو ٻڌو ۽ جهالت سبب يا غيرت سبب اُن غلام کي ڪنهن کوهہ ۾ لڙڪائي بند ڪري ڇڏيائين. رابعہ کي گرمابي (ٻاڦيءَ جي وڏي حمام) ۾ ڦٽي ڪيائين، جيستائين هن جون رڳون سڙي ويون، سرن ۽ مٽيءَ سان ديوار ٺاهي هن کي مَسدود ڪيائين. رابعہ پنهنجي خون سان گرمابي جي ديوار تي ترانا لکيا. بڪتاش پنهنجي جان ڇڏائي کوهہ مان نڪتو ۽ گرمابي وٽ پهتو،

Gul Hayat Institute

پر دير ٿي وئي هُئي ۽ رابعہ حياتيءَ جي نعمت کان محروم ٿي چڪي هئي. اهو ڏسي بڪتاش ايترو بيخود ٿي ويو جو حادث کي اڌ رات جو ڳولي لڌائين ۽ هن جو سر تن کان جدا ڪري ڇڏيائين ۽ پنهنجي سيني ۾ خنجر هڻي، پنهنجي حياتيءَ تان بہ هٿ ڌوتائين.

رضا قلي خان "مجمع الفصحا" ۾ رابعہ ۽ بڪتاش جي محبت جو داستان منظوم ڪيو آهي ۽ اُن کي "گلستانِ ارَم" نالو ڏنو اٿائين. رابعہ اصل عرب هئي ۽ هن جا وڏا ابو مسلم خراسانيءَ جي زماني ۾ قزدار ۾ اچي رهيا ها. رابعہ، رودڪيءَ جي زماني ۾ رهندي هئي ۽ رودڪيءَ هن جا شعر بخارا جي بادشاهہ کي ٻڌايا ها. جاميءَ هن کي زاهد ۽ صوفي تسليم ڪيو آهي ۽ ابو سعيد ابوالخير لکيو آهي تہ:

"ڪعب جي ڌيءَ غلام تي عاشق هُئي، جيتوڻيڪ هن جو عشق عشقِ مجازي ڪونہ هو."

Gul Hayat Institute

راسپيوٽين

(١٨٧١ع کان ١٩١٦ع تائين)

مان جڏهن ١٩٧٦ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي موڪليل اديبن جو اڳواڻ ٿي. يو. ايس. ايس. آر ويو هوس، تڏهن سفر دوران مان ۽ اردوءَ جي مشهور پنجابي ناول نگار قدسيا بانو لينن گراڊ به وياسين. لينن گراڊ اُئين ئاهي بيهاريو ويو هو، جيئن ١٩١٧ع ۾ انقلاب کان اڳ هو. ان ۾ نه ڪنهن جاءِ جو اضافو ڪيو ويو هو ۽ نه جنگ ڪانپوءِ تباهيءَ جي بعد ان ۾ ڪا ڦيرڦار ڪئي وئي. رڳو بمباريءَ ۾ ڊٺل جاين جي مرمت ڪري، اُنهن کي ساڳيو رنگ روپ ڏنو ويو هو.

راسپيوٽين، لينن گراڊ ۾ ماريو ويو هو. مون هُن تي پندرنهن ويهه ڪتاب پڙهيا ها. جيتوڻيڪ انگريزيءَ ۾ "راسپيوٽين" لفظ ڀهروپيءَ، فريبيءَ، شعبده بازي جي معنيٰ ۾ ڪم ايندو آهي. منهنجيءَ نظر ۾ هو روس جي تاريخ جو هڪ نهايت دلچسپ ڪردار هو. مون پنهنجي گائيڊ لينا کان پڇيو ته:

> "مون کي اهو واهه ڏيکاري سگهنديئن جنهن جي ڪنڌيءَ تي بجليءَ جي ٿنڀي کي راسپيوٽين ٽپو ڏئي جهليو هيو، جڏهن هن کي ڪائونٽ يوسوپوف جي محل ۾ شراب ۾ ايتري سائنائيڊ پياري هيائون، جيتري ساري لينن گراڊ جي ماڻهن کي پيئارجي ته سڀني کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي هئي،

Gul Hayat Institute

پر پوءِ بہ هو اها پچائي ويو. جڏهن هو محل مان نڪتو ٿي تہ
ڪائونٽ يوسوپوف ۽ هن جي ساٿين هن تي پنج ڇهہ فير ڪيا
ها جي هُن جي ڇاتيءَ ۾ لڳا ها، پر پوءِ بہ هو تيز ڪائيندو.
محل مان نڪري ويو هو ۽ وڌيڪ فير ڪان پاڻ کي بچائڻ لاءِ
مائڪا ڪئنال جي پرسان بجليءَ جي ٿنڀي (Lamp post) ۾
ٽپو ڏئي هٿ وڌو هيائين. ان ڪانپوءِ جڏهن هو بيهوش ٿي
ويو هو، تہ هُن جي دشمنن هن کي ڳوڻ ۾ وجهي تهہ سياري
۾ نيوا نديءَ ۾ ڦٽي ڪيو هو."

لينا منهنجي ايتري ڄاڻ ڏسي وائڙي ٿي وئي هئي ۽ چيو هيائين تہ:

" لڳي تہ ائين ٿو تہ تون نيٺ گراڊ ۾ ڄائو آهين. مون راسپيوٽين جو نالو تہ ٻڌو آهي، پر منهنجي عمر ۲۵ سال آهي ۽ هو مون ڪان گهڻو وقت اڳي مري ويو هو. ترس، مان اديبن جي بيورو مان توکي ٻُجي ٻڌايان."

هن منهنجي روبرو بيورو ڏانهن فون ڪيو هو تہ بيورو مان فون ڪندي ڪوئي روسيءَ ۾ پڇڻ ڪيو هو: "هي راسپيوٽين جي باري ۾ ڇو ٿو پڇي؟"

جڏهن لينا مون کي اهو سوال انگريزيءَ ۾ ٻڌايو هو تہ مون لينا کي چيو هو: "هن کي چئہ تہ مون انقلاب جا سورهيہ ۽ انهن جون جايون سمالني وغيره سڀئي ڏٺيون آهن، هاڻي مان روس جا رهزن بہ ڏسڻ ٿو چاهيان."

جڏهن لينا هُن کي اهو روسيءَ ۾ ٻڌايو تہ ٽيليفون تي وڏو ٽهڪ آيو: "ها ... ها ... ها .... هن کي فلاڻي هنڌ وٺي وڃ ۽ ڪائونٽ يوسوپوف جو محل بہ ڏيکارينس، جنهن کي ٽيچرس ٽريننگ انسٽيٽيوٽ ۾ بدلايو ويو آهي."

لينا مون کي هُن جو جواب انگريزيءَ ۾ ٻڌائي چيو تہ: "مون ٻڌو آهي تہ راسپيوٽين ڏاڍو چڱو ماڻهو هو. پر اسان جي ملڪ ۾ تہ هُن تي ڪوئي ڪتاب نہ آهي، تو هُن جي باري ۾ ضرور مغرب ۾ ڇپيل ڪوئي ڪتاب پڙهيو هوندو."

مون لينا کي ٻڌايو تہ: "مغرب ۾ هن جي باري ۾ اٽڪل بہ سئو ڪتاب ڇپيا هوندا. جن مان بہ چار ڪتاب تہ مون پڙهيا آهن. ڪن ۾ هن کي شيطانِ مجسم ڪوٺيو ويو آهي ۽ ڪن ۾ فرشتو چيو ويو آهي."

Gul Hayat Institute

راسپيوٽين روسي دربار جو ماڻهو هو ۽ هڪ مذهبي شخصيت هيو. هو سائبيريا جي ٽوبولسڪ صوبي ۾ ١٨٧١ع ۾ پيدا ٿيو هو. هن جو اصلي نالو نوديخ هيو، پر پوءِ هن تي راسپيوٽين نالو پئجي ويو، جنهن جي معنيٰ آهي، ”اوباش“ جو تہ پنهنجين جنسي ارڏاين ۽ بيهودگين جي ڪري بدنام هو. هن جي تعليمي لياقت مختصر هئي، پر جڏهن هو ٽيهن سالن جو ٿيو تہ هو مذهبيت طرف رجوع ٿيو. پنهنجي علائقي ۾ هن کي اهڙو پرهيزگار تسليم ڪيو ويو، جنهن کي اڳڪٿيءَ جي ڏات هئي. هن پڇتاءَ جي ذريعي نجات جي راهہ ٻڌائي ۽ هن انسانذات کي دعوت ڏني تہ: ”هو گناهہ پهريان ڪَن ۽ پوءِ پڇتاوَ جو اظهار ڪن.“

ان طرح هو پنهنجيءَ قوم ۾ هڪ مقبول رهنما ٿي پيو. جيتوڻيڪ هن ١٨٩٥ع ۾ شادي ڪئي هئي ۽ هن کي ٽي ٻار هُيا. هو پنهنجي ڪٽنب کي ڇڏي، زيارتن تي هليو ويو، خانقاهن ۾ ترسيو ۽ هڪ تارڪ الدنيا وانگر زندگي بسر ڪيائين.

١٩٠۴ع ۾ راسپيوٽين نيسٽ پيٽرسبرگ جو سفر ڪيو ۽ فادر فيوفان سان مليو جو ڪليسائي اَڪادميءَ جو انسپيڪٽر هو. ٻئي سال ۾ هن جي ڊيوڪ نڪولائي نڪولائيوچ جي خاندان سان واقفيت ڪرائي وئي ۽ گرانڊ ڊَچيس مِليتسا هن کي پنهنجيءَ سرپرستيءَ هيٺ ورتو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ هو دربار ۾ حاضر ٿيو ۽ اليڪسس، ننڍي زارِيوچ (زار جي پٽ) جي هيموفليا (وڍ يا زخم اچڻ ڪانپوءِ رت جو نہ بيهڻ: Haemophilia) روڪڻ لاءِ ذميوار سمجهيو ويو. جڏهن ڊاڪٽر زار جي پٽ جو خون روڪي نہ سگهندا ها تہ راسپيوٽين، هن جي ٻانهن جهلي ٿَبيءَ ۾ اچي ويندو هو ۽ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ اليڪيسيءَ جو رت وهڻ ڪان بيهجي ويندو هو. ان سبب راڻي اليڪزينڊرا راسپيوٽين جي اثر هيٺ اچي وئي ۽ راڻيءَ معرفت هو زار نڪولس ٢ تي بہ اثر انداز ٿيڻ لڳو. ١٩١١ع ۾ هن قومي سطح تي پَر-پچار پيدا ڪئي، جڏهن هَن هڪ اُمِي ڪِسان کي، ٽوبولسڪ جو بشپ مقرر ڪرايو، ڇاڪاڻ جو اُهو ڪِسان هن جو دوست هيو. پهريون هن پنهنجو اثر رسوخ گِرجا ۾ تقررين تي ڪم آندو، پر ان کي رياستي اُمور جي باري ۾ بہ استعمال ڪرڻ لڳو ۽ حڪومت ۾ مونجهارو ۽ انڌ انڌوڪار پيدا ڪري ڇڏيائين. ڪنهن بہ

سياسي پروگرام سان هن رهت وان ۾ کهٽيءَ ڪرڻيءَ وارو ساٿ نہ ڏنو. (گهڻ ۾ گهڻ ڪميونسٽ پروپئگنڊا تہ ائين ڪئي وئي آهي.)

هن پنهنجي هلنديءَ ۾ چڙ چاءِ ڪي انڌيءَ اونڌيءَ ريت ڪم آندو. هن زارينا جي ذريعي، زار تي ايترو اثر پيدا ڪيو هو، جو پهرينءَ جنگ عظيم ۾ هن ڪئبينيٽ منسٽر پنهنجي مرضيءَ تي مقرر ڪرايا ۽ جو بہ هن جي سامهون ڦِريو ۽ آڏو آيو اُن کي بي مانو ڪيو ويو يا تڙي ڪڍيو ويو. چيو ويو آهي تہ هن جي انهيءَ گهاتي ڪاريہ ۽ دربار تي بُري زور بار سبب شهزادي يوسوپوف، گرانڊ ڊيوڪ دمتري ۽ ٻين اميرن ڪبيرن هن کي قتل ڪرڻ جي سازش ڪئي.

١٦-١٧ ڊسمبر ١٩١٦ع جي رات جو هن جي دعوت ڪئي وئي ۽ هن کي شراب ۾ تمام گهڻو زهر ڏنو ويو، پر زهر هُن تي ڪوئي اثر نہ ڪيو. ان ڪان پوءِ سازشين هن کي روالور جون گوليون هڻيون، پوءِ بہ هو تيز ڪائيندو در ڪولي نڪري ويو ۽ وڏيڪ گوليءَ ڪان لنوائڻ لاءِ ٽپو ڏئي بجليءَ جي ٿنڀي ۾ لڙڪي پيو. آخر ۾ سازشين هن جو لاش نيوانديءَ جي برف هيٺان اچلائي ڇڏيو. راڻيءَ جي حڪم تي هن جو لاش ڳولي لڌو ويو ۽ هن کي شاهي محل جي ڀرسان پوريو ويو.

مون ڪجهہ ڪتابن ۾ پڙهيو آهي تہ ١٩١٥ع ۾ آخر ڀيري هن جي پُٽ جي وهندڙ رت روڪيندي راسپيوٽين زارينہ کي چيو هو تہ: "جيستائين مان جيئرو آهيان، تيستائين تنهنجو پٽ ڪونہ مرندو، پر مون ڪان پوءِ ڇاٿو ٿئي، اهو چئي نٿو سگهجي."

راسپيوٽين ١٩١٦ع ۾ مري ويو ۽ هڪ سال پوءِ ١٩١٧ع ۾ انقلاب آيو. زار ۽ هن جو سارو خاندان گرفتاريءَ کانپوءِ شوٽ ڪيو ويو.

Gul Hayat Institute

رامبو آرٿر

(RIMBAUD AURTHER)

(١٨٥٤ع کان ١٨٩١ع تائين)

فرينچ شاعر هو. ١٩ صديءَ جي فرينچ ادب ۾ وڏو انقلاب پيدا ڪيائين ۽ جڏهن هن جي عمر صرف چوڏهن سال هئي، تڏهن هن شاعريءَ جي هر صنف ۾ اختياريءَ سان بغاوت ڪئي. هو نہ رڳو هڪ ٻي چيو ٻار هيو، پر گهر مان بہ ماءُ پيءُ جي سيڪت کان باغي ٿي ڀڄي نڪتو. هن Cabbalis-tic (يهودي ڳجهي ٽولي جي علم) ۽ علم الڪيميا جي محاورن لاءِ پنهنجي پسند ڏيکاري ۽ هن جا نظم مذهب، سياست ۽ ادبي سِپَٽَ (Orthodoxy) کان بنهہ آزاد آهن. ١٧ ورهين جي عمر ۾ هن پنهنجا بهترين نظم لکيا ۽ اهي حقيقتون جي انساني نظرن کان پوشيده آهن، انهن تي گيت لکيا، جيڪي شاعرن جي ٻن نسلن لاءِ جڻ مذهبي صحيفا ٿي پيا. ١٩ ورهين جي عمر ۾ هن جي شاعرانہ زندگي پوري ٿي وئي. فرانس جي مشهور شاعر ورلين سان تعلقات کان ۽ انگلنڊ جي سفر کانپوءِ سندس حواس تهہ و بالا ٿي پيا ۽ انهن هن کي هڪ آواره گرد ۽ غيب دان ۾ بدلائي ڇڏيو. ١٨٧١ع کان ١٨٨٣ع تائين، هو ورلين سان گڏ برطانيا ۾ رهيو. انهيءَ دوران هن بهترين نثري ۽ پائبند نظم لکيا ها، جنهن ۾ هن پنهنجي اخلاقي ۽ نفسياتي ناڪامين جو ذڪر ڪيو هو. هُن پوءِ شاعريءَ کي مسترد ڪري يورپ ۽ آمريڪا جي

Gul Hayat Institute

اتر-اوڀر واري حصي ۾ هڪ رولوءَ جي زندگي گذاري، پويون گهڙيون گهاريون.

ايندراسٽارڪيءَ، رامبوءَ ۽ بودليئر جي زندگي تي عاليشان جيوتيون لکيون آهن، جي مون شايد جيل ۾ نهايت دلچسپيءَ سان پڙهيون. دراصل، رامبو، بودليئر ۽ ورلين فرانس جا عظيم ترين شاعر تسليم ڪيا ويا آهن، پر مان تنهي جي زندگيءَ ۾ ايتري بي راهرويءَ کي سمجهي نہ سگهيو آهيان ۽ هنن کي ذهني مريض سمجهندو رهيو آهيان. انساني زندگي، خاص ڪري اهڙي پائي جي زندگي ايڏي تہ بيڪار نہ آهي، جو ائين نشي يا جنسيات جي نذر ڪري ڇڏجي. دراصل بي راهرويءَ ۾ بہ ڪنهن اعتدال جي ضرورت آهي. هونءَ تہ افلاطون کان وٺي ليوناردو ڊاونچيءَ تائين سيني کي ٽابي جي ٽونڪر هئي، پر هنن اُن تي پنهنجو جينيس قربان نہ ڪيو. مان هو سوچي نہ ٿو سگهي تہ رامبو جي ١٩ ورهين جي عمر کان پوءِ لکي ها تہ ڪيڏا نہ شاهڪار لکي ها. غالب چوائي:

سب کہاں کچھہ لالہ و گل میں نمایاں ہوگئیں
خاک میں کیا صورتیں ہونگی کہ پنہاں ہوگئیں.

اهو شعر فقط انهن لاءِ نہ آهي، جي مري ويا آهن، اُنهن لاءِ بہ آهي، جي جيئري ئي آپ گهاتي آهن. جيئرا آهن بہ، نہ بہ آهن.

Gul Hayat Institute

روزا لڪسمبرگ

(١٨٧١ع کان ١٩١٩ع تائين).

جرمنيءَ ۾ سوشلسٽ تحريڪ جي هڪ نهايت رنگين ڪردار هئي. هوءَ پولنڊ ۾ ڄائي هئي، يهودي ۽ انقلابي هئي. جڏهن هوءَ اٺويهين ورهين جي هئي تہ هُن کي سرخ روزا (Red Rosa) ڪوٺيندا ها، ڇوتہ هوءَ مزاحمتي تحريڪن ۾ ڀرپور ونندي هئي. ننڍيءَ عمر ۾ هوءَ روسي پوليس کان فرار ٿي وئي ڇوتہ هوءَ سئٽزرلينڊ ۾ سرگرم هئي. هن سياست، قانون ۽ اقتصاديات جو گهرو مطالعو ڪيو ۽ پولش انقلابين سان ملي جن ۾ ليوجو گوشيز (Leo Gogishes) بہ هيو جو پوءِ بہ سندس دوست ۽ معشوق/ عاشق رهيو. هوءَ پولينڊ ۾ خفيہ سماجي جمهوري پارٽيءَ جي باني مان هُئي.

هن کي ان ڳالهہ جو يقين هو تہ انقلاب پهرين جرمنيءَ ۾ ايندو، انڪري هن جرمن شهريت حاصل ڪرڻ لاءِ حسبِ ضرورت شادي ڪئي ۽ جرمنيءَ جي پهرين آزاد عورت- سياستدان ٿي اُڀري. روزا هڪ آتش نَوا ۽ نهايت ذهين مقرر ۽ نظرئي ساز هئي. هن کي هڪ وڏي ڪرشمہ ساز شخصيت هئي. هن کي پنهنجي انقلابي ڪارگذارين ۽ جنگ جي خلاف مزاحمتي تحريڪ سبب، ڪيئي ڀيرا جرمنيءَ ۽ پولنڊ ۾ قيد و بند ۾ رکيو ويو. هن انقلاب لاءِ عوام ۾ اسٽرائيڪ ٿي ڪرايا جي بہ هن جي گرفتاريءَ جو سبب ها. هوءَ سختيءَ سان جمهوريت پسند هئي ۽ ان ڪري لينن جي

Gul Hayat Institute

مخالف هئي ۽ هن تي ڪَڙيون تنقيدون ڪندي هئي، ڇوته لينن جو هڪ پارٽيءَ جي آمرانه حڪومت ۾ اعتبار هو ۽ اهڙيءَ حڪومت جي قيام لاءِ هن تشدد کي ذريعو ٿي سمجهيو. هن چيو ته: ”پرولتاري انقلاب لاءِ دهشت پسندي ضروري نه آهي ۽ اهو پنهنجو مقصد ائين به حاصل ڪري سگهي ٿو.“

هن اهو به چيو ته: ”هوءَ انسان ذات جي قتل و غارت کي نفرت سان ڏسي ٿي.“

روزا لڪسمبرگ پنهنجي پارٽيءَ سان ڪيئي نظرياتي جهيڙا ڪيا ۽ ڪارل ليبنيخت (Karl Leibnecht) سان گڏجي پنهنجي ڪميونسٽ پارٽي ٺاهيائين. ڪارل ليبنيخت هڪ وڪيل هو. جيتوڻيڪ هوءَ سمجهوتي کان پري هئي ۽ ڪافي تند و تيز سياسي حملا ڪندي هئي. هوءَ فطرتاً هڪ نرم دل ۽ انسان دوست عورت هئي، جنهن کي ادب ۽ فطرت سان بيحد پيار هو. ١٩١٩ع ۾ هن کي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو هو. پر هن جو اثر اڄا تائين جرمن سياست تي آهي. جڏهن ١٩٨٩ع ۾ اوڀر جرمنيءَ جا باشندا پنهنجي سرڪار خلاف بغاوت ڪري رهيا ها ته هو روزا لڪسمبرگ جا لفظ نعري طور هٿي چئي رهيا ها ته: ”آزادي رڳو انهن لاءِ آزادي آهي جي مختلف رايو رکي سگهن ٿا“.

مون روزا لڪسمبرگ جي زندگيءَ جو عميق مطالعو ايليزبيٿا ايٽنگر جي ڪتاب ”روزا لڪسمبرگ جي زندگي، پڙهي ڪيو جو جرمن ٻوليءَ مان انگريزيءَ ۾ ١٩٨٧ع ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪتاب جو فوٽو ڪاپي مون گوئٽي انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر کان ٻين ٽيهن ڪتابن جي فوٽو ڪاپين سان گڏ ورتي هئي، جن ۾ هينرخ ٻول ۽ برٽالٽ بريخت جي ناولن ۽ ڊرامن جو سڄو سيٽ ۽ جرمن شاعريءَ تي ڪتاب هيا. ان لاءِ مان سندس ٿورائتو آهيان.

Gul Hayat Institute

رِيپِن (REPIN)

(۱۸۴۴ع کان ۱۹۳۰ع تائين).

روسي مصوَر. هو نوجوان مصورن جي انجمن ۾ شامل ٿيو، جنهن کي ”رمتا“ ڪوٺيندا ها جنهن آرٽ اڪيڊمي خلاف بغاوت ڪئي هئي ۽ آرٽ کي عوام ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هو روس ۾ حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ جا باني ها. هن جا ٻه شاهڪار ”هيبت ناڪ اوان، پنهنجي پٽ جي جسم سان“ (۱۸۸۵ع) ۽ ”قزاق سلطان جي سامهون پئي رهيا آهن“ (۱۸۹۱ع) چتر ميچيا وڃن ٿا. هو سٺو مصور ۽ رنگساز هو، پر هن جا همعصر هن جي تصويرن جي موضوعن کان ڏاڍو متاثر ٿيا. ۱۹۳۲ع ۾ سوشلسٽ حقيقت نگاريءَ جي اچڻ کانپوءِ ريپن روسي مصوريءَ ۾ هڪ مثالي مصور ۽ جذبي جو سرچشمو ٿي پيو. مغرب ۾ هن جي تصورن جو ڪوئي ڪتاب شايع نه ٿيو آهي، پر روس ۾ ريپن تي شايع ٿيل ڪتاب مونکي منهنجي دوست نور محمد خوجا ڏنو هو، جو منهنجي ڪلام جو انتخاب ڪري رهيو آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ مٿي ذڪر ڪيل تصويرن سان گڏ ٻيون ڇتيهه تصويرون به آهن. ”هيبت ناڪ اوان ...“ واري تصوير ۾ اوان جي گود ۾ هن جي پٽ جو لاش پيل آهي ۽ هن جون اکيون موت جي حقيقت تي سوچي، ڦاٽي ويون اهن ۽ هو خلا ۾ خوف سان ڏسي رهيو آهي، جنهن کي ڪنهن سهاري جي اميد نه آهي. قزاقن واري تصوير ۾ آهي ته قزاق ترڪيءَ

Gul Hayat Institute

جي سلطان ڏانهن وڌي رهيا آهن، هنن ۾ قونڊ، آڦري ۽ بي پرواهي آهي جا نڌَر، ڦڪڙ ۽ سرويچ قوم ۾ هوندي آهي، جا هوڙهيائيءَ کان ڪم وٺندي آهي ۽ بنا سوچ ويچارجي سِرُ ترِيءَ تي کڻندي آهي.

ريپن روسي حقيقت نگاريءَ جو وڏي ۾ وڏو اڪابر هو، جڏهن انقلابي قوتون زور وٺي رهيون هيون ۽ روس انقلاب لاءِ تياري ڪري رهيو هو، ريپن پنهنجو سارو زور، پنهنجي ساري زندگي روسي عوام جي اُتساهه لاءِ ڪم آندي. تاريخ هن کي لکي وئي آهي، پر هن تاريخ کي نه لکيو هو، جا هُن پاڻ کي لکيو هو؟

ريپن جي تخليق ان وقت جي روس جي نظر ۾ حقيقت نگاريءَ جي چوٽ تي هئي.

> "مان اڄي سٺ ورهيه جو ٿيو آهيان." ڪلاڪار چيو هو، "مان پنهنجي تصوّر کي سچائيءَ سان روپ ٿو ڏيان. منهنجي چوڌاري زندگي ولولا پيدا ٿي ڪري، مون کي ڪوئي آرام نه ٿي ڏئي ۽ بُرش لاءِ پُڪاري رهي آهي. زندگيءَ ۾ ايتري بي انصافي آهي، جو ڪنهن لاءِ آسودي ضمير سان خوبصورت خاڪا ڪيڻ ناممڪن آهي."

ريپن پنهنجي ڳالهه تي پورو هو، پر انقلاب آيو ۽ ويو. ڇا ريپن جو فن اُتيئي ٿي آهي ۽ ان جي قدر و قيمت ساڳي آهي يا اهو به انقلاب سان گڏ ختم ٿي ويو؟

Gul Hayat Institute

نوٽ:

ريپن تي ماسڪو ۾ شايع ٿيل ڪتاب مون کي منهنجي دوست نور محمد خواجه تحفي طور ڏنو، جنهن لاءِ مان سندس ٿورائتو آهيان.

زيب النساءِ

(١٠ شوال ١٠٤٧ هجريءَ کان محرم ١١١٤ هجري).

نامور مغل شهزادي، شهنشاهہ اورنگزيب جي پهريني ڌيءُ، جڏهن هوءَ چئن سالن جي هئي تہ اورنگزيب جي معتمد عنايت الله خان جي ماءُ حافظ مريم کي هن جي تعليم لاءِ مقرر ڪيو ويو. جنهن جي ڪوشش سان زيب النساءِ ننڍپڻ ۾ ئي قرآن مجيد حفظ ڪري ورتو. اورنگزيب کي جڏهن اهو اطلاع مليو تہ هن زيب النساءِ کي ٽيهہ هزار اشرفيون انعام طور ڏنيون. زيب النساءِ ملان جيوڻ کان صرف ونحو (گرامر) جو علم حاصل ڪيو ۽ ملان سعيد اشرف مازندرانيءَ کان ٻيا علم حاصل ڪيا. (مقالاتِ شبلي نعماني).

ملان اشرف، زيب النساءِ کي ١٤ سال پڙهايو. علم فقه ۽ حديث جي تعليم ڏني، ان کانسواءِ شعر جي ڄاڻ بہ ڏني. ١٠٧٣هہ ۾ جڏهن اورنگزيب ڪشمير وڃڻ جو ارادو ڪري رهيو هو تہ لاهور آيو ۽ بيمار ٿي پيو. انڪري شاهي حرم کي زيب النساءِ سوڌو لاهور ۾ رهڻ جو چڱو موقعو ملي ويو. زيب النساءِ درباري سياست کان الڳ رهندي هئي ۽ هميشہ علمي ادبي ڪمن ۾ رڌل رهندي هئي. هن جي باري ۾ ڪجهہ عشقيہ قصا ۽ ڪهاڻيون بہ مشهور آهن. جيئن: عاقل خان سان عشق. هو سپهہ سالار هو ۽ ان عشق سبب اورنگزيب جي هٿان جيئرو ديڳ ۾ جلايو ويو هو، پر اف نہ ڪئي

Gul Hayat Institute

هيائين. جيتوڻيڪ انسائيڪلوپيڊيا آف اسلام ۾ آهي تہ اهڙين ڳالهين جي ڪابہ تاريخي شاهدي ڪانہ آهي. هونءَ تہ زيب النساءِ ساري عمر ڪنواري رهي. مون هن جو ”ديوانِ مخفي“ تڏهن پڙهيو هو، جڏهن منهنجي عمر ۱۳، ۱۴ سال هئي. شايد اهو ڪتاب بہ منهنجي والد بزرگوار جي ڪتابن ۾ هو. هوءَ شعر ضرور چوندي هئي، پر انسائيڪلوپيڊيا آف اسلام جو چوڻ آهي تہ هن جو ڪو مجموعو ڪونہ ٿو ملي، جيتوڻيڪ اهو مون خود پڙهيو آهي ۽ جنهن مان هڪ شعر جو ترجمو تہ هن ڪتاب ۾ ذنل آهي ۽ ٻيا ڪجهہ شعر جي مون کي ياد آهن. هيٺ ڏجن ٿا هڪ غزل جو ٻيو شعر آهي:

صد بهار آخر شد و هرگل بفرقي جاگرفت،
غنچه باغِ دل ماں زيبِ دستاري نہ شد.
(سَو بهار پورا ٿي ويا ۽ هر گل پيشانيءَ تي جاءِ والاري،
پر اسان جي دل جي باغ جي مکڙي ڪنهن بہ دستار جي سونهن نہ ٿي.)

هن جي هڪ ٻئي مشهور غزل جا بند آهن:

بلبل از گل بگزرد چوں در چمن بيند مرا،
بت پرستي کی کند؟ گر برهمن بيند مرا.
در سخن مخفی شدم مانندِ بو دربرگِ گل،
هرکه دارد ميل ديدن در سخن بيند مرا.

(بلبل گل کي ڇڏي وڃي، جي مون کي چمن ۾ ڏسي،
بت پرستي ڪيئن ڪري جي برهمڻ مون کي ڏسي!
مان پنهنجي سخن ۾ ايئن مخفي آهيان، جيئن گل ۾ خوشبو،
جنهن کي مون کي ڏسڻو هجي، اهو مونکي سخن ۾ ڏسي.)

روايتن موجب، زيب النساءِ سان هڪڙو شعر اهو بہ منسوب آهي تہ جڏهن هوءَ باغ ۾ ٽهلي رهي هئي ۽ هن کي ڳاڙهو لباس پاتل هيو تڏهن عاقل خان هن کي ڏسي شعر جي هڪ سٽ پڙهي هئي:

سرخ پوشی به لبِ بام نظر می آيد.
(ڳاڙهي لباس واري ڪنهڙي تي مون کي نظر
اچي رهي آهي)

Gul Hayat Institute

انهيءَ ستت جي موٽ ۾ زيب النساءِ کيس جواب ڏنو هو:
نہ زاري، نہ زور و نہ بہ زرمي آيد.
(نہ زاريءَ سان، نہ زور سان ۽ نہ زر سان ٿي اچي)

چيو وڃي ٿو تہ زيب النساءِ هڪ مسجد آگري ۾ ۽ هڪ ڪشمير ۾ تعمير ڪرائي هئي. هن دهليءَ ۾ وفات ڪئي ۽ تيهہ هزاري باغ ۾ دفن ٿي. هن جو مقبرو تيستائين موجود هيو، جيستائين انگريز اُتي حڪومت جمائي ويا. (سر سيد احمد خان- آثار الصناديد) جڏهن "راجپوتانا-مالوا" ريلوي لائين ١٨٨٥ع ۾ تيار ڪئي وئي تہ اهو مقبرو زمين هيٺان اچي ويو. ڪن جو چوڻ آهي تہ زيب النساءِ جو مقبرو لاهور ۾ نئين ڪوٽ جي ڀرسان آهي، پر اها ڳالهہ درست نہ آهي.

Gul Hayat Institute

سبطِ حسن

هن سان منهنجي پهرين ملاقات تڏهن ٿي جڏهن نبي بخش کوسو جو غالباً ان وقت ڊائريڪٽر ڪلچر هو ۽ جو ڪنهن وقت منهنجو جونيئر رهي چڪو هو، ان عوامي ادبي انجمن پاران آرٽس ڪائونسل ۾ مون کي دعوت ڏني ته پنهنجو آپيرا "ڀڳت سنگهه کي ڦاسي" اسٽيج تان پڙهان. جڏهن فنڪشن پورو ٿيو، تڏهن هن منهنجي سبطِ حسن سان ملاقات ڪرائي جو مون کي سعيده گزدر سان گڏ پنهنجي گهر وٺي آيو. جتي فهميده رياض به ويٺي هئي. پهرينءَ ملاقات ۾ ئي اسان دوست ٿي وياسين. پوءِ ته هُن سان ڪيئي ملاقاتيون ٿيون. هن ۽ سجاد ظهير کي هندستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ ورهاڱي کان پوءِ پاڪستان موڪليو هو ته هو وچي پاڪستان ۾ ڪميونسٽ پارٽي ٺاهن. سجاد سان به منهنجي چڱي واقفيت هئي، پر پوءِ پنڊي سازش ڪيس ۾ هو فيض سان گڏ ٽِيپ ڪائي ويو. سبطِ حسن به ڪراچيءَ يا لاهور جي اردو حلقن تائين محدود ٿي ويو. ڇاڪاڻ جو اُتي اردو زبان جي ويڇ ِ هو ۽ اندرينءَ سنڌ سان يا پاڪستان جي عوام سان ڪوبه رابطو پيدا نه ڪيائين، جنهن لاءِ هو موڪليو ويو هو. هُو "ليل و نهار" ۽ پوءِ "پاڪستاني ادب" رسالو ڪيندو هو ۽ اردوءَ جي باري ۾ نهايت حساس هو. پنجاب جي مشهور اديب نجم الحسن سيد سان به هن جو

انڪري تڪرار تي پيو هو. غالباً ١٩٧٤-١٩٧٥ع ۾ هن مون کي چيو تہ اها هن جي غلطي هئي، جو هن سنڌي نہ سکي ۽ انڪري مان پنهنجا ترجما اردوءَ ۾ ڪيان ۽ اردو ادب کي سنڌي ادب سان روشناس ڪرايان.

هو نهايت نفيس طبيعت وارو ۽ پُر خلوص انسان هو ۽ هن جي ڪميونزم سان بيحد محبت هئي. مون جڏهن هن جو ڪتاب "شهرِ نگاران" پڙهڻ چاهيو (ان وقت اُن جي ٻي ايڊيشن نہ ڇپي هئي) تڏهن هن مون کي پنهنجي ذاتي ڪاپي ڏياري موڪلي، جو تہ هن وٽ ٻي ڪاپي ڪانہ هئي. هو هندستان ۾ گذاري ويو ۽ هن جي لاش کي پوءِ ڪراچيءَ ۾ دفنايو ويو. چڱو جو هو ڪميونزم جي خاتمي کان اڳ گذاري ويو نہ تہ هو اُن جي ستياناسيءَ جو دلي صدمو برداشت نہ ڪري سگهي ها. هو رحلت وقت اٽڪل ٧٥ ورهين جو هو. هن هيٺيان ڪتاب لکيا آهن، جي مون سڀ پڙهيا آهن.

١. شهر نگاران
٢. ماضی کے مزار
٣. پاکستان میں تہذیب کا ارتقا
٤. موسی سے مارکس تک
٥. انقلابِ ایران
٦. نویدِ فکر
٧. کارل مارکس
٨. بھگت سنگھ اور اُس کے ساتھی
٩. سخن در سخن
١٠. ادب اور روشن خيالي
١١. The battle of ideas in Pakistan

شهرِ نگاران ڪانپوءِ هن ڪتاب ڪافي تيزيءَ سان لکيا. شايد هن کي زندگيءَ جي خاتمي جو ڌهو پيو هو. هن فقط هڪ ڏيءَ ڇڏي هئي، جنهن سان هَن جي انتقال بعد منهنجي ملاقات حوري نورانيءَ جي گهر تي ٿي هئي. هو فيض احمد فيض جو گهرو دوست هو. اردوءَ جي "طلوعِ افڪار" رسالي هَن تي، فيض تي ۽ منهنجي دوست حسن حميديءَ تي خاص نمبر ڪڍيا آهن، جي مون کان هيٺ مٿي ٿي ويا آهن ۽ انڪري هن جي ڄمڻ ۽ موت جي تاريخ نہ ڏئي سگهيو آهيان.

Gul Hayat Institute

"ادب اور روشن خيالى"۾ سبطِ حسن جا مضمون آهن، پر اُهي هن جي موت کانپوءِ سيّد جعفر احمد مرتب ڪيا آهن. ان جي ديباچي تي مٿان منهنجي مرحوم دوست سرور باره بنڪوي جو هڪ شعر ڏنو اٿائين:

جس سے مل کر زندگي سے عشق ہوجائے وہ لوگ
آپ نے شايد نہ ديکھے ہوں مگر ايسے بھی ہيں.

واقعي سبطِ حسن، جنهن کي سڀ دوست پيار مان سبطي صاحب چوندا ها، اهڙو ماڻهو هو.

Gul Hayat Institute

سعدي شيرازي

هُن جو نالو شيخ مشرف الدين هو. هو تقريباً ٥٧٠ هہ / ١١٨٤ع ۾ شيراز ۾ پيدا ٿيو هو. اچا ننڍو هو تہ هن جو پيءُ گذاري ويو. ان ڪانپوءِ هن جي نظرداري ۽ پالنا سعد بن زنگي اتابڪ ڪئي. هن انڪري ئي پنهنجو تخلص سعدي رکيو. ابتدائي تعليم ڏياري، هُن کي وڌيڪ تعليم جي حصول لاءِ بغداد موڪليو ويو، جتي هن نامور درسگاهہ نظاميہ ۾ تعليم ورتي ۽ باطني علم جي تحصيل ۾ مشغول ٿي ويو. هن جناب شيخ شهاب الدين سُهرورديءَ جي هٿ تي بيعت ڪئي ۽ اُن سان گڏ حج ڪيا. هو بهترين شاعر طور مشهور بہ ٿيو ۽ شاعريءَ ۾ هن کي فردوسيءَ ۽ حافظ شيرازيءَ جهڙي شهرت بہ ملي. هن پنهنجي طويل زندگيءَ ۾ پهريان ٽيهہ سال مطالعي ۾ گذاريا. ان ڪانپوءِ ٽيهہ سال سير، سياحت ۽ شعرگوئيءَ ۾ صرف ڪيائين. ان بعد ٽيهہ سال هو وري مراقبي ۽ مجاهدي ۾ مشغول رهيو ۽ پنهنجي ڪلام جي تڪميل ۽ ترتيب ڪندو رهيو. باقي عمر جا ٻارهن سال هن اشاعت (تصوّف جي) ۽ تبليغ ۾ صرف ڪيا.

جڏهن هو سياحت ڪندو هو، تڏهن هندستان بہ ويو هو ۽ ان ڳالهہ جو ذڪر پنهنجي ڪتاب "بوستان" ۾ ڪيو اٿائين. هن جون بہ تصنيفون "گلستان" ۽ "بوستان" ڏاڍيون مشهور آهن. "بوستان" ٦٥٥ هہ / ١٢٥٧ع ۾ لکيو ويو ۽ "گلستان" ٦٥٦ هہ/ ١٢٥٨ع ۾ لکيو ويو. "بوستان" ۾

Gul Hayat Institute

اخلاقي موضوعن تي نظم آهن ۽ "گلستان" بنيادي طرح نثر ۾ آهي، ان ۾ بہ اخلاقي موضوعن کي ڪهاڻين وانگر نهايت اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هن جي انهن ٻن ڪتابن کان سوا غزلن جو ديوان، قصيدا ۽ ڪجهہ * نظم آهن، جن ۾ هزل بہ آهن.

سعدي شيرازي، ذوالقعد ٦٩١ هہ/ سيپٽمبر ١٢٩٢ ۾ فوت ٿيو. ان وقت هو شيراز ۾ رهيل هو. هن جي مزار شيراز شهر جي اوير طرف اڃا موجود آهي.

مون وٽ پنهنجيءَ پسند جي فارسي ڪلام جا ٿي نوٽ بُڪ لکيل آهن. فرصت جي کَميءَ سبب وڏيڪ پسنديده فارسي ڪلام اُتاري نہ سگهيو آهيان. انهن نوٽبڪن مان سعديءَ جا ڪجهہ شعر پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ ڏيان ٿو تہ هو اندازو لڳائي سگهن تہ سعدي ڪهڙي پائي جو شاعر هو:

اين مُدعيان در طلبش بي خبران اند،
آه کس که خبر شه خبرش باز نيامد.

(ترجمو: هي مدعي هن جي طلب ۾ بي خبر آهن، نہ تہ جنهن کي هن جي خبر پئي اُهو واپس نہ آيو).

***

توان شناخت به يک لحضه از شمايلِ مرد،
ک تا کُجاش رسيده است پايگاه علوم

(ترجمو: مرُس جي خوبين مان سمجهي وٺجي ٿو تہ عِلمن ۾ هُن جا پير ڪيستائين کُپيا آهن.)

***

چنان قحط سالي شد اندر دمشق،
که ياران فراموش گردند عشق.

(ترجمو: دمشق ۾ اهڙو ڏڪار پيو، جو يارن کان عشق وسري ويو.)

***

هر بد که بخود نه مي پسندي،
باکس مکُن اى برادارِ من.
گر مادرِ خويش دوست داري،
دشنام مَده به مادرِ من.

---

* هزل: فحش، کَچي، اُگهاڙي شاعري

Gul Hayat Institute

(ترجمو: هر برائي جا تون پاڻ سان نہ ٿو چاهين، اي يار! تون ٻئي ڪنهن سان نہ ڪر! جي توکي پنهنجي ماءُ پياري آهي، تہ منهنجيءَ ماءُ کي گار نہ ڏي!.

***

تو قدرِ آب چه دانی که در کنارِ فراتی
(ترجمو: تون پاڻيءَ جو قدر ڪيئن ڪندين ڇو تہ تون فرات (نديءَ) جي ڪناري تي رهندو آهين!)

***

ناچار هر که صاحبِ روئي نِکو بُوَد،
هر جا که بگذرد همهٔ چشمی برو بود.
(ترجمو: اُن لاءِ ڪوئي چارو نہ آهي، جنهن کي سهڻو منهن آهي، جيڏانهن بہ هو ويندو، اکيون اوڏانهن کڻي ويندديون.)

***

علاجِ واقعہ پیش از وقوع بایدکر،
دریغ سود ندارد چوں رفت کار از دست.
(ترجمو: واقعي جو علاج اُن جي ٿيڻ کان اڳ ۾ ڪرڻ گهرجي، دير مان ڪو فائدو نہ آهي، جو ڳالهہ هٿ مان نڪتي تہ ڇُٽي.)

Gul Hayat Institute

هر که عیبِ دگراں پیشِ تو آورد وشُمرد،
بیگُمان عیبِ تو پیشِ دگران خواهد بُرد
(ترجمون: جنهن ٻين جو عيب تو اڳيان کوليو، پڪ سمجهہ تہ هُو تنهنجو عيب ٻين اڳيان کوليندو!)

دو دوست قدر شُناسَند حَقِ صحبت را،
ڪ مُدتي بِبرَیدند و باز پیوستند،
(ترجمو: ٻہ دوست صحبت جو حق ڄاڻن ٿا. جي مدتن لاءِ ڪٽجي ٿا وڃن ۽ وري ٺهي ٿا وڃن.)

***

سعديءَ جا اهڙا ڪيئي شعر آهن، جي ڏيڪارن ٿا تہ "پنج تنتر" جي مصنف ڪانپوءِ هو ڏاهي ۽ ڏاهو مصنف هو. هن نهايت فصاحت، رواني ۽ ترنم وارا غزل لکيا آهن، جن کي فارسيءَ ۾ زندگي جاويد آهي. سندس ڪيترائي اهڙا غزل مون وٽ نوٽ ٿيل آهن، پر نوٽس ۾ طوالت اچي ويندي نہ تہ آهي غزل ايترا پيارا آهن جو پڙهڻ سان دل موهي وٺن ٿا.

Gul Hayat Institute

سلطان عبدالمجيد اول

اسلامي انسائيڪلوپيڊيا ۾ فقط هڪ سلطان عبدالمجيد جو ذڪر آهي. هو عثماني سلطان هو ۽ سلطان محمود ثانيءَ جو پٽ هو. ١۴ شعبان ١٢٣٨هه/٢۵ اپريل ١٨٢٣ع تي ڄائو هو. هن جي ماءُ "بزمِ عالم" هڪ غير معمولي تربيت واري خاتون هئي. عبدالمجيد ١٩ ربيع الآخر ١٢۵۵هه/١ جولاءِ ١٨٣٩ع تي پنهنجي پيءُ جي مسند تي ويٺو، يعني نزهب جي شڪست کانپوءِ، جا ترڪن ابراهيم پاشا کان کاڌي. پوءِ به پي اتحاد ۾، جنهن ۾ ترڪي پهريون ڀيرو شامل ٿي، جيتوڻيڪ فرانس ان ۾ شامل نہ هئي، ان ڳالهہ عثمانيہ سلطنت کي بچائي ورتو. عبدالمجيد اَول پنهنجي پيءُ جا نافذ ڪيل اصلاح جاري رکيا.

Gul Hayat Institute

هن جي دؤر ۾ فساد، بغاوتن ۽ قتلِ عام رونما ٿيا. هن قانون جي وضع ڪانسواءِ پيا بہ ڪيئي اصلاح ڪيا، خاص ڪري جنگي ۽ تعليمي نظام ۾. هن ڪيئي شفاخانا ۽ عمارتون تعمير ڪرايون. سرڪاري ڪاغذن ۽ سَنَدَن لاءِ پهريون "خزينه اوراق" هن ٺهرايو- سڀ کان پهريون ٿيئٽر بہ هَن جي دؤر ۾ تعمير ٿيو.

عبدالمجيد پهريون سلطان هو جو ڪائي يورپي ٻولي (فرانسيسي) ڳالهائي سگهندو هو. هو هڪ هشيار، مهذب ۽ هَتو ڪَتو شخص هو پر هن جي صحت حرمرم بي اعتدالين ڪري خراب رهندي هئي. هو گهڻ خرچائو ۽

ڦرڻو گهرڻو هو پر دلير هيو. ١٨٤٩ع ۾ هن پناهگيرن کي آسٽريليا حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪري، عالمگير سطح تي نيڪ نامي حاصل ڪئي. انسائيڪلو پيڊيا ۾ وڌيڪ لکيل آهي ته:

”ترڪيءَ جي تاريخ ۾ هن کان وڌيڪ رحمدل، شريف ۽ هن جهڙن رجحانن جهڙو حڪمران نه ٿيو آهي. هن جي دلڪش خدوخال اندر عاليٰ حوصلي جو روح هوندو هو.“

هو ١٧ ذوالحج ١٢٧٧هه/٢٥ جون ١٨٦١ع تي جوانيءَ ۾ ئي فوت ٿي ويو.

Gul Hayat Institute

سُقراط (SOCRATES)

اٿينيا جو فلسفي ۽ افلاطون جو محترم اُستاد هو. هو زباني تعليم ڏيندو هو. ڇاڪاڻ جو هن جي دؤر ۾ سوانح حيات نہ لکي ويندي هئي، ان ڪري هن جي باري ۾ معلومات ٻي هنڌان گڏ ڪئي وئي آهي.

هو سياست ۾ نهايت گهڻ حصو وٺندو هو. پر ٿي دوست اُنهيءَ بغاوت جا سرواڻ جنهن اٿينيا جي جمهوريت جو تختو اونڌو ڪيو. انهيءَ دوستيءَ مان سقراط کي پنهنجي مقدمي ۾ نقصان پهتو. اهو مقدمو هن تي ائني ٽس (Anytus) جي الزام ڪري ٿيو هو، جنهن کي هن خلاف ذاتي بغض هو. هن تي الزام اهو هو تہ هُو نئين نسل ۾ بي راهہ رَوي پيدا ڪري رهيو آهي، جنهن جي سزا موت هئي. اٿينس جي قانون موجب ڪوئي مجرم جلاوطني اختيار ڪري موت کان بچي ٿي سگهيو پر سقراط جلاوطنيءَ کان نابري واري ۽ چيو تہ: ”هن وقت مرڻ بهتر آهي جڏهن هن جا حواس برقرار آهن ۽ هن ۾ سگهہ آهي.“

هن پيريءَ ۾ ڪمزور ٿي مرڻ کي عيب سمجهو. انڪري هيملاڪ (زهر) جو پيالو پيتو ۽ سمهي پيو ان طرح پنهنجو انت آندائين.

سقراط منهنجيءَ شاعريءَ جو مرغوب ڪردار رهيو آهي.

Gul Hayat Institute

سيد احمد

(نومبر ١٧٨٦ع کان مئي ١٨٣١ع تائين)

سيد احمد، بالاڪوٽ جي جنگ جو مشهور شهيد هو، جو بريلوي نالي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو هو ۽ سلطان التمش جي زماني ۾ هن جو ڏاڏو سيد قطب الدين محمد هندستان آيو هو، جنهن کي شيخ الاسلام جو عهدو ڏنو ويو هو. سيد احمد جي ابتدائي تعليم گهر ۾ ٿي پر هن تعليم تي خاص ڌيان نہ ڏنو، البتہ هن جي سپاهين جي راندين سان رغبت هوندي هئي. ننڍپڻ ۾ هن بندوق ۽ تير ڪمان هلائڻ سکي ورتو هئائين. ١٧ ورهين جي عمر ۾ ملازمت لاءِ لکنئو ويو ۽ انهيءَ ڪانپوءِ دهليءَ پهچي ويو ۽ شاهہ عبدالعزيز جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. جنهن کيس شاهہ عبدالقادر وٽ موڪليو. اُتي هن عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ ڪتاب پڙهيا. ١٨٠٨ع ۾ سيد احمد پنهنجي وطن واپس آيو ۽ اتي زهره نالي هڪ خاتون سان شادي ڪيائين. انهيءَ دؤر ۾ مغلن جي حڪومت آخري پَساهن ۾ هئي ۽ انگريز پنهنجا قدم ڄمائي چڪا هئا ۽ مرهٽا اسلامي حڪومت کي پريشان ڪري رهيا ها.

اٽڪل ١٨١٠ع ۾ سيد احمد، نواب امير خان جي لشڪر ۾ شامل ٿيو ۽ لشڪر جي اصلاح ۽ هدايت شروع ڪيائين. جڏهن نواب امير خان انگريزن سان ناهہ جو سوچيو تہ هو امير خان کان الڳ ٿي ويو ۽ وري اڪبري مسجد ۾ رشد ۽ هدايت شروع ڪيائين. هتي هن جي هٿ تي شاهہ

Gul Hayat Institute

اسماعيل بيعت ڪئي. انهيءَ وقت هن جهاد جي تبليغ جو ڪم شروع ڪيو. هن جو خيال هو تہ هندستان مان هجرت ڪري ڪنهن اهڙيءَ جاءِ تي هليو وڃجي، جتي آزاديءَ سان مسلمانن کي جهاد لاءِ تيار ڪري سگهجي پر هڪ ڏينهن اوچتو پنهنجي ساٿين سان گڏجي حج جي سفر تي هليو ويو. حج کان واپس اچي هو جهاد جون تياريون ڪرڻ لڳو. مختلف عزيزن، دوستن ۽ حڪمرانن کي خط لکي، هن جهاد جي تربيت ڏني. جڏهن مجاهدن جي جماعت تيار ٿي وئي، تڏهن ١٨٢٦ع ۾ هندستان کي دارالحرب (جنگ جي جاءِ) چئي پاڻ ڪانسيءَ، گواليار، اجمير، چالي، امرڪوٽ، حيدرآباد (سنڌ)، پير ڳوٺ، شڪارپور، بولان، ڪوئيٽا، قنڌار، غزنيءَ، ڪابل، جلال آباد رستي پشاور پهتو ۽ ماڻهن توڙي حڪمرانن کي جهاد جي دعوت ڏنائين. ان تي رنجيت سنگهہ جي ياءُ ٻڌ سنگهہ ڏهہ هزار لشڪر سيد صاحب جي مقابلي لاءِ موڪليو جو نوشهري جي ويجهو اوڪاڙا ۾ ترسيو. لشڪر کي هر قسم جا هٿيار هئا ۽ مجاهدن وٽ تہ پوريون بندوقون بہ ڪونہ هيون. ان ڪري مجاهدن راتاهي هڻڻ جو منصوبو جوڙيو. ٢٠ ڊسمبر ١٨٢٦ع تي ٩٠٠ مجاهدن سکن تي راتاهو هنيو ۽ اٽڪل ٧٠٠ سک ماريا ويا ۽ سک لشڪر اوڪاڙا مان ڀڃي شيدوءَ ۾ پناهہ ورتي. ١٨٢٧ع ۾ هن جي هٿ تي پشاور جي دراني خاندان بيعت ڪئي ۽ هن جا مجاهد ٨٠ هزار ٿي ويا.

سکن پٺاڻن کي پاڻ سان ملايو ۽ ڇيو وڃي ٿو تہ سيد احمد کي زهر ڏنو ويو. سيد احمد مري ويو تہ جنگ شڪست ۾ تبديل ٿي وئي. هي تہ هيو "انسائيڪلو پيڊيا آف اسلام" ۾، جڏهن تہ "تحريڪ وهابيت، نالي ڪتاب ۾ وري ٻي ڳالهہ آهي تہ سيد احمد جنگ ۾ شير سنگهہ سان وڙهندي مري ويو ۽ ڪنهارنديءَ ۾ هن جي سر ۽ ڌڙ کي اڇلايو ويو جو ڪجهہ عرصي بعد ڳولي لڌو ويو. هو جهاد في سبيلَ الله لاءِ نڪتو هيو ۽ بالا ڪوٽ جي پرسان پوريل آهي.

پاڪستان جي تحريڪ جون جڙون سيد احمد جي جهاد سان ملايون وينديون آهن. هن مسلمانن کي هدايت تي ڪجهہ ڪتاب تحرير ڪيا هيا. جنهن ۾ "صراط المستقيم" اهڙو ڪتاب آهي جنهن کي مولاناشاهہ اسماعيل ۽ مولانا عبدالحيءَ مرتب ڪيو. ان ڪانسواءِ "تنبيهہ العارفين" "رسالہ ء نماز" "رسالہ ء در نڪاح" وغيره ڪتاب سندس تصنيفات ۾ شامل آهن.

شنڪر آچاريا

(۷۸۸ع کان ۸۲۰ع تائين)

پڻ ڪانپوءِ هندستان جو وڏي ۾ وڏو مفڪر هو. هن جو ڪَلاديءَ ۾ جنم ٿيو. (ڏکڻ- اولهہ ڀارت ۾ ملبار ڪناري تي، گوا کان ٿورو هيٺ) هو هڪ نهايت سمجهو ٻار هو ۽ ڪنهن نهر کي لاڙي پنهنجي ماءُ جي در تائين آندو هيائين. جيئن هن کي پاڻي ڀرڻ جي تڪليف نہ ٿئي. جڏهن هو اٺن ورهين جو هيو تڏهن ڪيس اسڪول موڪليو ويو. هو گووند گاد پد جو شاگرد هيو. هو يوگي نہ ٿيو پر پوري ڀارت جو رٿن ڪيائين ۽ مختلف فيلسوفن سان وادَ و وادَ ڪيائين. بنارس ۾ هُن هڪ زبردست برهمڻ تحريڪ هلائي. هن چار آشرم برپا ڪيا: ڏکڻ ۾ سرنگري (ميسور صوبو) ۾، اوڀر ۾ پوريءَ ۾، اولهہ ۾ دوارڪا ۽ اتر ۾ بدري ناٿ (هماليا) ۾. هو ۳۲ ورهين جي عمر ۾ هماليا جي هڪ ڳوٺ ڪيدار ناٿ ۾ گذاري ويو. سندس ٻہ جيون ڪٿائون لکيون ويون. هڪ ماڌوءَ لکي ۽ ٻي آنندگِريءَ.

Gul Hayat Institute

شنڪر اد ويتا مت جو هيو. جنهن جو دوئيءَ ۾ اعتبار نہ هو. جنهن انهيءَ ڳالهہ تي اصرار پئي ڪيو تہ ڪائنات ۾ وحدت آهي، ڪثرت ڪانہ آهي. هن جي نظر ۾ هيءَ دنيا خدا مان پيدا ڪئي وئي هئي ۽ خدا ڏانهن موٽي ٿي وئي. انهيءَ نظرئي سان شنڪر نہ رڳو سانکيا جي ترديد ڪئي پر هُن ٻوڌي سکيا کي بہ رد ڏنو. جيڪي چون پيا تہ دُنيا صرف ڏيک هئي ۽ سچي ڪانہ هئي. شنڪر چيو تہ: دنيا جنهن کي مايا چيو وڃي ٿو سا سچي

آهي، جيڪڏهن اُن کي مخصوص طريقي سان ڏٺو وڃي. پر انت ۾ اُها حقيقي (سَتُ) نہ آهي.

ڇندوگيا اُپنشد جي قول ”تت تُومَ اَسي“، (اهو تون آهين) سان شنڪر شروع ڪري پنهنجو نظريو ڏنو تہ خودي (آتما) ئي اصل حقيقت آهي. هن جي خيال ۾ پورو برهمانڊ (ڪائنات) ۾ اهنڪار (اندروني خودي) جنهن کي پُل ۾ آتما سمجهيو ٿو وڃي، اَوَديا (اڻڄاڻائيءَ) جو نتيجو آهي. شنڪر جَئمني (Jaimini) مت پوروا- ممانسا 'Purra-Mimanse' سان سهمت هيو تہ حق جي تلاش ۾ عقل تي ڀروسو نٿو ڪري سگهجي ۽ ان لاءِ اندر جي ٻوجهہ ڪپي. اسان کي اهڙي ٻُوجهہ گهرجي، جنهن سان ”ضروري“ کي يڪدم سمجهي وٺون ۽ ”غير ضروريءَ“ کي پاسي ڪري ڇڏيون. اسانکي تہ ٻُڌيءَ جي ضرورت آهي، هرڪاريہ پوءِ اهو راج جي باري ۾ هجي يا ارٿ شاستر هجي، ٻڌيءَ جو پيلي ۽ ٿهليو هجي ۽ فيلسوف کي ديهہ-ڌاري (مادي) ڳُتيءَ کان مٿي رهڻ گهرجي هر ڳالهہ جو شانتيءَ سان نبيرو ڪرڻ گهرجي. هن کي اگيان مان ڇوٽڪاري لاءِ سڀ کان وڌيڪ ڪوشش ڪرڻ گهرجي، خاص طور موڪش (موک) لاءِ جا انت جي اِڪائيءَ ۾ آنند ڏئي ٿي.

ماٺهوءَ جو من سُتيتا (سچائي) جي ڄاڻ کان وانجهي آهي، چاڪاڻ جو اهو هر شئي کي اَوَڪاش ۽ سَمَئي (زمان ۽ مڪان) جي جهليءَ (Film) مان ڏسي ٿو. مايا، من جي انهيءَ ويچارڌارا کي سمجهڻ لاءِ اُدم تي ويچارا ڪدي ٿي. اهو بندن ساري انسان ذات کي ڄم کان پلئہ پيو آهي. اسان ٻُڌي جي ذريعي پدارت (شيون) ڄاڻي سگهون ٿا ۽ هن مايا کي سمجهي سگهون ٿا، پر جي سچ پچ اسان حقيقت کي سمجهي سگهون تہ اهو برهما آهي. ان کي ٻُڌي (عقل) جي ذريعي يا اندري گيان (اوسان) وسيلي پائي نہ ٿا سگهون، پر هڪ پاڙهي پڪي ڪيل من جي اندرينءَ ٻوجهہ سان سمجهي سگهون ٿا. سچي آتما ڏاڍي ڇِپيل آهي، جڏهن انهيءَ جو اَنڀوءُ (احساس) ٿئي ٿو تہ اگيان ۽ مايا الوپ ٿي وڃن ٿا. هن وڌيڪ چيو تہ چاڪاڻ جو ٻاهرين ۽ اندرين حقيقت ۾ ڪو ڦير ڦند نہ رهندو تہ هي سرشتي ڪونہ رهندي.

شنڪر هڪ هنڌ لکيو تہ مايا نہ ست، نہ است آهي ۽ نہ وري ٻئي آهي. اها نہ ورهايل ۽ نہ وري ٻئي آهي، نہ ان جا انگ آهن ۽ نہ انهن کانسواءِ ڪجهہ آهي نہ ٻئي آهن. اها پنهنجي پاڻ ۾ اچرج جهڙي آهي ۽ بيان کان ٻاهر آهي. مايا جي سمرتي کي نشٽ ڪرڻو آهي، پاڻ ۾ نجي، انادي ۽ آپن (سچي) کي سجاڳ ڪري. انڪري ڪانٽ جي لفظن ۾ ڏٺل ۽ اڻ-ڏٺل، پڌري ۽ الوپ، ظاهر ۽ حقيقي، ٻئي شيون گڏوگڏ. ساڳيءَ طرح ٻہ پاڻ، جيڪو چنچل ۽ هڪ آهي ۽ آتما جا اسان سڀني جي ستيتا (سچائيءَ) جو سارُ آهي، جيڪا اسان ٻين جي جيون ۽ شين سان ورهايون ٿا، ٻہ ديوتائون آهن. ايشور (اپاٽـهار) جن کي عام ماڻهو اوڪاش، سمءُ، ڪارڻ ۽ ڦير گهير جي ذريعي پوڄا ڪن ٿا ۽ برهمڻ جو نج آهي ۽ ان جو پرماڻ (اختيار) ڏسي، ان ۾ گيان ذريعي نيتا ۾ ايڪتا پسي سگهجي ٿي.

حقيت ۾ شنڪر چيو آهي تہ هڪ ديهڪ پرآتما (Personal God) جي هئڻ ۾ ويساهہ اسانجي ورہل (هيٺي) سداچار لاءِ چڱو آهي، پر اهو برهمڻ جي اصل تت کي ڦيرائي نٿو سگهي، جيڪو سچ پچ هن دنيا جو آدي انادي تت آهي ۽ جيڪي بہ ان ۾ آهي، هن طرفان آهي.

ويدانت جيئن شنڪر بيان ڪئي آهي هريرو وحدت الوجودي ناهي، ڇاڪاڻ تہ سڀ شيون برهما جو حصو آهن. شنڪر اُپنشدن، ڀڳوت گيتا ۽ ويدانت، سُوتر تي ٽيڪائون ۽ وکياڻ لکيا آهن.

Gul Hayat Institute

ڪبير ڀڳت

رودِ ڪوثر، موج ڪوثر ۽ آبِ ڪوثر جي مصنف شيخ محمد اڪرام، آبِ ڪوثر جي صفحي ۵۲۹ تي لکيو آهي ته:

”لوڌين جي حڪومت ۾ اُتر هندستان ۾ ڪيترن ئي اهڙن مکيه بزرگن جو ظهور ٿيو، جن اهڙن فرقن جو آغاز ڪيو، جن ۾ ٻنهي مذهبن جا عقيدا شامل هيا. انهن بزرگن ۾ ڪبير سڀني کان متَ پرو هيو. جو ۱۴۴۰ع ۾ پيدا ٿيو هو ۽ ۱۵۱۸ع ۾ وفات ڪري ويو. تذڪره اولياءِ هند ۾ هن کي شيخ ڪبير جولا هو قُدس سرّه لکيو ويو آهي ۽ چيو ويو آهي ته هي حضرت شيخ تقي سهرورديءَ جو خليفو هو. هُن پنهنجيءَ ولايت کي ملامتيه طريقي ۾ ڇپايو هو ۽ جيڪي به هن جي وقت ۾ موحد هيا، انهن سڀني ۾ ممتاز هيو. ڪجهه ڏينهن رامانند ويراڳيءَ وٽ رهي هندي ٻوليءَ ۾ شاعريءَ جو فن سکيو. اڪثر هلي تذڪري ۾ لکيل آهي ته ڪبير پوءِ شيخ بيکا چشتيءَ جي خدمت ۾ رهي. خلافت جو خرقو حاصل ڪيو. هندو ۽ مسلمان ٻئي هن جا معتقد ٿي ويا. هر ڪوئي ڪبير کي پنهنجي مذهب جو سمجهندو هو. جي هندو هن جا پوئلڳ هئا ته اهي پاڻ کي ڪبير پنٿي چوائيندا ها. اُنهن جو

طور طريقو ۽ قول فعل بلڪل اهلِ اسلام وانگر هو. رڳو ٻوليءَ جو فرق هوندو هو. بابا نانڪ، جنهن جي سکيا ڪبير جي سکيا سان ملي جُلي ٿي ۱۴۶۹ع ۾ پيدا ٿيو ۽ ۱۵۳۰ع ۾ وفات ڪيائين."

ڊاڪٽر تارا چند "رامانند ۽ ڪبير" جي عنوان سان پنهنجي ڪتاب "هند جي تمدن تي اسلام جا اثر"، ۾ لکيو آهي.

"رامانج جي اَمرمت ساريءَ ڌرتيءَ تي ڦهلجي وئي. پهريون گرو ديو آچاريہ هو. ٻيو مشهور ۽ معروف گُروهري يانند هو. اُن ڪانپوءِ راگهو انند آيو ۽ پنهنجن عقيد تمندن لاءِ مسترت جو پيغام ڪٺي آيو. اُن ڪانپوءِ رامانند جو ظهور ٿيو جو ماٿهوءَ جي جاڳرتا جو اوتار ٿي آيو.... رامانج ڪانپوءِ رامانند روحاني سلسلي جي ٻاويهين ڪَڙي هو ... ممڪن آهي تہ رامانند تيرهين صديءَ عيسويءَ جي آخر بجاءِ چوڏهين صدي عيسويءَ ۾ پيدا ٿيو هجي ... هن سيني کي يڪتيءَ جي تعليم ڏني ... رامانند جي تعليم مذهبي خيال جي ٻن مڪتبن کي جنم ڏنو. هڪ قدامت پسند هو ۽ ٻيو جدت پسند. پهريون مڪتبِ خيال قديم عقيدن تي ڪاربند رهيو ۽ عقيدن ۽ رسمن ۾ ٿوريون تبديليون ڪيائين. ٻئي مڪتبِ خيال آزاد رَوش اپنائي، هڪ اهڙي مذهب جو بنياد وڌو، جنهن کي هندو ۽ مسلمان ٻئي قبول ڪري سگهن پيا. پهرين مڪتب خيال ۾ تلسي داس جو نالو سيني کان اڳ ۾ اچي ٿو ۽ ٻئي مڪتبِ خيال ۾ سڀ کان اول ڪبير جو. (اڪرام الله بہ ان تي متفق آهي تہ ڪبير تي رامانند جو اثر هو.) ان ۾ شڪ نہ آهي تہ وچولي دؤر جي هندستان اِهي سڀ کان زياده اهم شخصيتون پيدا ڪيون ... ڪبير، تلسي داس کان الڳ هڪ ٻئي نظام جو جينيس آهي. هن اسرارِ حيات جو غور سان مطالعو ڪيو ۽ لم يزل جو جلوو ڏٺو. هن هڪ ماورائي عالم مان فرد ۽ سماج لاءِ هڪ نئون پيغام آندو هو ۽ مستقبل جو هڪ

Gul Hayat Institute

خواب ڏنو هو، جو تمام ڪدورتن، بدصورتين ۽ بي هنگمين
ڪان پاڪ هو. هو اهڙي مذهب جي تعليم ڏيندو هو جو هن
جي ذاتي تجربي تي ٻڌل هو ۽ ڪنهن بہ هن هڪ مجيل
عقيدي جا قدر ۽تمام لوازمات هڪ ٿڏي سان هٽائي ڇڏيا تہ
هن جو روح مذهبن جي جهيڙن جهڳڙن ۽ ڏيکاءَ جي خالي
پيلي پرستش مان ڪٿو تي پيو هو. هو ڪنهن بہ رياڪاريءَ
کي برداشت نہ ٿو ڪري ۽ جڏهن حق جي طلب ڪري ٿو تہ
حقيقت جو طالب آهي. ڪبير گوشہ نشين تياڳي نہ آهي،
جنهن دنيا کي خدا حافظ يا آسرو گروءَ جو چيو آهي نہ هو
وري تخيل پرست آهي، جنهن کي هر شيءِ ۾ ”مڙيو ئي
منائي“ نظر اچي ٿي. هو تہ چوي ٿو تہ: دنيا جي اخلاقي
جدوجهد ۾ صليب کي تلوار ٻڌايو وجي ۽ صداقت جي بچاءَ ۾
هڪ ڀرپور وار ڪيو وڃي. هو معقوليت پسند طور طريقي
ڪان هر نابري واري ٿو ۽ انساني شرف جي هر ذلت تي ڦٽ
لعنت ڪري ٿو. هو هڪ سگهائتي ڄڻيَ ڪرڻ وارن مان آهي.
هڪ نڏر ڳولائو آهي ۽ هندستان جي هندو مسلم جماعتن جو
وڏو علمبردار آهي ۽ انسانيت جي مذهب جو پيغامبر آهي،
جنهن اهو سبق ڏنو آهي تہ مجموعي طرح خدا سڄي انسان
ذات ۾ جلوہ گر آهي.“

ڪي محقق چون ٿا تہ ڪبير هڪ سو هڪ سال زندهہ رهيو ۽ ڪي
چون ٿا تہ ڪبير ۱۵۱۸ع ۾ فوت ٿيو. ڪيئن بہ هجي، سردار جعفري، اردو
جو ترقي پسند شاعر ۽ اديب، هن جي باري ۾ چوي ٿو تہ:

”ڪبير ڪوري هيو (ڪوري لفظ هنديءَ ۾ بہ ساڳيءَ
معنيٰ ۾ مستعمل آهي، جنهن معنيٰ ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ڪم
آندو وڃي ٿو.) ۽ جولاهي جو لفظ گهٽ استعمال ڪيو اٿائين
۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کي ڪوري ۽ ڪمينو بہ چيو اٿائين:

تہان جاؤ جہان پاٹ پٹمبر اگر چندن گھس لیتاں.
آئے ہمارے کیا کروگے، ہم تو جات کمیناں.

Gul Hayat Institute

(اوڏانهن وچ جيڪڏانهن پٽ-پٽيهر آهي ۽ اگر چندن جو دونهون نڪري رهيو آهي؛ اسان وٽ اَچي ڇا ڪندينءَ اسان تہ ڪميني ذات جا آهيون.)

ائين نہ آهي تہ هو پنهنجيءَ ذات کي ڪميڻي ذات سمجهندو هيو، پر اها هن جي ڪَسَر نفسي هئي. اها ڳالهہ اهم نہ آهي تہ هُو هڪ جُلاهي (ڪوريءَ)، جو پٽ هو، يا ڪنهن برهمڻيءَ جي پيٽ مان ڄائو هو ۽ هڪ جُلاهي جي گهرڄانوِ هُيو."

سردار جعفري وڏيڪ لکي ٿو تہ:

"هن جي موت جي چوڌاري هن جي چاهڻ وارن جيڪي افسانا ناهيا آهن، اُهي ڪبير لاءِ عوام جو وڏو عقيدت جو اظهار آهن. هن جي تعليم جو نچوڙ اها خالص انساني محبت آهي، جا مذهب جي تفريق ۽ ذات پات جي جهڳڙن کان پاڪ آهي. چيو وڃي ٿو تہ هُن جي مرڻ کان پوءِ هن جي لاش تي هندن ۽ مسلمانن هڪٻئي تي تلوارون ڪڍيون. هندن هُن جي لاش کي جلائڻ چاهيو ٿي ۽ مسلمانن دفن ڪرڻ چاهيو ٿي. ان جهڳڙي جو فيصلو تڏهن ٿيو جڏهن ڪبير جو لاش گلن جي انبار ۾ تبديل ٿي ويو ۽ اهي گل پنهي ڌرين اڌو اڌ ڪري ڪنيا. انهيءَ طرح هندن جي رسم بہ پوري ٿي وئي ۽ مسلمانن جي بہ..............."

Gul Hayat Institute

" جيڪي مذهبي رسمون ڄاڻندا ها، اُهي اقتدار تي خدا ۽ ڀڳوان جون مُهرون هڻندا ها (اوچ نيچ خدا جي دين آهي، بادشاهہ زمين تي خدا جو سايو آهي) پر باطني مذهب جا رهنما گرو، فقير ۽ ڀڪشو ها. انهن جي تن تي گيڙو ڪپڙآ هوندا ها، يا شايد اهي بہ ڪونہ هوندا ها. هٿ ۾ پِن مڱڻ لاءِ ڪشڪول هوندو هونِ ۽ انهن جي دل ۾ غم جا ٻارڻ ٻرندا ها. هو علم کان وانجهي هوندا ها، پر هنن جي چپن تي محبت

جا حرف هوندا ها. هو اسرار جا چاڻو ها، عقل وارا نہ ها. هنن وٽ نہ مندر ها نہ مسجدون هيون، نہ اوقاف نہ جائدادون. هنن وٽ ڪوئي ڪتاب بہ ڪونہ هوندو هو. صرف دل هئي. هو هر انسان کي اها بشارت ڏيندا ها تہ خدا محبت آهي ۽ محبت خدا آهي، انسان جو عشق خدا جو عشق آهي. اِها تبليغ ۽ تلقين بلڪل مفت هئي.

”طبقاتي نفرت ڪانسواءِ حڪمران حڪومت نہ ڪري سگهندا ها، پر صوفين ۽ ڀڳتن ان طبقاتي نفرت جي مقابلي ۾ انساني برادري ۽ محبت جو نصب العين رکيو. حڪمرانن لاءِ دنياوي حيثيت جو معيار دنيوي دولت هئي. ڀڳتن ۽ صوفين لاءِ انسان جي اعليٰ درجي جو معيار ڀڳت، پريم، عشق حقيقي ۽ عشق مجازي هئا. مال ۽ دولت جي محبت ۽ جائدادن جون بندشون اُن عشق ۾ ڪوٽ ڪري ٿي سگهيون، ان ڪري اُنهن بزرگن ترڪِ ڪي پنهنجيءَ بنياديءَ تعليم جو حصو بڻايو هو. ان ڪري ئي مولانا جلال الدين روميءَ دولت کي انهيءَ ڪُلاهہ سان تشبيهہ، ني هئي جا گنجي جي سِر کي لِڪائي ٿي ۽ خوبصورت زلفن وارا ننگا مَٿا ئي اُن ۾ چڱا لڳن ٿا. بازار ۾ وڪامندڙ غلامن جي جسماني حُسن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اُنهن کي ننگو ڪيو ويندو هو. اُنهن کي خريد ۽ فروخت ڪرڻ وارا امير پنهنجن بيمار جسمن کي اطلس ۽ ريشم جي قبائن ۾ ڇپائي رکندا ها........“

سردار جعفريءَ ان ڪانپوءِ ڪجهہ صفحا ڪبير جي مايا جي فلسفي تي اٺينءَ صديءَ ۾ شنڪر آچاريا جي فلسفي، اَدوَيت واد، ۽ هن جي نقاد رامانج (۱۱۷۵ع کان، ۱۲۵۰ع تائين) جي، وِشيشت اَدويت واد، جي نڪتہ نگاهہ کان بحث ڪيو آهي. ان ڪانپوءِ لکيو اٿائين تہ ڪبير، پنهي حقن (حقَ خدا ۽

● اَدويت (سنسڪرت):- هڪڙوئي
* وشيشيت (سنسڪرت): نهايت چڱو.
○ حقَ الله:- الله جا حق، حقَ العباد: عابدن جو حق

Gul Hayat Institute

حقَ العباد) جو بہ ذکر ڪيو آهي مثال طور:

★ سَرگُن کی سيوا کرو، نِرگُن کا کرو گيان،
نِرگُن سَرگُن کے پرے تمهيں همارا دهيان.

”ڪبير هڪ مسلمان صوفي هو، جنهن پنهنجي ڳالهہ هندو ڀڳتيءَ جي ٻوليءَ ۾ ڪئي. چوتہ هو بار بار پاڻ کي جولاهو چوندو هو، ان ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ هُن اسلام کي ترڪ نہ ڪيو هيو، پر هن جي ڏج هِندڪي هئي. مَٿي تي تلڪ لڳائيندو هو ۽ جسم تي جٽيو پائيندو هو.......“

”جڏهن هو چوي ٿو تہ هڪ دنيا ڪانپوءِ ٻي دنيا تسبيح جي داڻن وانگر ڦري رهي آهي، تڏهن انهيءَ چوڻ جي ضرورت محسوس نہ ٿي ٿئي تہ ساري ڪائنات انهيءَ تسبيح ۾ مشغول آهي ۽ جڏهن هو عوام جي ٻوليءَ ۾ چوي ٿو تہ ”نراڪار، نِرگُن، ڪَرواهي ڪوسَنگَ“، تہ ائين محسوس ٿو ٿئي تہ هندي ڀاشا ۾ ”قُل هو الله اَحد“ جي تفسير ايئن پيش ڪري سگهجي ٿي.“

مان جڏهن ٻيو يا ٽيون درجو سنڌي پڙهندو هوس تڏهن اسانجي پرسان چوڪرين جو ”ميران اسڪول“ هوندو هو، جتي صبح جو سُر سان ميران جا ڀڄن ۽ ڪبير جا دوها ڳاتا ويندا ها، جي مان ڏيان سان ٻڌندو هوس ۽ جي مون کي ياد ٿي ويا ها. انهيءَ اسڪول ۾ پوءِ ماستر جهامنداس ”جهام“ پنهنجن پوين ڏينهن تائين رهندو هو. جهامنداس ”جهام“ ئي منهنجي لاڙڪاڻي واري جئسنگهاڻي ”سام“ ۽ هن جي زال سَرلا سان واقفيت ڪرائي هئي، جا پوءِ دوستيءَ ۾ تبديل ٿي وئي هئي. ”سام“ تن ڏينهن ۾ اڪبر آشرم کوليو هو ۽ سچل سرمست وانگر شاعرِ هفت زبان ٿيڻ چاهيندو هو. فرصت ملي تہ مان ”جهام“ ۽ ”سام“ تي ڪنهن وقت مفصل مضمون لکندس.

★ سَرگُن: جنهن ۾ سڀ گڻ هجن.
نِرگُن: گڻن کانسواءِ

Gul Hayat Institute

مون ننڍي هوندي ڪبير ۽ ميران جو ڪلام سنڌيءَ صورتخطيءَ ۾ به پڙهيو هو ۽ ٻئي ڪتاب اڃا تائين مون وٽ موجود آهن. ٽئگور جو ترجمو ”ڪبير جا گيت“ ته مون کي ڏاڍو وڻيو هو.

Gul Hayat Institute

قرأة العين طاهره

مشهور ايراني شاعره، اصل نالو زرين تاج هيس. والد جو نالو ملان صالح هوس، جو قزوين ۾ رهندو هو، ۽ عَلمائن ۾ ممتاز حيثيت رکندو هو. قراة العين طاهره جي مجتهد ملان محمد تقيءَ جي پٽ ملان محمد سان شادي ٿي. انهيءَ وچ ۾ علي محمد باب جي تعليم جو هُل ٿيو. هوءَ باب جي خط و ڪتابت سان ايتري متاثر ٿي جو سندس حلقي ۾ داخل ٿي وئي ۽ باب جي حڪم تي جدا جدا جاين، ڪربلا، بغداد، ڪرمان ۽ همدان ۾ بابي مذهب جي تبليغ شروع ڪيائين. انهيءَ ڪري پيءُ، سهري ۽ مڙس سان ناتو ٽٽي ويس.

"قراۃُ العين" جو خطاب هن کي علي محمد باب ڏنو هو. قراۃُ العين پاڻ خطابت ۾ بينظير هئي ۽ حسن و جمال ۾ بہ يگاني هئي. شعر بہ چوندي هئي. هن جا غزل ۽ قصيدا بہ ڇپجي چڪا آهن. جنهن ۾ سڀ کان مشهور غزل اٿس:

گربتو اُفتدم نظر چهره بہ چهرو روبرو
شرح دهم غم ترا نقطہ بہ نقطہ مو بہ مو

(جيڪڏهن توتي نظر پئجي وڃي ۽ چهرو چهري جي سامهون هجي ۽ مُنهن مُنهن جي ويجهو هجي، تہ مان تنهنجي غم جي سمجهاڻي ڏئي سگهان ۽ اُن جي نقطي نقطي ۽ وارَ وارَ جي)

Gul Hayat Institute

قرا ةُ العين تي جميل هاشميءَ اردوءَ ۾ ناول لکيو آهي، ”چهره بہ چهره روبرو“جي نالي سان، جو هڪ خوبصورت ناول آهي. ڪنهن تاريخ نويس جو چوڻ آهي تہ قرا ةُ العين جي سهري کي بابي تحريڪ جي پوئلڳن قتل ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن ناصرالدين شاهہ تي قتل جو حملو ٿيو هو، تڏهن قرا ةُ العين انهيءَ حملي جي الزام ۾ ٻين سان گڏ گرفتار ڪئي وئي هئي ۽ هن جي قتل جو حڪم جاري ڪيو ويو هو. هُوءَ ١٨٥٢ع ۾ قتل ڪئي وئي.

هن لاءِ هڪ روايت آهي تہ جڏهن جلاد هن کي گهٽو ٿي ڏنو تہ هن جو حسن ڏسي جلاد جا هٿ ڏڪي رهيا هئا. مسلمان دنيا ۾، شايد مٿئين طبقي مان هُوءَ پهرين عورت هئي، جنهن پردي کان انڪار ڪيو هو.

Gul Hayat Institute

ازرا پائونڊ

ازرا پائونڊ تي نوٽ لکڻ وقت، هن تي وڏي ۾ وڏو ڪتاب "Ezra Pound the Solitary Volcano" (ازرا پائونڊ اڪيلو جوالا مکي) جو جان ٽائيٽيل (John Tytell) لکيو آهي، سو منهنجي هٿ ۾ آهي. ڪتاب جي نالي مان ئي ظاهر آهي ته هو ڪيتري اوچي درجي جو اديب هو. هن ۾ جينيس، ذڪو ۽ اڻ وٽندڙ لڇڻ هيا. مون هن جي شاعري تمام غور سان پڙهي آهي ۽ مان ڀانيان ٿو ته هو ٽي. ايس. ايليٽ کان به وڏو شاعر هو، جنهن ڪيس متاثر به ڪافي ڪيو هو. هو جديديت جو باني ليکيو ويندو آهي ۽ هن جارجين اديبن کي ائين احمق سمجهي ٺڪرائي ڇڏيو، جيئن مون "جميعت الشعراء" کي مسترد ڪري ڇڏيو هو. هن ويهين صديءَ جي انگريزي شاعريءَ ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو. ٻئي جنگ عظيم ۾ هن سان ڇڪتاڻ ٿي جو هن جا اقتصادي نظريا فاشي هيا. هن اٽلي ريڊيو تان مسوليني جي لاءِ پروپيگنڊا ڪئي ۽ آمريڪا جي خلاف ڪافي ڳالهايو، ڇاڪاڻ جو هو جيفرسن جي اقتصادي نظرين ۽ سرمائيدارانا اقتصاديات ۾ سودخوريءَ جو سخت دشمن هو، انڪري جڏهن اتحادين اٽليءَ تي قبضو ڪيو ته FBI هن کي گرفتار ڪيو ۽ غداريءَ جي الزام هيٺ، هن کي آمريڪا نيو ويو هو، جتي هن کي موت جي سزا اچي سگهي ها. آتي هن جي دوستن نفسياتي علاج جي ماهرن کان سرٽيفڪيٽ ورتو ته هو ذهني توازن وڃائي چڪو آهي ۽ هن کي

Schizophercnia (ماليخوليا) آهي، انڪري هن تي ڪيس نہ هليو. جڏهن هن کي ڪيترن سالن ڪانپوءِ جيل ۾ رکي، آزاد ڪيائون تہ هو موٽي اٽليءَ ويو.

مون کي ياد ٿو پوي تہ ٽائيم (Time) رسالي ۾ خبر ڏني وئي هئي تہ هوائي اڏي تي جڏهن ڪنهن صحافيءَ هن کان انٽرويو ورتو هو تہ هن جواب ڏنو هو:

"وڏيڪ ڇا چوان، آمريڪا ۾ رڳو چريو ٿي رهي سگهجي ٿو."

هن پويان ڏينهن وينس ۾ گهاريا هيا (جيتري قدر مونکي ياد آهي) ۽ مون هن جي پيريءَ جي هڪ تصوير ڏٺي هئي، جنهن ۾ هو لڪڻ ٽيڪيندو هڪ پُل ڪان لهي رهيو هو.

هن زندگيءَ جو پويون چڱو حصو جيل ۾ گذاريو هو ۽ آخر موٽي اچي جنيوا ۾ پنهنجن پراڻن دوستن سان مليو هو، جن هن کي خانگي گهر مهيا ڪري ڏنو. ان وقت هو ٧٢ ورهين جو هو. جيئن هن چين جي تاريخ مان ڪجهہ ٽڪرا ڪڍي پنهنجا ڪنٽوز (Catos) لکيا آهن. ائين مون کي بہ سوداءُ رهيو آهي تہ برصغير جي تاريخ مان اهم واقعا ڪڍي انهن تي نظم لکان. اهڙا ڪجهہ نظم مان اڳيئي لکي چڪو آهيان. هن کي ١٩٦٢ع ۾ مثاني جي غدود جو پَڪريز ٿي پيو، پر پوءِ بہ هو وينس ۾ چڪر ڏيندو وتندو هو. اگاٿا ڪرسٽي وغيره جا ڪتاب پڙهندو رهندو هو ۽ شطرنج کيڏندو رهندو هو. هڪڙي ڏينهن هڪ صحافيءَ ڪائنس ڪو سوال پڇڻ چاهيو تہ هن کي جواب ڏيندي چيائين:

"پِيري اچي وئي آهي."

آمريڪا جي "شاعري" رسالي ١٩٦٢ع ۾ هن کي Academy of American Poets (آمريڪي شاعرن جي اڪادمي) پاران انعام ڏنو هو. هن جا ڪيئي دوست مري چڪا ها.

● ١٩٥٧ع ۾ ليوس (Lewis) کي ميچالي ۾ ڳوڙهو ٿي پيو هو، جو هن جي موت جو ڪارڻ ٿيو هو. هيمنگوي ١٩٦١ع ۾ بندوق مُنهن ۾ رکي گولي هڻي پاڻ کي ماريو.

ليوس: (١٨٩٨ع کان ١٩٦٣ع تائين، انگريز محقق، نقاد ۽ ناول نويس.

Gul Hayat Institute

• ڪُمنگس (Cummings) ١٩٦٢ع ۾، ۽ وليم William هن کان
هڪڙو سال پوءِ مري چڪو هو. جڏهن هو ٧٨ ورهين جو هو ۽ اٽليءَ ۾ آئي
ڪيس پنج سال ٿيا ها تہ هن انٽرويو ڏيندي چيو هو: ”مان ڄاڻان ٿو تہ مان
ڪجهہ نٿو ڄاڻان.“

١٩٦٥ع ۾ هن جو دوست ٽي.ايس. ايليٽ بہ مري ويو، پائونڊ هن تي
هڪ مختصر پرنهايت جذباتي قطبو لکيو هو. جڏهن ٨٠ ورهين جو ٿيو تہ هن
تي ٽي وي پروگرام ڪيا ويا ۽ هن تي ڪيئي ڪتاب ۽ مضمون لکيا ويا. ٨٩
ورهين جي عمر ۾ هو پئرس ويو ۽ ڪيترن دوستن ۽ واقفڪارن سان مليو. اتي
”ڪنٽوز“ جو فرينچ ترجمو ڪيائين. مون شايد ٽائيمس ۾ پڙهيو هو تہ هن
هڪ هنڌ چيو هو تہ: ”مان خاموش نہ ٿي ويو آهيان پر خاموشيءَ مون تي
تسلط ڪيو آهي.“

اهي لفظ ڄڻ هن جو زندهہ ڪتبو هيا. پوين ڏينهن ۾ زيورچ ۾ مشهور
ناولسٽ • جيمس جُوائس جي قبر تي ويو، تنهن کانپوءِ يونان جو سفر بہ
ڪيائين ۽ ٽي ڪتاب شايع ڪرايائين.

آڪٽوبر ١٩٧٢ع ۾ هو اسپتال ۾ گذاري ويو. هو پنهنجي دؤر ۾ ليجينڊ
(Legend) ٿي چڪو هو. (ليجينڊ انگريزيءَ جو لفظ آهي، جنهن جو پورو
ترجمو ڏند ڪٿا يا قصو ڪهاڻي نہ آهي.)

• ڪمنگس: (١٨٩٤ع کان ١٩٦٢ع تائين) آمريڪي شاعر.
• وليمس: (وليم ڪارلوس ١٨٨٣ع کان ١٩٦٣ع تائين آمريڪي شاعر، ناول نويس، ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نگار.
• جيمس جوائس: (١٨٢٢ع کان ١٩٤١ع تائين) يوليسس ناول هن جو شاهڪار آهي.

Gul Hayat Institute

بـابـا فـريـد

(٥٦٩ هہ کان ٦٦٤هہ تائين)

خواجا قطب الدين بختيار ڪاڪيءَ جو مريد هو. هن سان عام ۽ خاص جي عقيدت هئي. هونءَ تہ سارو سال هن جي مزار تي حاضري ڏيڻ لاءِ ماڻهو پاڪ پتن پهچندا آهن پر ڪنهن اسلامي ڏينهن تي زيارت ڪندڙ وڏي ويندا آهن. هن جي عرس ۾ هزارين ماڻهو جدا جدا شهرن مان ايندا آهن. گهڙي گهڙيءَ جي محاسبي لاءِ انهيءَ عقيدت کان وڏي قوت ڪهڙي ٿي سگهي ٿي تہ انسان لاءِ موت لازمي آهي ۽ جنهن ڏينهن زندگيءَ جو آغاز شروع ٿيو آهي انهيءَ ڏينهن کان وک وک ۾ وجهي موت انسان جي ويجهو ايندو رهيو آهي. انهيءَ روشنيءَ ۾ ئي هن پنهنجي عمل جي راهہ طئہ ڪئي ۽ درويشيءَ جو خرقو پاتو. ناليءَ نسب سان سڀ نسبتون توڙي ڇڏيون ۽ هن پنتي موتي نہ ڏٺو تہ هن جو شجرو بلخ جي بادشاهہ ابراهيم سان ملي ٿو، جنهن بادشاهي ڇڏي روحانيت جي شهنشاهيت حاصل ڪئي هئي.

ڪابل جو بادشاهہ فرخ شاهہ هن جي ڏاڏي جو ڏاڏو هيو. فرخ شاهہ جي وفات تي سلطنت کي زوال آيو. ڪابل جي حڪومت غزنيءَ جي بادشاهہ کي هٿ ۾ آئي پر فرخ شاهہ جي خاندان جي جاگير بحال رهي. جڏهن چنگيز خان وچ ايشيا کي تاراج ڪيو تہ بابا فريد جي ڏاڏي هن جي خلاف جهاد ڪيو ۽ شهيد ٿيو. سندس پيءُ خواجا شعيب اباڻو وطن ڇڏي اچي ملتان ۾

رهيو. انهن ڏينهن ۾ هندستان ۾ سلطان شهاب الدين غوريءَ جي حڪومت هئي، جنهن هن کي جاگير ڏني ۽ ساليانو خرچ لاءِ ڪجهه پئسا به ڏيندو هو. تنهن ڪري هو معاشي فڪر کان آزاد ٿي ويو.

هو ٥٦٠هه ۾ جائو ٻيءَ کان روحاني تعليم ورتائين. جاگير مان پنهنجو حصو به پنهنجي پائرن کي لکي ڏنائين ۽ پنهنجي لاءِ روحاني دنيا وسايائين. هن جو شاهه لطيف جي ڪلام تي ڪافي اثر آهي. مثال طور هڪ بيت ڏجي ٿو:

سرو ور پنڇهي هيڪڙو، ۾ ڦاهي وال پچاس،
اي تَن لهرين گڏ تيا، سچي تيري آس.

پٺائيءَ جو بيت آهي

سر تي پکي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاهه،
اتم آس الله، لذي لهرن وچ ۾.

بابا فريد جو عرس محرم جي شروعاتي ڏينهن ۾ ملهايو ويندو آهي. هن جي درگاهه جو دروازو (جنهن کي بهشتي دروازو به چوندا آهن) خواجا نظام الدين اولياءِ تعمير ڪرايو هو. بابا فريد کي شڪر گنج جو لقب ڏنو ويو هو. هن کي اهو لقب ان ڪري ڏنو ويو هو جو ڪيس حقيقي عشق جوميناج ڏاڍو وڻندو هو.

Gul Hayat Institute

برمودا ٽِڪنبو

(Bermuda Triangle)

ان کي شيطان جو ٽڪنبو ۽ وڃايَلن جو پاتال (Limb of the lost) به چوندا آهن. اهو يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي ڏکڻ اوڀر طرف ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ايراضيءَ جو غير سرڪاري نالو آهي. جا برمُودا، فلوريڊا ۽ پيورٽوريڪو جي ڪُنڊن تي آهي. انهيءَ ايراضيءَ ۾ ۽ ان جي ويجهڙائيءَ ۾ ڪيئي پاڻيءَ جا جهاز، هوائي جهاز ۽ ڪشتيون پراسرار حالتن ۾ گم ٿي ويون آهن. (ويجهو مون ڪنهن اخبار ۾ پڙهيو هو ته رڳو پنج هوائي جهاز جي گم ٿي ويا ها تن جو ملبو سمنڊ جي تري ۾ مليو آهي.)

انهيءَ ايراضيءَ ۾ اهڙيءَ گمشد گيءَ ڌيان ڇڪايو آهي ڇاڪاڻ جو گم ٿيل جهاز وغيره ايترا ته گهڻا آهن جو عام طرح ايتريءَ ننڍيءَ ايراضيءَ ۾ انهن جو گم ٿيڻ ناممڪن ٿو لڳي. ان ڪانسواءِ انهن واقعن وقت آبهوا به چڱي ڀلي وئي آهي ۽ ان وقت ڪي به مشڪلات جا اطلاع موصول نه ٿيا آهن ۽ مڪمل تلاش جي باوجود، ڪوبه باقي بچيل ماڻهو، بُڏل جهازن جي رَهت کُهت، لاش ۽ گم ٿيل جهازن مان وهيل تيل جو ڪوئي نشان پتو نه مليو آهي. ڪن حالتن ۾ ته ٻيڙيون نهايت چڱي حال ۾ هيون ۽ رڳو انهن جا ملاح گم هيا. ڪن ٻيڙين ۾ ته ميزن تي گرم کاڌو رکيو هو، جانورن کي ڪو نقصان نه پهتو هو پر ماڻهو گم هيا.

Gul Hayat Institute

ايترا جهاز بلڪل معدوم ٿي ويا آهن ۽ انهن جي تلاش ۾ ويندڙ هوائي جهاز بہ غائب ٿي ويا آهن، جو ان ڳالهہ جي منطقي سمجهاڻي ناممڪن ٿي لڳي ۽ طوفان، هوا جي حالت، ميڪانڪي مسئلن ۽ اساني غلطيءَ ذريعي اِهي گمشدگيون سمجهائڻ محال ٿيون لڳن. انهن جو سبب عجيب و عجيب پراسرار ڪارڻ ڄاڻايا وڃن ٿا، جيئن پاڻيءَ هيٺان جوالا مُکي، اڻ- ڳولي لڌل چقمق واريون قوتون، وقت جي تاڃي ● (Warp of Time)، ائٽلانٽس مان موت جا شعاع، خلا مان يا سمنڊ جي ڳجهن ڃُرن مان آيل يوفو (U.FO) پر پوري سمجهاڻي ۽ ان جو ثبوت ڪوئي بہ ڏئي نہ سگهيو آهي!

برموندا ٽڪنڊي تي فلم ٺاهيا ويا آهن جي مون ڏٺا آهن. ان تي ڪيئي ڪتاب لکيا ويا آهن. جيبو وجي ٿو تہ انهن ۾ مصنفن ڪن اهڙين حالتن جو ذڪر نہ ڪيو آهي جن مان پوري سمجهاڻي ملي سگهي ها. اها ڳالهہ ايترا ڀيرا دهرائي وئي آهي جو ماڻهو ڪنهن اسرار ۾ اعتبار ڪرڻ لڳا آهن.

● ائٽلانٽس: اهو ڌرتيءَ جو ڪنڊ جو سمنڊ ۾ غرق ٿي چڪو آهي.

● يوفو: اُڏڻ طشتريون وغيره.

Gul Hayat Institute

بريس پاسترناڪ

(۱۸۹۰ع کان ۱۹۶۰ع تائين)

ويهين صديءَ جو اهم نوبل انعام يافته هو، جنهن روس جي مختلف قومن ۽ ٻين ملڪن جي شعري ادب جو ترجمو ڪيو هو ۽ انڪري به مشهوري ماڻيائين، جو خاص طور هن شيڪسپيئر جو ترجمو روسي زبان ۾ ڪيو. هن جي زندگيءَ جو رستو ڏاڍو پيچيده هو. هن ڪي ۱۹۱۷ع جي انقلاب ڪانپوءِ جي تلخ تجربا ٿيا، انهن جو بيان پنهنجي دلڪش ناول ”ڊاڪٽر زواگو“ ۾ ڪيو اٿائين، جنهن تي پوءِ انگريزيءَ ۾ فلم به ٺهي آهي. هُو ائنا اخمتووا ۽ آسف ميڊالستام جو گهرو دوست هيو. اسٽالن، ميڊالستام وانگر هن کي به مارائي ڇڏي ها، پر پهريَن ڏينهَن ۾ جڏهن انقلاب ڪان متاثر هيو ته هن اسٽالن تي هڪ نظم لکيو هو، جو ڪيس پسند آيو هو، انڪري ”پاسترناڪ تي ڪو قدم نه کنيو ويو. پاسترناڪ ”ڊاڪٽر زواگو، روس جي مشهور ادبي رسالي ”نووي مير“ ۾ ڇپجڻ لاءِ نه ڏنو ۽ سمگل ڪري يورپ ۾ ڇپايو.

مان ۱۹۷۶ع ۾ جڏهن روس ۾ هوس تڏهن ڪجهه اديبن سان پاسترناڪ تي اڪثر بحث ٿيندا ها ۽ هو مونسان متفق هوندا ها ته پاستر ناڪ، پُشڪن ڪانپوءِ روس جو عظيم ترين شاعر هو. مون ڇپجڻ ڪانپوءِ پاسترناڪ انگريزي ترجمي ۾ يڪدم پڙهيو هو ۽ ارينا (جنهن سان مون هن ڪتاب جو پهريون جلد منسوب ڪيو آهي.) اهو فرينچ ترجمي ۾ پڙهيو هو،

Gul Hayat Institute

جڏهن هوءَ فرانس ۾ ”وديشي پولين جي اداري“ ۾ پڙهندي هئي، تنهن وقت سندس عمر ويهہ ورهيہ مَس هوندي هئي. پاسترناڪ ناول صرف اهو لکيو هو. باقي شاعريءَ جا ٻہ- ٽي ڪتاب لکيا اٿائين. جي مون پڙهيا آهن. چاڪاڻ جو هنن ۾ گهري تصوف واري ڪيفيت آهي ۽ پنهنجي دؤر جي گهٽ ٻوسات ڪان ڀاڻ گهڻو اثر پرايو اٿائين ۽ پاسترناڪ جي دؤر سان رڳو ڪتابن ذريعي آشنائيءَ سبب، مون کي اهي نظم ڪيتري حد تائين مبهم ٿي لڳا. پاسترناڪ ”ڊاڪٽر زواگو، “ يورپ ڏانهن خفيا طريقي موڪلي ڇڏيو هو، جتي هن کي اُن ناول تي نوبل پرائيز ملي هئي، جنهن لاءِ هن خوشيءَ، مسرت جو اظهار تار ذريعي ڪيو هو، پر پوءِ پاسترناڪ تي حڪومت طرفان بار آندو ويو هو تہ هُو اِهو انعام نہ وٺي، تنهن ڪري هُن انعام وٺڻ کان مجبوري ڏيکاري هئي. پنهنجي دؤر جي سياست اُن جي ادب تي ڪيترو نہ اثر انداز ٿئي ٿي. منهنجي خيال ۾ هر اديب کي ڪنهن بہ سياسي پارٽيءَ کان الڳ ٿلڳ رهڻ گهرجي ۽ هن جي شاطر پٽي ۾ شريڪ نہ ٿيڻ گهرجي.

”ڊاڪٽر زواگو“ جي هيروئن لارا، هن جي محبوبا نينا جي ڪردار جو عڪس هئي. پاسترناڪ بہ ٻن، ٽن عورتن سان عشق ڪيو هو. جن مان نينا سان هن جي سڪ سَرسَ هئي. روسي حڪومت کي اهو شڪ هو تہ ”ڊاڪٽر زواگو“ پاسترناڪ نينا جي معرفت ٻاهر موڪليو هو. انڪري نينا کي ٽي سال يا ان کان بہ وڌيڪ عرصو سائيبيريا سزا طور موڪليو ويو هو. جڏهن هن کي قيد مان آزادي ملي هئي تہ پاسترناڪ مري چڪو هو. مون ”ٽائيمس“ رسالي ۾ ڪٿي پڙهيو هو تہ نينا هن جي قبر تي گل ڪٽي وئي هئي. پاسترناڪ روس جي انهيءَ علائقي ۾ پوريل آهي، جتي ڪيترائي اديب رهندا آهن ۽ موت کانپوءِ پوريا ويندا آهن، جنهن کي ”پيري ڊيلنڪو“ چوندا آهن ۽ جتي هاڻي تہ روز ماڻهو گلن جا انبار پاسترناڪ جي قبر تي رکي ويندا آهن.

هن وقت ساري دنيا ۾ هن جو قدر ڪيو ٿو وڃي ۽ ”ڊاڪٽر زواگو“ تي ٺهيل فلم هڪ Classic فلم تصور ڪئي ٿي وڃي. پنهنجي جيئري پاسترناڪ سان اڪثر اديب بي حد حسد ڪندا هيا ۽ اهو حسد جو عنصر مون اديبن ۾ سياستدانن کان بہ گهڻو وڌيڪ ڏٺو آهي. روس جو مشهور ناول نگارفيدن، پاسترناڪ جو پاڙيسري هو ۽ جيتوڻيڪ هو اديبن جي بيورو ۾ اثر رسوخ جو

Gul Hayat Institute

مالڪ هو، هن پاستر ناڪ جي ڪابہ مدد ڪانہ ڪئي هئي. مون ڪٿي پڙهيو هو تہ هُو سورج مکيءَ جا ٻڪل ٻج ڇپاڙي رهيو هو (جيئن اڪثر روس ۾ ڇپاڙيندا آهن) تہ هن کي دل جو دورو پيو هو ۽ هو مري ويو هو.

مان هي سڀ پنهنجي حافظي مان لکي رهيو آهيان ۽ هن ۾ ٿوري غلطيءَ جي گنجائش ٿي سگهي ٿي. مون کان اهو سال بہ وسري چڪو آهي، جنهن ۾ پاسترناڪ کي نوبل انعام مليو هو، پر اها مون کي پڪ آهي تہ "ڊاڪٽر زواگو" ڪانپوءِ پاسترناڪ، نظم ۾ ڪا نئين تخليق ورلي ڪئي هئي ۽ ائنا اخمتووا وانگر خاموشي اختيار ڪئي هيائين ۽ گذاري لاءِ روس کان ٻاهر عظيم اديبن جا ترجما ڪيائين. پاسترناڪ جي زندگي پڙهي مون کي حافظ جو هڪ شعرياد ايندو آهي:

چه گويمت که به ميخانه دوش مست و خراب
سروشِ عالمِ غيبم چه مژدها داده ست

(ڇا ٻڌايان تہ ڪلهہ رات مئخاني ۾ مست ۽ خراب، (حالت ۾) مون کي غيب جي دنيا مان * سروش ڪهڙيون خوش خبريون ڏنيون آهن!)

---

* سروش: جبرئيل کي چوندا آهن.

Gul Hayat Institute

بُلهي شاهہ

خزينتہ الاصفيا جي مصنف مفتي غلام سرور لاهوريءَ هن جو مختصر احوال هيئن لکيو آهي:

”هو قصور ۾ رهندو هو. هن جي پيرن جي نسبت شاهہ محمد غوث گولياريءَ تائين پهچي ٿي. هو عابد ۽ زاهد هو. جذب ۽ شکر، عشق ۽ محبت، وجد ۽ سماع جو صاحب هو. توحيد ۾ بلند مرتبي ڪلامَ ۽ قيمتي تقريرون پيش ڪندو هو. هن جا پنجابي شعر معارف ۽ توحيد سان ڀَر آهن ۽ خاص و عام جي ٻوليءَ ۾ آهن. هُن جون ڪافيون قوال صوفين جي مجلسن ۾ ڳائن ٿا ۽ ٻڌڻ وارن جو ذوق ۽ شوق، انهن کي ٻُڌي وڌي ٿو. هن جون ڪرامتون اجا تائين ماڻهن کان وسريون نہ آهن.

Gul Hayat Institute

قاضي جاويد، جو جديد دؤر جو هڪ پنجابي دانشور آهي، اُنهيءَ لکيو آهي تہ:

”بلهي شاهہ عالمگير اورنگزيب جي دؤر ۾ جا گهُٽ ٻوسات هئي اُن جو ردعمل هيو. سترنهين صديءَ جي پنجاب ۾ هن جو جنم اڻ-چِتايو ۽ عجب جهڙو نہ آهي. اهي ڳل ائين اوچتو نہ ٿِيا هُيا. ان لاءِ ٽي صديون زمين ڀلي ۽ اپتائتي ڪئي وئي هئي. گورکنات جي ڀڳتي تحريڪ. رامانج، ڪبير وغيره. ماڌو لال حسين، مُلا شاهہ بدخشاني،

دارا شڪوھ ۽ شاھ عنايت جھڙا ڏرمشت ۽ ديناٽنا ماڻھو انھيءَ ٻنيءَ لاءِ پاڻ تي آيا ھا. جيڪا بلھي شاھ ۾ ڪشت زعفران وانگر تڙي پئي، پر بُلھي شاھ رُڳو انھيءَ لڳاتار ڪَشتَ ڪشالي جو ڦل نہ آھي. ھن جو پنھنجو امتيازي شان بہ ھو ۽ ھن جي روحاني آگ، جوش ۽ خروش، ولولي ۽ جذبي جي شِدّت ھن سان مخصوص آھي. ھو ھڪ انوکو راڳي آھي ۽ پنھنجي سوچ ويچار، ڪٿ ۽ ڳُڻتيءَ کي ٻوليءَ ۾ اِئين آڻي ٿو، جيئن چيچڙي ۾ ڪَمند جي رس پيڙي ڪڍبي آھي. ڪيتري نہ سَولائي آھي ھُن ۾! ھو ڪيترو نہ اُپٽيل، کُليو ڪلايو ۽ پَڌري - پَٽ آھي!"

سنڌ ۾ مون کي اھڙو ھڪ شخص سچل سرمست سُجھي، ائين صحيح آھي تہ ھن جي انسان دوستي، آزاد خياليءَ ۽ روحاني آمريت جي خلاف بغاوت پنائيءَ تي بہ ڪافي اثر ڪيو آھي، پر پنائيءَ جي آگ ڏيمي ڏيمي آھي، ڪڏھن تہ ھُن ۾، سَڙ ُسارو ڏينھن، ٻاھر ڀاڦ نہ نڪري. واري ڪيفيت آھي، پر سرمست اُھي اَلا آھي، جنھن جون چڻيون تارن ڪتين تائين اڏامن ٿيون ۽ آس پاس جَر چَر جرڪن ٿيون. اھي ٻئي پيدا نہ ٿين ھا تہ پنجند جي ڌرتيءَ تان سنڌوءَ جي ڌرتيءَ تي بُلھي شاھ جي جوت نہ جرڪي ھا.

ھن جي ذھني اوسر ۾ اسلام جي قادريہ فرقي ڪانسواءِ، شطاريہ فرقي بہ نمايان ڪردار ادا ڪيو آھي. ھن جي باغيانہ فڪر جون ڪي بنيادي خصوصيتون شطارين تان ورتل آھن. شطارين جو امام شيخ بايزيد بسطامي آھي. اسلامي دنيا ۾ ھُن ئي پھرين وحدت الوجود جو صوفياڻي انداز ۾ پرچار ڪيو. مسلمان صوفيءَ، شيخ بسطامي جي ذريعي ئي ويدانتي سوچ سان جاڻ سڃاڻ پيدا ڪئي. چيو وڃي ٿو تہ بُلھي شاھ اھا سوچ ھڪ سنڌي دانشور ابو علي سنڌيءَ کان پرائي ھُئي. مشھور آھي تہ اھو سنڌي دانشور شيخ بايزيد بسطاميءَ کي اسرارِ توحيد جو درس ڏيندو ھو. شيخ بسطاميءَ جي ويچار ڌارا اسلامي تصوف ۾ وڏي اٿل پُٿل پيدا ڪئي، ان کي چوليو چاچوليو، ڌوڻ ڌونڌاڙَ ڪئي ۽ ڌوڏا ڏنا جو متعصب مُلا حال تہ سھمجي ويا.

شيخ بسطامي طريقت کي شريعت کان جدا ڪيو. سَڪُرَ کي صَحوَ تي ترجيح ڏني. صوفياڻي روحاني تجربي جي اھميت تسليم ڪئي، عشق ۽ فنا

Gul Hayat Institute

جي تصور کي مقبول بڻايو ۽ پوءِ اها رسم حسين بن حلاج منصور ۾ روپ وٺي آئي. قاضي جاويد موجب:

"شيخ بسطاميءَ جي سوچ ويچار تي هندو تصوف جي اثر کان انڪار محال آهي."

جڏهن انهيءَ سوچ ويچار تخليقي تحريڪ جو روپ ڌاريو ۽ شطاريہ دبستان جو رواج هند ۾ پيدا ٿيو، تہ فطري طور ان جا اثر پڌرا ٿي پيا. شيخ عبدالله شطاري پنهنجي مرشد شيخ محمد عارف جي چوڻ تي ايران مان هندستان آيو ۽ جونپور ۾ رهي پيو. اُهو سلطان ابراهيم شرقيءَ جو زمانو هو. هن پاڻ ڪُپائي تبليغ شروع ڪئي. هن جي شخصيت ۽ فڪر تي ڪافي گهرا هندي نقش هُيا ۽ هن جو وحدت الوجود جو فلسفو ويدانت کان متاثر هيو. هو ايترو تہ حد کان وڌي ويو جو هَن فنا جي تصور کي نہ مڃيو. ڇو تہ ان کي مڃي ها تہ هن کي لازمي طور وحدت جي نفي ڪرڻي پوي ها. (اها ساڳي ڳالهہ ڪجهہ وقت اڳ رجنيش (اوشو) ڪندو هو، جنهن آمريڪا کان واپسيءَ کان پوءِ پوني ۾ مرڪز ڪيو هو.)

شيخ عبدالله شطاريءَ جا خيال هن جي جاءِ نشين محمد غوث گواليارىءَ ڦهلايا. هن کي وجودي مسلڪ سان عشق جي حد تائين لڳاءُ هو. اهو ابتدائي مغل عهد جو واقعو آهي. انهيءَ زماني ۾ شطاريہ خيالن جو زور سان پرچار ٿي رهيو هو. ڪيترن ئي آزاد خيال دانشورن وانگر انهن خيالن جو شيخ مبارڪ تي بہ اثر ٿيو جو ابوالفضل ۽ فيضيءَ جو پيءُ هو ۽ اُهي ئي ماٺهو اڪبري دربار جا نظرئي ساز هيا. (ديوانِ فيضي، جو اداره تحقيقاتِ پاڪستان ڇپايو آهي، منهنجن مٽن کان رکيو هوندو آهي، جنهن مان آنءُ فرصت وقت انتخاب ڪندو آهيان، جو مون کي پنهنجي فارسيءَ جي منتخب اشعار (سنڌيءَ ۾ ترجمي سيمت) ۾ شامل ڪرڻا آهن).

پنجاب ۾ شيخ محمد عنايت الله، محمد علي رضا شطاريءَ جو مريد هو. اهو شاهجهان ۽ اورنگزيب جو زمانو هو. عام طرح هن کي شاهہ عنايت ڪوٺيو ويندو هو. هن جي صوفياڻن مسئلن تي اونهي نظر هوندي هُئي. هو قادريہ سلسلي سان بہ بيعت ڪري چُڪو هو. سترهينءَ صديءَ جي پنجاب ۾

Gul Hayat Institute

قادريہ سلسلو ساڳي ڏس ۾ هلي رهيو هو، جنهن کان شطاري نصب العين دوُر نہ هو.

بُلهي شاهہ اصل ۾ شاهہ عنايت جو مريد هيو، انڪري هن جي شاعري هن کي جڻ روحاني ورثي ۾ ملي. هن جو نالو عبدالله شاهہ هيو ۽ هو ١٦٨٠ع ۾ پيدا ٿيو هو. اها اُنهيءَ زماني جي ڳالهہ آهي، جڏهن مغلن جو راڄ پنهنجي عروج تي هو، پر اندران اُن کي گـُهڻو لڳي چڪو هو. هونءَ شاهي دٻدٻو ۽ ٺاٺ باٺ پنهنجي چوٽ تي هيو. مغل فوجون باغين کي چٿي چُڪيون هيون، پر گاديءَ جي ويجها پرڳڻا وس کان ٻاهر ٿي ويا ها، تنهنڪري مغل حڪومت جو زوال شروع ٿي ويو هو.

بُلهي شاهہ جا وڏا بهاولپور جي ڳوٺ اُچ گيلانيان ۾ رهندا ها. هن جي پيءُ سخي محمد درويش اهو ڳوٺ ڇڏي قصبہ پانڊو وسايو. هڪ ٻي روايت آهي تہ بلهي شاهہ ابتدائي تعليم مولانا غلام مرتضيٰ قصوري ۽ مولانا غلام محي الدين قصوريءَ کان پرائي. هن جي ٻيٽن مان پتو پوي ٿو تہ هن قرآن مجيد ناظره طور پڙهيو هو ۽ انهيءَ کانسواءِ گلستان بوستان، پڙهيو هو ۽ منطق، نَحو، معاني، ڪنز قدوري ۽ شرحِ وقايع جا سبق پڙهندو هو. شايد هن جي شطاري خيالن سان جاڻ سڃاڻ پيدا ٿي جا هن کي شاهہ عنايت قادري شطاريءَ جي حضور ۾ وٺي وئي. بلهي شاهہ جو ڪلام نہ رڳو اُن دوُر ۾ انقلابي هيو، پر اڄ بہ تعصب پرستن جي نڙيءَ ۾ ڪنڊي وانگر کُتڪي ٿو. وَسُ پُڇين تہ ان تي بندش وجهي ڇڏن، پر بلهي شاهہ جون جڙون نہ رڳو پنجاب پر سنڌ ۾ بہ گـَهريون آهن. اسان سچل ۽ لطيف کي ڳائيندي وچ وچ ۾ بلهي شاهہ کي ڳائيندا آهيون. ايتري ڪنهن کي همت آهي تہ هن جي ڪلام جي آڏو اچي!

انقره ۾ مون ڪمال اتا ترڪ جو سنگِ اسود مان ٺهيل نهايت وڏو مجسمو ڏٺو هو، جنهن جي هيٺان لکيل هو: ”اوهان لاءِ ان کان وڏيڪ فخر جي ٻي ڳالہ نہ آهي تہ اهان ترڪ آهيو.“

ان وقت مون کي بلهي شاهہ جو هيٺيون شعر ياد آيو هو.

جهيڙا سانوڻ سيد آکي دوزخ ملن سزائيان،
جيهڙا سانون آرائين آکي بهشتين پينگان پائيان.

(جيڪو اسان کي سيد چوي، اُن جون جايون دوزخ ۾ هونديون،
جيڪو اسان کي آرائين چوي اهو بهشت جي پينگن ۾ لڏندو.)

ساڳي ئي ڳالهہ آهي جا "ديس سچل دا شهر درازا،" ۾ آهي. اهي صوفي اسان جا وڏي ۾ وڏا انقلابي ها. فريد شڪر گنج چيو آهي تہ:

"رُکا سکا کاءِ کي ٺنڍا پاني پي،
نہ ديک پرائي چوپڙي، نہ ترسا اپنا جي."

اهي دنيا جي ڪنهن بہ ڪميونسٽ کان زياده ترقي پسند ذهن رکندا ها ۽ جي ڪميسار انهيءَ ذهن وارا هجن ها تہ ڪميونزم جي ستياناس نہ ٿئي ها. هر صوفي عملي اشتراڪي هو، هر اشتراڪي عملي صوفي نہ هو. نہ رڳو اهو پر اشتراڪي تہ تصوف کان نفرت ڪندا ها! ٻہ نہ شعر آهن:

راتين جاڳين ڪَرين عبادت،
راتين جاڳن ڪُتي،
تيسون اُتي.

***

رَين ڳئي، لٽڪي سب تاري،
اب تو جاڳ مسافر پياري،
آواڳون سَرائين ڏيري،
سات تيار مسافر تيري،
تَئين نہ سُنئيون ڪُوچ نگاري،
اب تو جاڳ مسافر پياري.

(صفحو ١٢٥- "ڪليات بلهي شاهہ")

Gul Hayat Institute

ڪهڙا مثال ڏئي ڪهڙا مثال ڏيان! مٺو هو يا هيرن جي کاڻ هُيو؟ ڪبير کان وٺي بلهي شاهہ ۽ بلهي شاهہ کان وٺي ڀٽائيءَ تائين ڪيڏي نہ ڏيئن جي قطار آهي! عالمگير جي زندگيءَ جو سج ٻڏي ويو تہ مغل حڪومت تالان والان ٿيڻ لڳي. پنجاب جي صورتحال بہ بري ٿي وئي ۽ مهاراجا رنجيت سنگهہ جي حڪومت جي قيام تائين قائم رهي. اسانجي صوفي دانشور جي زندگيءَ جو ڪافي وقت لاقانونيت، خانہ جنگيءَ، انتشار ۽ افغان طالع آزمائن جي وحشياڻين مُهمن ۾ گذاريو. جنهن جو اثر هن جي شاعريءَ تي آهي.

بودليئر پئرس ۾ ڄائو هو. هُن جو پيءُ رنڙ هو ۽ جڏهن هُن جي ماءُ سان شادي ڪيائين تہ پنهنجي زال کان ٽيهہ سال وڏو هو. ممڪن آهي تہ بودليئر کي پنهنجو فن پيءُ کان ورثي ۾ مليو هجي، پر هن کيس هڪ ”نفرت خيز فنڪار، سڏيو. هن جو پيءُ ١٨٢٨ع ۾ مري ويو. هن جي ماءُ ٻن سالن کانپوءِ هڪ ميجر سان شادي ڪئي جو پوءِ اسپين ۾ فرانس جو سفير ٿيو. هن جي ماءُ جي ٻي شادي هن لاءِ آفت ٿي آئي ۽ هو Oedipus Complex جو ڪلاسيڪي مثال ٿي پيو. بودليئر پنهنجي تعليم ۾ پنتي پيل هو ۽ نيٺ هو ٻي آبو ۽ ڪوڏيءَ مُلهہ ثابت ٿيو. هن کي اسڪول مان نيڪالي ملي ۽ هن کي خانگي اتاليق رکي ڏنو ويو. ١٨٣٩ع ۾ هن Baccalaureate جو امتحان پاس ڪيو. هن پنهنجي ڪتنب کي ڏوڏو ڏئي ڇڏيو، جڏهن هنن کي ٻڌايائين تہ هو ليکڪ ٿيندو. هن Ecole de Chartes ۾ داخلا ورتي ۽ آئينده ڏهن سالن ۾ ، اتي وِتي ڏئي، ساهي پٽي، وارائٽيون تقريرون ٻُڌندو هو، پر انهن ڏهن سالن ۾ هن کي اپياس جي چاٽي لڳي وئي ۽ هن اُن ۾ پاڻ کي اُڇلائي ڇڏيو ۽ اُن ۾ ٽُپ ٿي ويو، پر اتي هن کي بُري هير پئي ۽ نہ رڳو هو قرض ۾ وچڙي ويو، پر هن آتشڪ جو مرض بہ پرايو، جنهن ۾ ٢٥ سال پوءِ هو مري ويو. هن جي ماتيلي پيءُ هن جا قرض لاٿا ۽ هن کي هندستان جي سفر تي موڪليو، جيئن هي لڄائيءَ کان ٻہ سال پري رهي. ماريشس ۾ هن جو جهاز، طوفان ۾ ڦاسي ويو ۽ هن اتي ڪپتان کي چيو تہ هن کي واپس پهچائي. هن اهو ئي هڪ ساموندي سفر ڪيو هو، جنهن هن جي شاعريءَ کي رڱي ڇڏيو. خطِ سرطان جا منظر، آواز ۽ ٻيا ڏيک هن جي عظيم شاعري جي اجنبي تصوريت جا ڪارڻ هيا. (جيئن مون ترجو ميرپورخاص کان نگرپارڪر تائين هڪ ئي سفر ڪيو آهي، پر ان جو اثر اڃا تائين منهنجي شاعريءَ تي اهڙو آهي، جيئن جهرٽي مان ٽڏو ۽ مٿو پاٽي نڪرندو آهي.)

ستن مهينن جي غيرحاضريءَ کان پوءِ هو فرانس موٽي آيو ۽ ٻن مهينن کان بلوغت (غالباً فرانس ۾ ٢١ سال) تي پهتو. هن کي پنجهتر هزار فرانڪ آبائي ورثي مان مليا، جن مان ١٨٤٤ع ۾ هن اڌ پئسا تہ لُٽائي ڇڏيا. باقي دولت جي انتظام لاءِ سرڪاري آفيسر مقرر ڪيا ويا. اهو هڪ ڪنور ۽ نردئي اپاءُ هو، جنهن لاءِ ذميوار شاعر جي ماءُ هئي. ان هن کي ساري عمر

Gul Hayat Institute

بودليئر

(١٨٢١ کان ١٨٨٧ع تائين)

فرانس جو وڏي ۾ وڏو شاعر، جنهن جو پنهنجي زندگيءَ ۾ تمام گهٽ قدر ڪيو ويو. هو سٺو نقاد به هو. هن وقت ١٩ صديءَ جو وڏي ۾ وڏو فرانسيسي شاعر مڃيو وڃي ٿو. هن جو ڪتاب "Flowers of Evil" (گناهه جا گل) مون به ٽي ڀيرا پڙهيو هو. انهيءَ ۾ هو ان تضاد جو ذڪر ڪري ٿو، جو انسان جي آدمي ۽ آدرش ۾ آهي، جنهن جو توڙ نراسائيءَ تي ٿئي ٿو ۽ جا ڳالهه هو پنهنجي روزانيءَ زندگيءَ ۾ محسوس ڪري ٿو. هن حسن جي تلاش، اُن ۾ محويت ۽ زندگيءَ کان بي خبريءَ ۾ نه ڪئي پر پئرس جي زندگيءَ جي بدبل ڪندڙ حقيقت ۾ ڪئي. پئرس جي راتين ۾ شاعر کي ڪوئي ازلي پرتوُ نظر اچي ٿو، پر هن کي ڪنهن مهل ايتري ڪرب اچي ٿي جو هو خود خدا جي خلاف بغاوت ڪري ٿو ۽ موت ۾ پنهنجي نجات ڳولي ٿو. جيڪو هن کي هن هستيءَ جي پردي پٺيان نهارڻ ۾ مدد ڪندو رهي ٿو.

هن کي مترنم شاعريءَ تي وڏي دسترس هئي، جنهن ۾ هو رومانيت پسندن کان ورثي ۾ آيل هڪ رنگين اجنبيت جو اظهار ڪري ٿو. ساڳي وقت هن ۾ اشاريت جو پهلو رامبوءَ ۽ علامت پسندن کان وڌيڪ هو. بودليئر نثري نظم به لکيا هيا ۽ تنقيد تي ڪتاب به، جن جي اهميت وقت سان گڏ وڌي رهي آهي.

Gul Hayat Institute

پئسي ڏوڪڙ جو ڪاٺيارو رکيو ۽ هن کي خرچ لاءِ قرض لاهڻ لاءِ پورا پئسا نہ رهيا. انهيءَ ئي دؤر ۾ هن جا جين ڊيوول، هڪ اڇي ۽ نيگرو والدين مان پيدا ٿيل عورت سان تعلقات جڙيا جا پئرس ٿئيٽر ۾ ٿورو گهڻو ڪم ڪندي هئي. اها هن جي تن چاتل سڃاتل سُريتن مان هڪ هئي ۽ ڪيس ڪاري وينَس (Black Venus) ڪوٺيو ويندو هو. هُن جو بودليئر جي شاعريءَ تي گهرو اثر هو، ان ۾ ڪوئي شڪ نہ آهي. هُو ساٿس ان وقت مليو جڏهن هن کي جذباتي بلوغت تي رسڻ لاءِ ڪائي چيپٽ، ڪائي دل جي چوٽ ۽ صدمو اچڻ ضروري هو. (ساڳي حالت مون سان بہ ٿي آهي.) جيتوڻيڪ هو هڪٻئي کي رانيوتا پائيندا رهندا ها ۽ ڪو اهڙو ڏينهن نہ هو جڏهن هنن ۾ ١٨٦٠ تائين رڳڙا ۽ جهڳڙا نہ ٿيندا ها. هوءَ ئي هن جي ذاتِ جي جَل-پري ۽ پوڙان پوڙ وهڪرو هئي، جنهن هن کي رچنا تمڪ سمرتي ڏني ۽ هن تي شاعري آڪاش واڻيءَ جئن آئي، جيئن سانوڻ جا ڪڪر چيري ڌرتيءَ تي جوت وسندي آهي ۽ ان کي پنهنجي گهيراوءَ ۾ ولي ڇڏيندي آهي. ماڻهوءَ جو جسم مانسرور وانگر آهي ۽ ان مان جي نديون نڪرن ٿيون، انهن کي پهرين نہ ايڏو ڦاٽ آهي نہ پاٽ آهي، پر پو هو برهم پترا وانگر گرڙاٽ ڪنديون، اپار ۽ اننت ٿينديون وڃن ٿيون (مون کي بہ ايئن جوانيءَ ۾ محسوسُ ٿيو هو. جڏهن پيار موسلاڌار مينهن وانگر اوڙڪون ڪري لٿو هو. روح جي ريلي هر شيءِ جي ڪايا پلٽ ڪري ڇڏي هئي ۽ مون بودليئر وانگر پهريان ٿي ڪتاب لکيا ها. جن تي هڪ اڻ پڙهيل ۽ اياڻي بيورو ڪرسيءَ جي شهہ تي هڪ ڳهيليءَ ۽ چريٽ حڪومت بندش وڌي هئي. جا بہ سال اڳ لهي چڪي آهي). بودليئر جي شاهڪار "Flowers of Evil" تي بہ ايئن ٧٠ سال ڪان وڌيڪ بندش رهي، ڪورا، مورک ۽ مت هيڻ حڪمران ايترو وقت وساري وينا ها تہ فرانس جي عظيم ترين شاعريءَ جا حصا بندش هيٺ آهن، جيستائين ڪنهن سائينءَ جي سنوارڻي کي ايتري ڏاهپ آئي جو ان تان بندش هٽايائين. ان وقت تائين تہ قبر ۾ بودليئر جا هڏا بہ پُري پُور ٿي ويا هوندا! ائين ڇو آهي جو بُدي هيڻ ۽ ڪِتِڙيل سمجهہ وارا ايتري سگهہ ۽ سامرٿي رکندا آهن، جو ڪلنگيءَ وارا ڪلاڪار نهوڙي نيندا آهن ۽ ڪلا جا آڪاس جا ڪلس ۽ ڪُنگرا ڇُهي سگهندي آهي، ان کي پنهنجي پڃري ۾ بند رکندا آهن.

Gul Hayat Institute

جيئن روس ۾ ڪيو هيائون، جتي مصوريءَ جا شاهڪار گدامن ۾ تالي هيٺ سٽيا هيائون.

مون جڏهن بودليئر کي پهريون ساهيوال جيل ۾ پڙهيو هو تہ مون کي ائين محسوس ٿيو هو تہ هي برفاني ماٿهو هماليا جي چوٽيءَ تي ويٺو آهي ۽ هن جي پيٽ ۾ مياڪو وسڪي ۽ ناظم حڪمت ائين لڳي رهيا ها، جڻ بہ چيتا وات ڦاڙي چنگهاڙي رهيا ها. مون ان وقت اهو مصلحتاً نہ لکيو هو ڇو تہ ون يونٽ خلاف جدوجهد ۾ ڪيترا اشتراڪي اسان جا ساٿي ها، جيتوڻيڪ انهن مان ڪن جي ڇرچ ماسڪو مان نڪرندڙ رسالي "ٽائيم" ۾ ون يونٽ جي فائدي ۾ لکرايو ويو هو.

۱۸۴۷ع ۾ هو پنهنجي پيءُ سُريت ميري ڊابرون سان مليو، جا جيني ڊيووَل کان مختلف نہ هئي. جيتوڻيڪ هوءَ سندس آتڻ ٿيندي هئي، جڏهن هو جيني سان جهيڙو ڪري ايندو هو، پر ائين ٿو لڳي تہ هن جي ڳتي کانہ هوندي هيس ۽ هوءَ هن جي پرگهور نہ لهندي هئي. هن جي آخرين الوداع تي بودليئر هڪ خوبصورت نظم لکيو هو.

مادام اپالو نيئر سباتيئر بہ آپالو نيئر جي سُريت هئي، جا هن جي نظم "اڇي وينس" (White Venus) جي تخليق جو باعث بڻي، پر اها جينيءَ ۽ ميريءَ واري دور جي نظمن کان گهٽ درجي جي نظم هئي. ميري اوچي طبقي مان هئي، جنهن جي پهريون هڪ سرمائيدار يهودي پرورش ڪندو هو. اُن آرٽ جي چڪا چوڪي ڪئي ۽ ڪيس اُن جي ڇَش ايتري وڻي ۽ ڪيس ڇوس ايتري پئي جو هن پنهنجي دؤر جا مهان ليڪڪ فلا برٽ، گوتيئر، ڊيوماس، گونڪورٽس هر آچر تي پنهنجي گهر تي گهرائڻ شروع ڪيا. گوتيئر، جو هن کي پريزيڊنٽ ڪوٺيندو هو، تنهن هن جي بودليئر سان ۱۸۵۱ع ۾ واقفيت ڪرائي. سال کان پوءِ بودليئر هن کي گمنام عشقيہ خط لکڻ لڳو ۽ انهن سان گڏ پنهنجا ڪيئي نوان نظم بہ موڪليندو هو. هوءَ هڪ کِل مُک، چنچل، مهربان ۽ وندرائيندڙ عورت هئي، جا پنهنجن دوستن سان جلد گهائل مائل ٿي ويندي هئي. حيرت آهي تہ شاعر هن کي محبوبا ڪري پنهنجي شاعريءَ لاءِ استعمال ڪيو ۽ ان محبت کي پوتر ڏيکاريو جيئن جينيءَ جي آپوتر پيار جي پيڪڙي لڪائي سگهي. ۱۸۵۷ع ۾ اهو واقعو جو

Gul Hayat Institute

خاتمي تي پهتو، اجا راز ۾ آهي. ۴۷-۱۸۴۶ع ۾ هن ايڊگر ايلن پو جي ڪهاڻين جو فرينچ ۾ ترجمو ڪيو.

۱۸۵۷ع ۾ هن جو ماتيلو پيءُ مري ويو. ۽ سال پوءِ هن جو ڪتاب 'Flowers of Evil' ڇپيو، جنهن لاءِ هُن تي مقدمو هليو. انهيءَ دؤر جي احمق ججن ان شاهڪار مان ڇهن نظمن تي فحاشيءَ سبب بندش وڌي ۽ شاعر تي ۳۰۰ فرانڪ ڏنڊ وڌو جو پوءِ گهٽائي ۵۰ فرانڪ ڪيو ويو. ۱۸۶۱ع ۾ ساڳي ڪتاب جي ٻي اشاعت شايع ٿي، جنهن مان اهي ڇهه نظم ڪڍيا. ويا جن تي بندش وڌي وئي هئي، ۽ انهن جي جاءِ تي ڇيا نوان نظم وڌا ويا. ڇا اهڙي نااهل سرڪار تي ٺوڪارڻ ٿُــڪ جو زيان نہ آهي؟ ٻار جٺن ڪاني جي گهوڙي تي سوار هوندا آهن تيئن اهي بيوروڪريٽ پارڪر يا شيفر قلم تي شهسواري ڪندا آهن ۽ ان کي ڪاغذ تي ٻي لغام ڇڏي ڏيندا آهن.

بودليئر بيلجم ۾ رهڻ لاءِ ٿورو وقت ڪوشش ڪئي، جيئن اتي بندش هيٺ آيل ڪلام سوڌو پنهنجي شاعريءَ جو ڪتاب شايع ڪرائي سگهي. ۱۸۶۴ع ۾ هو بروسليس روانو ٿيو. پر ڪتاب جي اشاعت ۾ ڪامياب نہ ٿيو.

۱۸۸۶ع ۾ هن کي فالج ٿي پيو. هن کي پئرس موٽائي وٺي ويا، جتي هن کي شفاخاني ۾ رکيو ويو. پر هو اتي ۳۱ آگسٽ ۱۸۸۷ع تي مري ويو. ٻيگل ٽٽل، ڇور، دلشڪستو. اگهو ۽ روڳ شالا ۾ بستري بعد قبر داخل ٿيو.

اي جڳ جي اونـــــــڌي جانــــــدهــــــــ!
تـوتـي ڦـتـڪـار ۽ انـهن تـي لـک ڦـتـڪـار،
جي تـــوکـــي هــــلائـــي رهـــيـــا آهـــن!
(بودليئر)

دي شيخ باچراغ همين گشت گردِ شهر،
کـز دام و دد ملولم و انسانم آرز دست.
(رومي)

(ڪلهہ شيخ چراغ کڻي سڄو شهر گهمي رهيو هو ۽ چئي رهيو هو تہ ڪتا. ٻلا. رڇ ۽ ٻولڙا ڏسي تڪجي پيو آهيان. آرزو اها آهي تہ ڪو انسان ملي وڃي)

Gul Hayat Institute

پبلو نرودا

(۱۹۰۴ع کان ۱۹۷۳ع تائين)

چليءَ جو شاعر هو، جنهن کي ۱۹۷۱ع ۾ ادب لاءِ نوبل پرائيز ملي. هن جو ويهين صديءَ جي شاعريءَ تي اثر بي مثال آهي. نرودا جي سُرود واري ۽ رزميہ شاعريءَ جي تخليق لاطيني آمريڪا جي شعور کي وڏائي ڇڏيو ۽ اُن جي اديبن ۾ سياسي بيداري آندي. هن جي عشقيہ شاعري جا بلوغت تي رسي، رچي ريتي ٿيندي وئي، تنهن ۾ فطرت جي عنصري قوتن سان کهري سپردگي ملي ٿي.

نرودا ۱۲ جنوري ۱۹۰۴ع تي پرال، چِليءَ، ۾ ڄائو هو. هن فرينچ پولي سئنتياگو ۾ پڙهي، پر ان ۾ ڪائي ڊگري نہ ورتي. اَنلو هن نوجوان شاعري ۽ نراجوادين سان پنهنجو ناتو وڌايو ۽ شعر ۽ شاعريءَ ۾ مصروف ٿي ويو. ۱۹۲۴ع ۾ هن "وِيهہ پيار جا گيت" ڪتاب ڇپايو جو انگريزي ۾ ۱۹۷۰ع ۾ ترجمو ٿيو. اهو اصل هسپانوي ۾ شايع ٿيو هو، جنهن کيس پوري لاطيني آمريڪا ۾ مشهور ڪري ڇڏيو. ۱۹۲۸ع ۾ هُن کي برما ۾ ڪانسل ڪري مقرر ڪيو ويو. جڏهن هو ايشيا ۾ هو تڏهن هن تجرباتي ۽ سُرئيلي شاعري ڪئي. ۳۵-۱۹۳۳ع ۾ هُن "ڌرتيءَ تي رهائش" نظم لکيا. ۱۹۳۲ع ۾ هن کي بيونس ايئريس ۾ ڪانسل مقرر ڪيو ويو. ۱۹۳۴ع ۾ هُن کي بارسيلونا (اسپين) ۾ بدلي ڪيو ويو ۽ ۱۹۳۵ع ۾ مئڊرڊ ۾ بدلي ڪيو ويو. اسپين ۾

Gul Hayat Institute

هن جيڪي سال گذاريا، تن ۾ نرودا کي نوجوان شاعرن، مصوّرن، صنم تراشن وڏو شاعر تسليم ڪيو ۽ هسپانوي-آمريڪي شاعر جي حيثيت ۾ هن جو ڪوئي ثاني نہ هيو. اسپين جي خانہ جنگي انهيءَ آرٽسٽ ٽولي کي تيزي پکيڙي ڇڏيو ۽ نرودا کي پنهنجي پهرين سياسي نظم لکڻ تي اتساهيو. اهو نظم ”اسپين دِل ۾“ ١٩٣٧ع ۾ لکيو ويو.

١٩٣٧ع ۾ ئي هو چليءَ موٽي آيو ۽ سياست سان هن جي وابستگي وڌي وئي. ١٩٤٠ع ۾ هن کي ميڪسيڪو ۾ ڪانسل ڪري مقرر ڪيو ويو. ١٩٤٣ع ۾ جڏهن هُو چليءَ موٽي رهيو هو، هُو انڪا قوم جي قديم شهر مَچو پَچوءَ ۾ ترسيو. انهيءَ تجربي هن کي آمريڪا جي ماضيءَ جي عظمت اُن چڱيءَ طرح محسوس ڪرائي. (جيئن لاڙ ۽ ٿر جي سفر مون ۾ اُن جي عظيم ماضيءَ سان محبت پئدا ڪئي) هن اُن احساس کي هڪ طويل رزميہ ”جنرل ڪئنتو“ ۾ نامور بڻايو، جنهن ۾ هن سڄي کنڊ کي نہ رڳو پنهنجي ساري تاريخ ڳائي ٻُڌائي. ان جي سورهين جو ۽ هچارن، حرامزادن جو بہ وستار ڪيو ۽ اُن جي اقتصادي غلاميءَ جي باري ۾ ڳالهيون ذهن نشين ڪرايون. جڏهن هو اهو لکي رهيو هو، هُن کي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سينيٽر ڪري چونڊيو ويو. ٿوري وقت ڪانپوءِ هن چليءَ جي پريزيڊنٽ کي هڪ کليل خط لکي ڇپرايو، جنهن ۾ هن تي الزام ڌريائين تہ هُن ڪابي ڊر سان ڪيل واعدا نہ پاڙيا هُيا. اِن الزام جي ڪري نرودا تي ظلم ۽ تشدد ڪيو ويو ۽ هو روپوش ٿي ويو ۽ آخر ملڪ ڇڏڻ لاءِ مجبور ٿيو. ١٩٤٩ع کان نرودا ساري ڪميونسٽ دنيا جو سفر ڪيو ۽ ١٩٥٠ع ۾ هن کي ماسڪو ۾ لينن امن انعام ڏنو ويو. (ان لحاظ کان فيض، نرودا ۽ ڪنهن حد تائين ناظم حڪمت کان وڌيڪ خوشنصيب شاعر ها جيتوڻيڪ يو ايس ايس آر جي ٽٽڻ، فيض ۽ ناظم حڪمت جي شاعريءَ کي وڌيڪ نقصان رسايو آهي، بنسبت پبلو نرودا جي شاعريءَ جي، جا لاطيني آمريڪا ۽ اُن جي عوام جي جذبات جي نهايت خوبصورت عڪاسي هئي). ١٩٥٢ع ۾ جڏهن هو چليءَ موٽِ آيو هو تڏهن هن پنهنجي زندگي لکڻ ۽ پارٽيءَ جي ڪم ڪرڻ ۾ ورهائي هئي. ١٩٧١ع ۾ صدر سئلويڊار آلندي هن کي پئرس ۾ چِليءَ جو سفير مقرر ڪيو. بہ سالپوءِ هن استعيفي ڏني. نرودا سنتياگو چليءَ ۾ ٢٣ سيپٽمبر ١٩٧٣ع تي مري ويو.

نرودار جي شاعريءَ جا ڪيئي دؤر آهن. هن جذباتي ۽ عشقيہ شاعريءَ

Gul Hayat Institute

سان شروع ڪيو ۽ سياسي شاعريءَ ۾ اڙجي ويو. هن جا ڪتاب ”انگور ۽ واچوڙو“ ۽ رزميہ گيت“ (جو فدل ڪاسترو جي ڪيوبا ۾ انقلاب جي باري ۾ لکيو ويو هو) سرسري طرح منهنجيءَ نظر مان گذريا آهن. پر اهي دؤر سلسلي وارا نہ آهن. ڪنهن وقت تہ اُهي هڪ ٻئي پويان نہ آهن ۽ ساڳي وقت جي تخليق آهن ۽ هڪ ئي ڪتاب ۾ آهن. شاعر، جيڪو ٻي جنگِ عظيم کان پوءِ وارسا جي تعمير جي باري ۾ ڳائي ٿو، ساڳي نظم ۾ پنهنجي ٽينءَ زال جي حسن جي باري ۾ ڳائي ٿو. هو جيتوڻيڪ هڪ سياسي سپردگيءَ وارو شاعر آهي، پر هن جا گهري ۾ گهرا جذبا سياست کان ماورا آهن. پنهنجيءَ بهترين شاعريءَ ۾ هُو وليم بليڪ، والٽ وٽمئن، لوتري مان، رامبو ۽ يوڙهي هيوگو کان گهٽ نہ آهي. هن جي شاعريءَ ۾ اُهو آواز آهي، جو هڪ غيب دان جو ٿيندو آهي. اها ئي ڳالهہ آهي جا ڪميونزم جي ذري گهٽ خاتمي ڪانپوءِ، هُن جي شاعريءَ کي بچائي وٺي آهي.

نرودا جو هڪ بهترين نظم ”مَچوپچو جون اوچايون“ ۱۹٦۷ع ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ هو پنهنجي ڊگهي خانگي سفر کي عوام جو آواز بڻائي ٿو. ان مان هن جي پيغمبرانہ بصارت واضح آهي. ان جي شروعات تہ شاعر جي روگردانيءَ ۽ برگشتگي سان هڪ سورئيلي انداز ۾ ٿئي ٿي.

”هوا کان هوا تائين، هڪ خالي ڄار وانگر،

گهٽين ۽ چوڌار وايو منڊل مان،

ڇِڪَ ڪيندو، آنءُ آيس“.

اهو انداز تيستائين هلي ٿو، جيستائين هو پنهنجي اڪيلي سفر جي توڙ تي پَهچي ٿو. ڪڏ جي تري مان هو مَچو پچوءَ جي چوٽيءَ تي چڙهندي ۽ اُن کي پرتڪلف همت سان گهڻو وقت اڳي ناهيندڙ معمارن جي ڳالهہ ڪندي وعدو ڪري ٿو تہ هو ماڻهن کي اهو آواز ڏيندو جو هنن ۾ جيئري ڪونہ هو:

”مـون سـان گـڏ نـئـون جنم وٺ، مـنـهـنجا ڀـاءُ!

انـهـن گـهـرايـن مـان پـنـهـنجو هـٿ مـون کـي ڏي،

جن کـي تـنـهـنجي غم ســرســبـز کـيـو آهـي.“

—

”مان اوهان سان مئلن زبانن ۾ لاءِ ڳالهائڻ آيو آهيان.“

Gul Hayat Institute

—

"مون کي پنهنجي جدوجهد ڏيو، پنهنجا قيد ڪَڙا ڏيو،
پنهنجي ٻرندڙ جوالا ڏيو

يڪدم منهنجين رڳن ۾ ۽ منهنجي زبان تي اچو،
ڳالهايو منهنجن لفظن ۾ ۽ منهنجي خون مان."

جڏهن نرودا جي شاعري عوام سان هڪ ٿي وڃي ٿي تہ اها پنهنجيءَ بي انتها بُلنديءَ تي پهچي ٿي.

نوٽ: (زياده تر مواد انگريزيءَ تان ورتل آهي.)

Gul Hayat Institute

ڀڳتي ساهتيہ

وچولي دؤر واري ڀارت ۾ هندو وشنوءَ جي ڀڳتي ڪندا ها. اهو هڪڙو طريقو مڪتيءَ جو هو، جيڪو ڀڳوت گيتا ۾ ڏنل آهن. ڀڳتي ساهتيہ ڏکڻ ڀارت ۾ تامل گيتن ۾ شروع ٿي، جيڪي ستينءَ کان ڏهينءَ صديءَ تائين الوَر جي سنت شاعرن لکيا هيا. پر پوءِ ۱۵ صديءَ ۾ اتر ڏانهن ڦهلجي وئي، اتي ڪبير وانگر شاعر (۱۴۳۰ع کان ۱۵۱۸ع تائين) ۽ گرونانڪ (۱۴۹۶ع کان ۱۵۳۹ع تائين) هڪ ڪائناتي خدا ڏانهن اعتقاد جو ڦهلاءُ ڪيو جو نہ هندو هو نہ مسلمان. گهڻو ڪري ڀڳتي ساهتيہ وشنوءَ جي رام يا ڪرشن جي صورت ۾ ظهور پزير ٿيڻ جي باري ۾ آهي. رام جو وڏي ۾ وڏو ڀڳت، شاعر تلسي داس (۱۵۳۲ع کان ۱۶۲۷ع تائين) هو ۽ هن هنديءَ ۾ لکيو ۽ ڪرشن-ڀڳتي اتر ۽ اوڀر ڀارت ۾ گهڻي هئي، خاص ڪري شاعر چندي داس (۱۵ صديءَ) ۾ ۽ هندي شاعره ميران ٻائيءَ (۱۴۹۸ع کان ۱۵۷۳ع تائين) ۾، جن پنهنجي پرماتما لاءِ بيحد چِڪ محسوس ڪئي هئي. اولهہ ڀارت ۾ ڀڳتي ڪوي مرهٽا هئا، جن ۾ نامديو (۱۵ صدي) ۽ تڪا رام (۱۶۰۸ع کان ۱۶۴۹ع تائين) ۽ گجراتي ڪوي نرسمها مهتا (۱۵۰۰ع کان ۱۵۸۰ع تائين) هيا.

Gul Hayat Institute

تانتيا ٽوپي

١٨٥٧ع جي آزاديءَ جي جنگ ۾ جي هندستاني ڪردار هيا. انهن مان نانا صاحب، عظيم الله، جهانسيءَ جي راڻي ۽ تانتيا ٽوپيءَ سڀ کان وڌيڪ ماڻهن کي اُتساهيو هو. انهن سڀني مان مون کي تانتيا ٽوپي جي تقدير چڪيندي رهي آهي. ائين لڳندو آهي، جڻ ڪنهن اڳئين جنم ۾ مان تانتيا ٽوپي هيس. تانتيا ٽوپي تي مون ڪيئي ڪتابن ۾ پڙهيو آهي، پر هن جي مختصر جيونيءَ تي لکڻ لاءِ اهي ڪتاب مون کي هٿ نہ آيا. مون في الحال آڪسفورڊ هسٽري آف انڊيا (ٽين اشاعت) جي فهرست ڏٺي تہ معلوم ٿيو تہ هن جو ذڪر ٦٦٧ ۽ ٧١-٦٧٠ صفحي تي هيٺينءَ ريت آهي:

”١٨٥٧ع جي شروعات کان وٺي فوج ۾ بيچيني وڌي رهي هئي. جنوريءَ ۾ ڪلڪتي پرسان ڊم ڊم وٽ فوجي جوانن ڪارتوس موٽائي ڏنا ڇوتہ اُنهن ۾ چربي لڳل هئي. مارچ ۾ بارڪ پور وٽ هڪ پلٽڻ ڇڙوڇڙ ڪئي وئي. آتشزدگي جا واقعا ٿي رهيا ها ۽ افواهہ گشت ڪري رهيا ها. سچ پچ بغاوت ١٠ مارچ تي ميرٺ ۾ ٿي هئي. ڪجهہ رسالن ڪارتوسن وٺڻ کان انڪار ڪيو هو ۽ هنن کي نِيرَ وڌا ويا ها. ٽن رسالن ۾ انهن جي رفيقن ڪين آچر جي شام جو بندگي جي وقت آزاد ڪيو، پنهنجن عملدارن کي شوٽ ڪيو ۽ دهليءَ

Gul Hayat Institute

روانا ٿيا. جيتوڻيڪ ان وقت هندستان ۾ ٻه هزار يورپي فوجي موجود هيا. پر دهليءَ ۾ يورپي فوجي ڪونه هيا. قلعي تي بيهاريل هندستاني لشڪر سندن سات ڏنو. شهر تي قبضو ڪيو ويو ۽ سنجها جو بهادر شاهه ظفر کي منهندار بڻايو ويو، جو بي دليو ۽ گهبرايل پئي لڳو. سندس متبون مُنجهي ويون هيون. غدر (انگريز آزاديءَ جي جنگ کي غدر چوندا ها) جي رفتار جا ٽي دؤر آهن. پهرين دؤر ۾ ١٨٥٧ع جو پيانڪ اونهارو اچي وڃي ٿو، جڏهن مسئلو فقط اهو هو ته پَيڙ جو پَڙڪي آتيو آهي، اُن جي ڦهلاءَ کي ڪيئن روڪجي. ٻيو دور هو سرءُ ۾ لکنئو ۾ مدد لاءِ ڪارروائيءَ ۽ ڪُمڪ وارو دؤر، ۽ ٽئين دؤر ۾ سرڪالن ڪئمپ بيل ۽ هُگ روز جون ڪارروايون اچي وڃن ٿيون، جن فسادين جي سگهه کي ڪاپاري ڌڪ هنيو هو. هڪ پويون دؤر به هيو، جنهن ۾ ”پوچيءَ وانگر، پوئين ڪارروائي ڪئي وئي ۽ اپريل ١٨٥٩ع ۾ تانتيا توپيءَ کي گرفتار ڪيو ويو.“

آڪسفورڊ هسٽري آف انڊيا جي صفحي ٧١-٦٧٠ تي آهي: ”راڻيءَ (جهانسيءَ جي راڻيءَ) جي بي ڌڙڪ جرئت ۽ اٿوت اَوُسان ۽ تانتيا جي چترائيءَ ان ڪارڻ کي نراسائيءَ مان ڪيڍي ورتو جو پنهنجي ڪارپت وڃائي ويٺو هو ۽ اجائي لوچ پوچ ڪري رهيو هو ۽ مَٺا مُٺا ڏئي رهيو هو. مارچ ١٨٥٨ع ۾ سر هُگ روز جهانسيءَ تي قبضو ڪيو ۽ تانتيا جي مدد پهچائيندڙ فوج کي شڪست ڏني. مئي مهيني ۾ جڏهن ڪوُنچ فتح ڪيو ويو ته جدوجهد پوري ٿي چڪي هئي ۽ راڻي ۽ تانتيا گواليار ڏانهن وَريا. راجا جي ذاتي فوج کي پنهنجي پاسي آندائون ۽ قلعي تي قبضو ڪيائون جو گاديءَ جو هنڌ به هو. ٻه وڏيڪ جنگيون لڳيون، جن مان راڻي هڪ سپاهيءَ جي ورديءَ ۾ سپاهيءَ جو موت مئي. ٢٠ جون تي گواليار جي شڪت ڪانپوءِ غدر ذري گهٽ ختم ٿي ويو ۽ نديون نديون

Gul Hayat Institute

کارروايون رهجي ويون. ٧ جولاءِ ١٨٥٨ع تي ڪئننگ امن جو اعلان ڪيو......."

مون هونءَ تہ غدر جي تاريخ، تانتيا ٽوپيءَ، سوڏي ڪيترن ئي ڪتابن ۾ پڙهي آهي پر اهي ڪتاب هٿ نہ ٿا اچن. مون کي اهو ياد آهي تہ تانتيا ٽوپيءَ نانا صاحب جو سپهہ سالار هو ۽ سپاهہ جي رَهت کهت سان گڏجي پوئين پَساهہ تائين ڦيٿ ڪاڏي هيائين. ١٨٥٧ع جي آزاديءَ لاءِ قومي تجويز ڪانپور ۾ ٿي هئي. نانا صاحب جو ڀاٽيجو راءُ صاحب ۽ منشي عظيم الله خان (جو انگريزيءَ جو ماهر هو ۽ جيتري قدر مون کي ياد آهي تہ خفيہ طرح انگلينڊ بہ ويو هو) ۽ هن جو مشهور سپهہ سالار تانتيا ٽوپي هو. پنڊت سندر لال پنهنجي ڪتاب "سن ستونجهاهہ" ۾ لکيو آهي:

"لکنئو جو سارو شهر، جنهن وقت رَت جي سمنڊ ۾ تري رهيو هو، ريزيڊنسيءَ جا انگريز قيدي قيد مان آزاد ٿي ويا هئا. سر ڪالن ڪئمپ بيل ريزيڊنسيءَ کي ڇڏي، عالم باغ ۾ پنهنجي فوج ۽ توبون گڏ ڪيون هيون. (اردوءَ جي مشهور ناول نگار قراۃُالعين حيدر ان دؤر تي پنهنجي ناول "گردشِ رنگِ چمن" ۾ هڪ نهايت هيبتناڪ باب لکيو آهي.) آئوٽ رام کي اُتان جو سپهہ سالار مقرر ڪيو ويو هو ۽ لکنئو شهر تي حملي جي تياري ٿي وئي هئي. ايتري ۾ ڪئمپ بيل کي ڪانپور مان اطلاع مليو تہ نانا صاحب جي مشهور سپهہ سالار انگريزن جي فوج کي شڪست ڏئي، وري اُنهيءَ شهر تي قبضو ڪري ورتو آهي. ڪئمپ بيل اُن وقت آئوٽ رام کي لکنئو ۾ ڇڏي، پاڻ ڪانپور ٻيهر فتح ڪرڻ لاءِ هليو ويو..."

"١٦ جولاءِ ١٨٥٧ع تي جنرل هيولاڪ جي فوج الله آباد مان اچي وري ڪانپور فتح ڪئي. نانا صاحب پنهنجي ڀاءُ بالا صاحب ۽ ڀاٽيجي راءُ صاحب سان گڏجي جنرل هيولاڪ تي وري ڪاهہ ڪرڻ لاءِ فوج ڪَٺي ڪري رهيو هو. تانتيا ٽوپيءَ کي هُن شوِراج پور موڪليو. شوِراج پور پهچي تانتيا ٽوپيءَ ڪمپني جي ٤٢ نمبر پلٽڻ کي پنهنجي پاسي ڪيو ۽

Gul Hayat Institute

انهيءَ جي مدد سان هن هڪ ڀيرو ٻيهر ٻٺور تي قبضو ڪيو. جڏهن هيولاڪ لکنئو وڃڻ ٿي چاهيو، هُن سندس فوج تي پٺيان حملو ڪيو. ان جو نتيجو اهو ٿيو تہ هيولاڪ کي لکنئو جو ارادو ڇڏي پٺتي هٽڻو پيو. ١٦ آگسٽ ١٨٥٧ع تي هيولاڪ جي فوج وَري تانتيا ٽوپيءَ جي فوج تي جيت پاتي. تانتيا ٽوپي باقي رهيل فوج سان ٻيهي فتح پور ۾ نانا صاحب وٽ پهتو. ان کانپوءِ تانتيا اولائتي ۽ گپت رستي گواليار پهتو. گواليار جي ويجهو مُرارجي ڇانوڻيءَ ۾ سِنڌيا جي زبردست مددي فوج هئي، جنهن ۾ پيدل پلٽڻون، سوار ۽ توب خانا هيا. تانتيا ٽوپي ساريءَ فوج کي انقلاب جي طرف موڙيو. اُن کي کٽي تانتيا ٽوپي مُرارجي کان ڪالپيءَ آيو. ڪالپيءَ جو قلعو جمنا جي ٻي پار، ۴٦ ميل پري هو. ٩ نومبر ١٨٥٧ع تي تانتيا ٽوپي ڪالپيءَ جو قلعو هٿ ڪيو ۽ پوءِ ڪالپيءَ کي ئي پنهنجو مرڪز بڻايو. بالا صاحب کي اُتي مقرر ڪري، تانتيا ٽوپي فوج ساڻ ڪري ٻيهر ڪانپور ڏانهن وڌيو. اِن ۾ شڪ نہ آهي، تہ استقلال، بهادريءَ، ڦڙتيءَ ۾ ۽ ٻين هندستانين سان ٺاهہ ڪرڻ جي قابليت ۾ تانتيا ٽوپي پنهنجو مٽ پاڻ هو.

جنرل ونڊهم اُن وقت ڪانپور ۾ هو. ١٩ نومبر ١٨٥٧ع تي تانتيا ٽوپي ونڊهم جو گهيرو ڪيو ۽ هن لاءِ وٽ ٻاهران رسد جو پهچڻ ناممڪن ڪري ڇڏيائين. ونڊهم پنهنجيءَ فوج سان ڪانپور مان هن جي مقابلي لاءِ نڪتو. ٢٦ نومبر تي پانڊو نديءَ تي تانتيا ٽوپيءَ ۽ ونڊهم جي فوجن جي وچ ۾ گهمسان جي لڙائي ٿي. چيو وڃي ٿو تہ پهرين حملي ۾ تانتيا ٽوپيءَ جو ڪافي نقصان ٿيو. پر تانتيا جي قابليت تسليم ڪندي، مؤرخ مالي سَن لکيو آهي:

”باقي فوج جو رهنما بي وقوف نہ هو. هو اهو نقصان ڏسي هيسجي نہ ويو جو ونڊهم هن کي پهچايو هو. هُو انگريز سپهہ سالار جي ڪمزوريءَ کي ڀليءَ ڀت پروڙي ويو هو. تانتيا ٽوپيءَ ان وقت ونڊهم جي حالت ۽ هُن جي ضرورتن

Gul Hayat Institute

کي اهڙي طرح پُرجهي ورتو، جيئن ڪوئي ڪليل ڪتاب کي پڙهندو آهي. تانتيا توپيءَ ۾ هڪ سچي سپهہ سالار جون قدرتي وصفون موجود هيون. هن ونڊهم جي انهن ڪمزورين مان فائدي وٺڻ جو ارادو ڪيو." ٻئي ڏينهن تي تانتيا جي فوج ونڊهم جي فوج کي گهيري ۾ وٺي پنتي هٽائڻ شروع ڪيو، ان حد تائين جو اڌ ڪانپور تانتيا جي فوج جي قبضي ۾ اچي وَئي ۽ ونڊهم جي فوج هارَ تي هارَ کائي، پِجي وئي. ڪيئي انگريز آفيسر جنگ ۾ ماريا ويا. ٽين ڏينهن جي لڙائيءَ ۽ انگريزي فوج جي هار جو بيان ڪندي هڪ انگريزي آفيسر پنهنجي خط ۾ لکي ٿو:

"اج جي جنگ جو حال پڙهي تعجب ٿيندو. ان مان اوهان کي معلوم ٿيندو تہ ڪيئن انگريزي فوج پنهنجي فتح جي جهنڊن، پنهنجن اُصولي نعرن ۽ پنهنجي مشهور بهادريءَ جي باوجود پنتي ڌِڪي وئي. اُنهن هندستانين جن کي اسان حقير سمجهندا هُياسين ۽ چيڙائيندا رهيا آهيون، تِن انگريزي فوج کان اُنهن جي ڪئمپ، سندن سامان، مال اسبابَ ڪسي ورتا، اٺ، هاٿي، گهوڙا ۽ نوڪر سڀ اُنهن کي ڇڏي ڀڄي ويا. اهو سارو واقعو نهايت افسوسناڪ ۽ شرمناڪ آهي."

انهيءَ شڪست کان مجبور ٿي سر ڪالن ڪئمپ بيل کي لکنؤ ڇڏڻو پيو. تانتيا توپيءَ کي جيئن اها خبر پئي هن گنگا جي پل ڊاهي ڇڏي ۽ گنگا جي ڪناري پنهنجون توبون ڪوڙي ڇڏيون. پوءِ بہ سر ڪالن ڪئمپ بيل تانتيا توپيءَ جي توبن کان بچي، ٻي جاءِ تان گنگا پار ڪئي ۽ ٣٠ نومبر تي ڪانپور جي ويجهو پهچي ويو. ان وقت نانا صاحب بہ تانتيا توپيءَ جي مدد لاءِ ڪانپور پهچي ويو هو. مالي سَن لکيو آهي تہ:

"سپهہ سالار جي حيثيت ۾ تانتيا توپي جي قدرتي قابليت ڏاڍي گهٽي هئي. گنگا جي ڪناري تي ئي هن ڪئمپ بيل جي فوج کي گهيرو ڪيو. پهرين ڊسمبر کان ٦ ڊسمبر ١٨٥٧ع تائين گهمسان جي ويڙهہ ٿي. ٻنهي جي سگهہ

Gul Hayat Institute

هڪجيتري هئي ۽ فوجون اَٿ مَٿ هيون. تانتيا جي سڄي پاسي گواليار جي فوج هئي، جا آخر ۾ سڪن ۽ انگريزن جي گڏيل حملي سبب پُٺتي موٽڻ لڳي. ميدان سر ڪالن ڪئمپ بيل جي هٿن ۾ رهيو. ڪانپور جي شهر تي وري ڪمپنيءَ جو قبضو ٿي ويو. تانتيا ٽوپي پنهنجي رهيل سَهيل فوج وٺي ۽ توبون ڪٽي ڏڪڻ ڏانهن نڪري ويو. انگريزي فوج هن جو پيڇو ڪيو. شوراج پور ۾ هڪ ٻي جنگ ٿي، جنهن ۾ تانتيا ٽوپيءَ جون ڪجهہ توبون انگريزن جي هٿ چڙهي ويون، پر تانتيا ٽوپي باقي فوج سميت ڪالپيءَ نڪري ويو. انگريزي فوج ڪانپور واپس آئي. هن ڀيري سر ڪالن ڪئمپ بيل ٻنور جي محلن کي ڪيرائي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي.“

………………..

هر پاڪستانيءَ کي جدوجهدِ آزاديءَ جي ساري تحريڪ غور سان پڙهڻ گهرجي ۽ جنهن کي ١٨٥٧ع وارو ٻلوو چيو وڃي ٿو اُهو آزاديءَ لا ڀرپور ڪِيت هئي. هتي زيرِ بحث ڪردار تانتيا ٽوپي آهي، هونءَ تہ ١٨٥٧ع واري آزاديءَ جي جنگ ۾ ڪيئي قابلِ ذڪر ڪردار هيا. مون تانتيا ٽوپيءَ سان گڏ جهانسيءَ جي راڻيءَ جو ذڪر بہ تفصيل سان ڪيو آهي، جو تہ ٻنهي ساڳي ٻي جگريءَ، بهادريءَ ۽ آزاديءَ سان بي انتها محبت رکي، توڙ تائين لڙائي لڙي ۽ ٻَئي لڙائيءَ ۾ بہ گڏگڏ هيا. مون کي دنيا ۾ آزاديءَ لاءِ جدوجهد جي تاريخ ۾، ٽيپو سلطان، جهانسيءَ جي راڻي ۽ تانتيا ٽوپي جهڙا ڪردار ورلي نظر ٿا اچن، جن سان بي انتها وفاداري بہ ڪئي وئي ۽ جن سان وڪ وڪ تي غداري بہ ڪئي وئي، پر پوءِ بہ هو بي دِليا نہ ٿيا. هينئون نہ هاريائون ۽ پُٺ نہ ڏيکاريائون. آخري دم تائين وڙهندي وڙهندي ماريا ويا. انهن ٽنهي مان تانتيا ٽوپي هيٺين طبقي سان تعلق رکندو هو. ٽيپو سلطان (١٧٨٢ع کان ١٧٩٨ع تائين ميسور جو حاڪم) تہ ١٨٥٧ع کان اڳي ئي آزاديءَ جي جنگ ۾ ماريو ويو هو. انڪري اُن جو هن نوٽ ۾ ذڪر نہ آهي. جهانسيءَ جي راڻي ۽ ٽيپو سلطان وٽ، واهُ، ڳڙا ۽ مينهن ٿي آيا ۽ انگريزن کي گهنگهور گهٽائن جيئن وڪوڙي ويا. هنن جان ڏني، آنَ نہ ڇڏي. جيستائين مَنجهن ساهہُ هيو، تيستائين ڪوئي اُتساهہ کين اُڀاري رهيو هو. چي گئويرا وغيره جي

دورِ جديد ۾ افسانا تي چُڪا آهن، هنن جي پيٽ ۾ ڪائي شيءِ نہ ها.

مون جڏهن ڪريٽ جي آزاديءَ جي باري ۾ پنهنجي محبوب ناول نگار ۽ شاعر ڪازان زاڪس جو ناول "آزادي يا موت" پڙهيو هو تہ مون کي جهانسيءَ جي راڻي ۽ تانتيا توپي ياد آيا ها. مون "آزادي يا موت" مان هيٺيان ٽڪرا لکي ڇڏيا ها، جي هتي ڏيان ٿو ۽ پوءِ جهانسيءَ جي راڻيءَ جي ۽ تانتيا توپي جي جدوجهد جي باري ۾ اڳتي لکان ٿو:

"نينگر، تون ڄاڻين ٿو تہ مان ڇو ٿو کِلان؟" هن پڇيو، "مان قسم سان چوان ٿو تہ جڏهن انسان پوڙهو ٿئي ٿو تہ هن جي ياد هڪ قبرستان ٿي پوي ٿي. جيتوڻيڪ ڪنهن وقت سنگ لحد پاسيرا ٿي پون ٿا ۽ مُئا ٻاهر ٽپي اچن ٿا..."

(صفحو: ٣٥٤)

"ڪي ماڻهو اهڙا ٿين ٿا، جن کي مرڻ نہ گهرجي. آخر پهاڙ ڇو نہ ٿا مرن؟ انهن ماڻهن کي ساڳيءَ طرح مرڻ نہ گهرجي. اهي ڌرتيءَ تي ساڳيءَ جاءِ تي رهڻ گهُرجن، انهن ٽنين وانگر جي آسمان کي جهلي بيهن ٿا. اِتي، اِتي ڌرتي! مان توکي لتون ٿو هڻان، حيف آهي توتي! تون انهن کي ڇونہ ٿي ڳڙڪائين، جيڪي بيوقوف آهن، جيڪي جَڏا آهن، جيڪي ڇِٻا آهن؟ انهن کي ڳڙڪاءِ، انهن مان جند ڇڏاءِ! پر هي جوڌا (پوءِ هو پنهنجي ناول جي ڪردارن جا نالا ڪڻي ٿو)

....

(صفحو:٣٥٦)

"خون ڪڏهن بہ اجايو وهايو نہ ٿو وڃي." هن جواب ڏنو، "ڇا توکي اها ڄاڻ نہ آهي تہ آزادي ٻج وانگر ٿيندي آهي. اها پاڻي ڏيڻ سان نہ ڦٽندي آهي. اُن کي رت ڏيڻو پوندو آهي، سو اَسان هاڻي ٻج جي آبياري صحيح طريقي سان ڪري رهيا آهيون ۽ اهو ڪنهن وقت ٻوٽو ضرور ٿيڻو آهي، پر اهو ڏينهن اڃا آيو نہ آهي."

(صفحو:٣٥٩)

Gul Hayat Institute

....

"خدا جي واسطي،" هڪ وڏيڪ عقلمند ماڻهوءَ چيو: "اسان کي دلين کي سخت بڻائڻ گهرجي. اسان کي هٿيار پوري رکڻ گهرجن ۽ پنهنجي سگهه پيهر ڪٺي ڪرڻ گهرجي ۽ پوءِ، ڪجهه سالن کانپوءِ پنهنجو جهنڊو اوچو ڪرڻ گهرجي، جڏهن پار ڪيندڙ مائن کي ڏڏ ملي وجي، تيستائين ڍؤنگ ڪيو ۽ انهيءَ هٿ کي چُميو جو اوهان کي اَنت ڪپٽو آهي."

الا! جهانسي جي راڻي ۽ تانتيا ٽوپي پوئينءَ صلاح تي نہ لڳايا حالتون اهڙيون نہ هيون، جو هو لڳي نہ سگهن ها.

"جمنا جو ڏاکڻو پاسو ۽ ونڌيا چل جو سارو اتروارو علائقو ١١ مهينا انقلابين جي هٿ ۾ رهيو، جا ڪيپ مهارائيءَ لڪشمي بائيءَ ڪئي. هِيوروز جي ماتحت هڪ وڏي فوج، جنهن ۾ حيدرآباد، ڀوپال ۽ ٻين رياستن جون فوجون بہ توپن سميت شامل هيون، انهيءَ علائقي کي وري فتح ڪرڻ لاءِ موڪليون ويون. ٦ جنوريءَ ١٨٥٨ع تي سر هيوروز ميسور کان روانو ٿيو. راءِ ڳڙهہ، ساگر، باناپور، چنديريءَ وغيره جي جاين کي فتح ڪندي هيءَ فوج ٢٠ مارچ تي جهانسيءَ جي ويجهو اچي وئي. جهانسي انهيءَ علائقي ۾ انقلابين جو خاص مرڪز هئي، شهر جي اندر بانا پور جو راجا ۽ سردار، راڻيءَ جي مدد لاءِ موجود هيا. راڻي لڪشمي بائيءَ، ڪمپنيءَ جي فوج جي پهچڻ کان اڳ چئني طرفن دور دور تائين پسگردائيءَ کي ويران ڪرائي ڇڏيو هو، جيئن دشمن جي فوج کي حملي ڪرڻ وقت رسد وغيره ملي نہ سگهي. نہ وري ٻنين ۾ اَن جو هڪ سنگ هو، نہ ڪٿي گاهہ جو هڪ پن هو ۽ نہ چانو لاءِ ڪوئي وڻ هو، پر مهاراجا سنڌيا ۽ ٽيڪم ڳڙهہ جي راجا ڪمپنيءَ کي گاهہ، رسد وغيره جو اهڙو انتظام

Gul Hayat Institute

ڪري ڏنو هو جو ان جي فوج کي ڪائي ڏکيائي نہ ٿي.

انگريزي فوج کي وڌندو ڏسي راڻي لڪشمي بائيءَ (جهانسي جي راڻيءَ) انقلابين جي سپهہ سالاري پهنجي هٿ ورتي. هر مورچو هُن جي موجودگيءَ ۾ تيار ڪيو ويو ۽ فَصيل تي توبون هُن پاڻ رکايون. هن جي توب خاني ۾ ڪيئي عورتون بہ ڪم ڪنديون هيون. جهانسيءَ ۾ ٢۴ مارچ ١٨٥٨ع تي هڪ توپ مان انگريزن جي فوج تي گولا اُڇلايا ويا ۽ ان ڪانپوءِ اٺ ڏينهن لڳاتار جنگ ٿيندي رهي، پر ڪمپنيءَ جي زبردست فوج ۽ ان جي سامان جي مقابلي ۾ جهانسيءَ جي فوج جو اڪيلو ٽڪاءُ ناممڪن هو.

تانتيا ٽوپي جي فوج جمنا جي اُتر ۾ هئي، جمنا پار ڪري، هُو چرڪاريءَ جي راجا وٽ پهتو، پر راجا آزاديءَ جي جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار ڪيو. تانتيا چرڪاريءَ تي حملو ڪري راجا کان ٢۴ توبون بہ کسيون ۽ ٽي لک رپيا تاوان بہ ڀرائي ورتو. اُن ڪانپوءِ تانتيا ڪالپيءَ پهتو. اُتي هن کي راڻيءَ جو خط پهتو، جنهن ۾ هن کي جهانسيءَ جي مدد لاءِ درخواست ڪئي وئي هئي. تانتيا جهانسيءَ جي طرف وڌيو تہ ڪمپنيءَ جي فوج ۾ وري اَوَهہ اچي وئي. اُن جي سامهون جهانسيءَ جي راڻي هئي ۽ پٺيان تانتيا ٽوپي هو. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ انهيءَ جنگ ۾ تانتيا جي فوج مڙسي نہ ڏيکاري ۽ ڪمپنيءَ اُن تي حملو ڪري ڏيڍ هزار سپاهي بہ ماري وڌا ۽ ان جون توبون بہ انگريزن جي ورچڙهي ويون. ان ڪانپوءِ جهانسيءَ جي حالت اڳ کان خراب ٿي وئي پوءِ بہ راڻيءَ همت نہ هاري. ٢ اپريل تي انگريزي فوج جهانسيءَ تي ڀهريون ڀيرو حملو ڪيو. حملو چئني طرفن کان ٿيڻ لڳو. راڻي پنهنجي گهوڙي تي سوار، سپاهين ۽ آفيسرن کي اُتساهہ ڏياريندي رهي. انهن ۾ زيور ۽ خلعتون ورهائيندي رهي، وچ وانگر ڪڏهن هيڏانهن وئي ڪڏهن هوڏانهن وئي. دشمن

پھريون شهر جي اتر طرف زور ڏنو. انن جاين تي ڏاکڻيون رکيون ويون. راڻيءَ جي توبن پنهنجو ڪم جاري رکيو. انگريز آفيسر ڊِڪ ۽ مچل ڏاکڻين تي چڙهي، پنهنجن ساٿين کي سڏيو، پر ٻن گولين انهن کي اُتي ڍير ڪري وڌو. بونس ۽ فاڪس انهن جي جاءِ والاري پر اُهي به گولين جو ڪاچ ٿي ويا. آنئي ڏاکڻيون ٽٽي پيون ۽ انگريزي فوج کي پٺتي هٽڻو پيو. اتر طرف کان ته ڪمپني صدر دروازو نه ٽپي سگهي، پر ڏاکڻي طرف کان ڪنهن هندستاني غدار جي مدد سان ڪمپنيءَ جي فوج ڏکڻ دروازي کان شهر ۾ گهڙي آئي. ان کان پوءِ ڪمپنيءَ جي فوج هڪ جاءِ تي ڪٺي ٿي جاءِ تي پهتي ۽ نيٺ محل کي وڪوڙي وئي. راڻي قلعي جي فصيل تان شهرين جي قتل ۽ انهن جي بربادي کي ڏٺو. هوءَ يڪدم هڪ هزار فوج سان گڏجي انگريزن تي وڄ وانگر ڪڙڪي. ٻنهي طرفن کان بندوقون اُجلي تلوارن سان وڙهڻ لڳا. ٻنهي طرفن کان جانيون ويون. ڪمپنيءَ جي فوج کي ڪافي پٺتي هٽڻو پيو. ايتري ۾ راڻيءَ کي خبر پئي ته صدر دروازي جو محافظ سردار خدا بخش ۽ توب خاني جو آفيسر سردار غلام غوث خان ماريا ويا ها. جنهن جو اهو مطلب هيو ته اُتر وارو صدر دروازو به هاڻي دشمن جي هٿ ۾ هيو. راڻيءَ انهيءَ رات جهانسي ڇڏي، هٿيار ٻڌي، مرداڻيءَ پوشاڪ ۾ پنهنجي گود ۾ ورتل پُٽ دامودر کي چيلهه سان سوگهو ٻڌي هُن قلعي جي ديوار تان هڪ هاٿيءَ جي پٺيءَ تي ٽپو ڏنو ۽ پنهنجي پياري سفيد گهوڙي تي سوار ٿي ڏهه پندرنهن سوار ساڻ ڪري ڪالپيءَ طرف رواني ٿي وئي. انگريزن هن جو پيڇو ڪيو، پر راڻي ساري رات گهوڙو ڊوڙائيندي، صبح جو ڀانڊ پرنام ڳوٺ ۾ ڪجهه وقت ترسي، جتي پٽ کي کير پياريائين. جڏهن ڏٺائين ته انگريزي فوج اڃا سندس پيڇو ٿي ڪري، تڏهن گهوڙي تي ٽپ ڏئي چڙهي ۽ ڪالپيءَ ڏانهن وڌي. انگريز

Gul Hayat Institute

ليفٽيننٽ، راڻيءَ کي اچي پڳو تہ راڻيءَ تلوار جو وار ڪري هن کي گهائي وڌو ۽ هو گهوڙي تان ڪري پيو. نيٺ هو ۽ هن جا ساٿي پنٽي موٽي ويا. راڻي ۽ هن جا ساٿي سرپٽ گهوڙا ڊوڙائيندا ويا. صبح ڪان پيهري ٿي وئي. پيهري ڪان ٽيهري ٿي وئي، پر راڻيءَ کي ڪٿي ڊاهي ڪرڻ لاءِ واندڪائي نہ ملي. ويندي ويندي شام ٿي وئي ۽ آڀ ۾ تارا ايري آيا. پر راڻي ڪٿي نہ بيٺي. آخر اڌ رات جو، پٽ دامودر کي چيلهہ سان ٻڌل ڪٿي، هوءَ جهانسيءَ کان ١٠٢ ميل پري ڪالپيءَ پهتي. راڻيءَ جو پيارو گهوڙو ڪالپيءَ پهچڻ سان ڪري پيو ۽ مري ويو. صبح جو راڻيءَ، نانا صاحب جي ڀائيجي راءُ صاحب ۽ تانتيا ٽوپي جي وچ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٿي.“

ڇا اهڙي بهادر عورت دنيا جي تاريخ ۾ ڪنهن بہ ملڪ ۾ پيدا ٿي آهي؟ جون آف آرڪ بہ هن جي ڀيٽ ۾ ڪجهہ نہ هئي. آزاديءَ لاءِ تڙپ انسان ۾ ڪنوڻ جئن ڪجندي ۽ وچ وانگر وراڪا ڏيندي آهي. هو پنهنجي زندگيءَ کي تہ تڇ سمجهندو آهي، پر پوءِ بہ پاڻ ۾ ايتري سگهہ سمجهندو آهي جو پهاڙ ترڻ تي ڪٿي سگهي ۽ سمنڊ اورانگهي وڃي. مان جڏهن ١٩٦٣ع ۾ جهانسيءَ مان لنگهيو هوس تہ اتان مٿي ڪٿي دعا گهُري هئي تہ منهنجيءَ شاعريءَ کي بہ ايتري سگهہ نصيب ٿئي، جيتري جهانسيءَ جي راڻيءَ کي ان وقت هئي، جڏهن هوءَ ١٠٢ ميل ساندهہ گهوڙي تي سواري ڪري ڪالپيءَ وئي هئي.

”جهانسيءَ جي راڻي، راءُ صاحب، تانتيا، باندہ جو نواب، شاهہ پور ۽ باناپور جو راجا ۽ ڪجهہ ٻيا انقلابي ان وقت پنهنجيءَ پنهنجي فوج سميت ڪالپيءَ ۾ موجود هيا. اِنهيءَ زبردست فوج لاءِ دشمن تي فتح حاصل ڪرڻ مشڪل ڳالهہ نہ هئي، پر انقلابين ۾ اهڙو ڪوئي شخص نہ هو جو باقي ٻين کي پنهنجي حڪم جي تابع رکي سگهي. راڻي سيني ڪان قابل هئي، پر هوءَ عورت هئي ۽ هن جي عمر فقط ٢٢ سال هئي. تانتيا ٽوپي بهادر ۽ هوشيار سپهہ سالار هو، پر هو هڪ معمولي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو هو. قديمي خانداني راجائن کي هڪ عورت يا معمولي خاندان ۾ پيدا ٿيل هڪ انسان هيٺان ڪم

ڪرڻ اُن وقت ايترو آسان ڪم نہ هو. اهو ساڳيو ئي نقص دهليءَ جي زوال جو بہ خاص سبب رهي چڪو هو. پوءِ بہ جهانسيءَ جي راڻيءَ ڪجهہ فوج وٺي ڪالپيءَ کان ۴۲ ميل پري ڪنچ ڳوٺ پهتي. ڪنچ ڳوٺ ۾ سَرهِيو روز جي فوج سان وري هن جي فوج ڏوبڏو ٿي. رهنمائن ۾ تفرقو ۽ بدانتظامي قائم رهي. ڪنهن بہ راڻيءَ کي مرضيءَ موجب مدد نہ ڏني. نتيجو اهو ٿيو تہ ڪنچ ڳوٺ بہ انقلابين هارايو. مورخ مالي سن ڏاڍي سارهہ سان لکيو آهي تہ:

”شڪست کان پوءِ انقلابي فوج حيرت انگيز تنظيم سان ڪالپيءَ ڏانهن موٽي آئي. معلوم ٿئي ٿو تہ اها تنظيم اُن ۾ شڪست ڪانپوءِ پيدا ٿي هئي.“

سَرهِيو روز هاڻي ڪالپيءَ تي حملو ڪيو. جهانسيءَ جي راڻيءَ پنهنجي شڪست کاڌل فوج کي وري اُتساهيو. ڏاڍي گهمسان جي جنگ ٿي. هڪ دفعي انگريز فوج کي سڄي طرف پٺتي موٽڻو پيو. ڪمپنيءَ جا توبچي پنهنجون توبون ڇڏي ڀڄي ويا. جهانسيءَ جي راڻي پنهنجي گهوڙي تي سڀني کان اڳ ۾ هئي. ان ڪانپوءِ خود سَرهِيو روز سڄي طرف کان مُڙي، جهانسيءَ جي راڻي جي مقابلي لاءِ وڌيو. آخر ۾ سوڀ سِر هِيو روز جي ٿي. ۲۴ مئي ۱۸۵۸ع تي ڪمپنيءَ جي فوج ڪالپيءَ ۾ داخل ٿي وئي. ڪالپيءَ جي قلعي ۾ انگريزن کي سٺ سئو مڻ بارود ۽ بي شمار هٿيار ۽ ڏاڍو سامان هٿ آيو.

جهانسيءَ جي راڻي هاڻي باندهہ جي نواب ۽ راءُ صاحب سوڙو ٿوري فوج ساڻ ڪري ڪالپي ڇڏي نڪري وئي.

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ سَرهِيو روز جو هيستائين ڪَشالا ڪاٽي هڪ هزار ميل سفر ڪري آيو هو، پهاڙ، جهنگ ۽ نديون پارڪيون هيائين، وَڏين وڏين فوجن کي آڻ مڃائي هيائين ۽ نربدا کان جمنا تائين علائقو ڪمپنيءَ لاءِ فتح ڪري چڪو هو. ڪمپنيءَ جي نهايت قابل ۽ بهادر سپهہ سالارن مان هو.

انقلابين وَٽ نہ هاڻي سامان هو، نہ ڍنگ جي فوج، نہ ڪوئي قلعو پوءِ بہ جهانسيءَ جي راڻيءَ ۽ تانتيا توپي همت نہ

Gul Hayat Institute

هاري. تانتيا ڀڄجهي رستي کان ڪالپيءَ مان نڪري گواليار پهتو. گواليار پهچي هُن مهاراجا سنڌيا جي فوج ۽ رعيت کي پنهنجي پاسي ڪيو ۽ نئين فوج سان پوئتي مُڙيو. جهانسيءَ جي رائيءَ راءُ صاحب کي پهريون گواليار فتح ڪرڻ جي صلاح ڏني، جيئن انقلابين کي وري هڪ نئون مرڪز ملي سگهي.

٢٨ مئي ١٨٥٨ع تي سڀ انقلابي رهنما گواليار جي سامهون پهچي ويا ۽ مهاراجا سنڌيا کي هيٺيون خط لکيائون:

"اسان توهان ڏانهن دوستيءَ لاءِ اچي رهيا آهيون. اسان جا (پيشوا سان) پراڻا ناتا ياد ڪيو. اسان کي اوهان مان مدد جي اُميد آهي، جيئن اسان ڏکڻ طرف وڌي سگهون."

جياجي راءِ سنڌيا هنن ڏانهن هٿ وڌائڻ بدران ١ جون ١٨٥٨ع تي پنهنجي فوج ۽ توبن سان هنن جي مقابلي لاءِ نڪتو. سنڌيا جي ارادي کي ڏسي جهانسيءَ جي رائيءَ تي سئو سوارن سميت هنن تي ڪاهه ڪئي، پر سنڌيا جي فوج تہ اڳيئي تانتيا توپي کي پنهنجي زبان ڏئي چڪي هئي. اها فوج پنهنجن آفيسرن سميت، انقلابين ڏانهن هلي آئي. گواليار جون توبون تڏيون تي ويون. جياجي راءُ ۽ هن جي وزير دِنڪر راءُ کي ميدان ڇڏي آگري ڀڄي وڃڻو پيو. گواليار جي رعيت خوشيءَ ۽ جوش سان انقلابين جو آڌر ڀاءُ ڪيو. گواليار جي فوج پيشوا نانا صاحب جي نمائندي، راءُ صاحب کي سلامي ڏني. سنڌيا جي وزيرِ ماليات آمر چند ڀاٽا سارو خزانو انقلابي رهنمائن جي حوالي ڪري ڇڏيو. ٣ جون ١٨٥٨ع تي ڦول باغ ۾ هڪ وڏي دربار ٿي. تمام جاگيردارن، سردارن ۽ اميرن پنهنجي پنهنجي جاءِ والاري، عرب، روهيلا، راجپوت ۽ مرانا پلٽڻون پنهنجونورديون پائي دربار ۾ پهچي ويون. پيشوا جو شهر پناهہ ۽ ڪلغي راءُ صاحب جي مٿي تي رکيو ويو ۽ ساري دربار هن کي پيشوا تسليم ڪيو. هن جا وزير

Gul Hayat Institute

۽ مقرر ڪيا ويا ۽ تانتيا ٽوپي هن جو خاص سپهه سالار مقرر ٿيو. ويهه لک رپيا فوج ۾ ورهايا ويا ۽ آخر ۾ توبن جي سلامي ٿي.

ان طرح تانتيا ٽوپي، جانسي جي راڻي لڪشمي ٻائيءَ دهلي، ڪانپور ۽ لکنئو کي هڪ نئون ۽ زبردست مرڪز عطا ڪيو. لڪشمي ٻائيءَ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته هاڻي سڀ ڪجهه ڇڏي فوج کي تيار ڪري ميدان ۾ آندو وڃي. راءِ صاحب ۽ ٻين اڳواڻن راڻيءَ جي انهيءَ صلاح جي پرواهه نه ڪئي. قيمتي وقت دعوتن ۽ جلسن ۾ برباد ڪيو ويو. ايتري ۾ سَر هِيو روز پنهنجي فوج سميت تيزيءَ سان گواليار تي ڪاهي آيو. هن مهاراجا سنڌيا کي پاڻ سان گڏ رکيو. لڪشمي ٻائي هڪ ڀيرو ٻيهر ڇڙوڇڙ فوج ۾ روح ڦوڪيو. ان خود شهر جي تنظيم ڪئي. ان جي اوڀر واري دروازي جي حفاظت جو بار پاڻ تي کنيو. لڪشمي ٻائيءَ سان گڏ هن جون ٻه سهيليون مندرا ۽ ڪاشِي گهوڙن تي سوار هيون ۽ بهادريءَ سان هٿيار هلائي رهيون هيون. مشهور سپهه سالار جنرل سمٿ، لڪشميءَ ٻائيءَ جي مقابلي لاءِ اڳتي وڌيو. ڪيئي ڀيرا سمٿ جي فوج اوڀر واري ڦاٽڪ تي حملو ڪيو. پر هر ڀيري هن کي پٺتي هٽڻو پيو. ڪيئي ڀيرا ڦاٽڪ کان ٻاهر نڪري لڪشمي ٻائيءَ فوج تي حملو ڪيو ۽ ڪيترن ئي دشمنن کي ميدان ۾ ختم ڪري وري اچي ڦاٽڪ سنڀاريو. ان طرح صبح شام گهوڙي تي سوار، لڪشمي ٻائي بجليءَ وانگر هيڏانهن ڪان هوڏانهن ويندي نظر آئي. آخر جنرل سمٿ کي اِن طرف ڪوشش ڇڏي پٺتي هٽڻو پيو. ١٧ جون تي ميدان لڪشمي ٻائيءَ جي هٿ ۾ رهيو. ١٨ جون تي جنرل سمٿ وڏيڪ فوج وٺي ساڳي ڦاٽڪ تي پهتو. ان ڏينهن ڪيئي طرفن کان انگريزي فوج گواليار جو گهيرو ڪيو. جنرل سمٿ سان گڏ هن جو سپهه سالار سَر هيو روز به راڻيءَ جي

مقابلي لاءِ اوير ڦاٽڪ جي سامهون ڏٺو ويو. پرهہ جو جڏهن راڻي پنهنجين پنهي ساهيڙين سان شربت جو وٽو پي رهي هئي، هن کي خبر ملي تہ ڪمپنيءَ جي فوج وڌندي ٿي اچي. هن يڪدم شربت جو وٽو ڦٽي ڪيو ۽ پنهنجين ساهيڙين ساڻ اڳتي وڌي. هن کي مرداڻي پوشاڪ پئي هئي ۽ هوءَ سر هيو روز جو بهادريءَ سان مقابلو ڪري رهي هئي. باقي انگريزي فوج بين انقلابي ٽولن کي چيريندي، راڻيءَ کي ويڙهي وئي. گواليار جون توبون ٽڏيون ٿي ويون گهڻي فوج ٽِتر بِتر ٿي وئي. فاتح انگري فوج چئني طرفن کان راڻيءَ جي ويجهو ٿيندي وئي. راڻي وٽ رڳو هن جون بہ ساهيڙيون ۽ ١٥ يا ٢٠ سوار رهجي ويا. راڻيءَ پنهنجي گهوڙي کي تيزيءَ سان ڊوڙايو ۽ دشمن کي چيريندي ٻي طرف انقلابي فوج سان ملڻ چاهيو. انگريز سوارن هن جو پيڇو ڪيو، پر راڻي تلوار سان سِرَ لٽيندي اڳتي وڌي. اوچتو هن جي ساهيڙيءَ مندرا کي گولي لڳي وئي ۽ هوءَ گهوڙي تان ڪري، اُتِ مري وئي. راڻي يڪدم مُڙي پنهنجيءَ تلوار سان ان گوري سوار تي وار ڪيو، جنهن جي گولي مندرا کي لڳي هئي ۽ هن کي بہ اڌ ڪري وڌو. راڻي وري اڳتي وڌي. سامهون هڪ ننڍي واهي پار ڪري وڃي ها ۽ انگريز راڻي کي پهچي نہ سگهن ها، پر بدقسمتيءَ سان گهوڙو نئون هو، اهو ٽپ ڏيڻ بدران واهيءَ جي پاسي کان چڪر ڏيڻ لڳو. انگريز سوار راڻيءَ کي وڌيڪ ويجهو اچي ويا ۽ هوءَ چئني طرفان کان وڪوڙجي وئي. هوءَ ان وقت بلڪل اڪيلي هئي، پوءِ بہ هن سيني جو تلوار سان مقابلو ڪيو. ايتري ۾ هڪ سوار پٺيان اچي راڻيءَ تي وار ڪيو. هن جي سِر جو سڄو پاسو الڳ ٿي ويو ۽ سڄي اک بہ ٻاهر نڪري آئي، پوءِ بہ هوءَ گهوڙي تي ويٺي رهي ۽ تلوار هلائيندي رهي. ايتري ۾ هڪ ٻيو وار راڻيءَ جي ڇاتيءَ تي ٿيو، مٿي ۽ ڇاتيءَ مان رت جو ڦوهارو نڪري آيو. بيهوش

ٿيندي ٿيندي راڻيءَ ان گوري سوار کي تلوار سان ٻه اڌ ڪري ڇڏيو، جنهن هن تي سامهون وار ڪيو هو. راڻيءَ جو وفادار نوڪر جو هن جي پرسان هو، هن کي هڪ ڪُٽيا ۾ گهلي ويو، جتي ڪيس پاڻي ڏنو ويو پر گهڙي پل ۾ هوءَ هميشہ لاءِ ٿڌي ٿي وئي. هن جي آخري خواهش موجب گاهہ جي چڪيا ٺاهي وئي، جنهن ۾ هن جي لاش کي جلايو ويو ۽ باقي ڪجهہ هڏيون رهجي ويون. هڏيون جي آزاديءَ جون شهنايون هيون ۽ اڃا تائين ڪنن ۾ ٻُرنديون رهن ٿيون. اهڙيءَ طرح جهانسيءَ جي راڻي ١٩ جون ١٨٥٨ع تي هي جهان ڇڏيو.

ان کان پوءِ بيگم حضرت محل وڏ ۾ وڏ بغاوت جو اعلان ڪيو ۽ ٻيا ڪيئي واقعا ٿيا. جن جو طوالت جي خوف سبب هت ذڪر ڪونہ ٿو ڪجي ۽ تحرير فقط تانتيا ٽوپيءَ جي انقلابي زندگي ۽ ڪرت ڪار تائين محدود رکي ٿي وڃي، جو تہ ”ڪَتين ڪَر موڙيا“ ۾ فقط هَن جو ذڪر آيو آهي. اها منهنجي زندگيءَ جي وڏي خواهش رهي آهي تہ ١٨٥٧ع جي انقلاب تي ”دودي جي موت“ وانگر آپيرا لکان، جنهن نظم ۾ سيئي ڪردارپيش ڪيان، جن ١٨٥٧ع جي انقلاب ۾ حصو ورتو هو. في الحال مان تانتيا ٽوپيءَ جون آخري ڪوششون بيان ٿو ڪيان:

”تانتيا ٽوپي جي خاص ساٿين، نانا صاحب، بالا صاحب ۽ لڪشمي ٻائيءَ (جهانسيءَ جي راڻيءَ) مان هاڻي ڪوئي بہ نہ رهيو هو. انگريز هندستان تي پنهنجا پير ڄمائي چڪا ها. خود تانتيا وٽ نہ ڪائي ڍنگ جي فوج هئي ۽ نہ سامان. پوءِ بہ تانتيا آس نہ ڇڏي. ٻيو هجي هاڻ هُن جا ڍيرڍَرا ۽ وايون بتال ٿي وڃن ها. ٢٠ جون ١٨٥٨ع تي گواليار مان نڪري تانتيا، راءُ صاحب، بانده جي نواب ۽ رهيل سَهيل سپاهين سميت نربدا ڏانهن وڌڻ چاهيو. تانتيا جو مقصد نربدا پار ڪري پيشوا جي نالي تي ڏکڻ جي راجائن ۽ رعايا کي جنگ لاءِ وري تيار ڪرڻ هو. ٢٢ جون تي انگريزي فوج هن تي علي پور ۾ گهيرو ڪيو، پر هو بچي ويو. اُن وقت تانتيا جو مقصد ڪيئن بہ نربدا کي پار ڪرڻ هيو ۽ انگريزن هن کي ائين ڪرڻ کان روڪڻ

Gul Hayat Institute

چاهيو ٿي.

تانتيا سڀ کان پهريون پرت پور ڏانهن ڏٺو. يڪدم تانتيا کي جهلڻ لاءِ انگريزي فوج پرت پور پهچي وئي. تانتيا مُڙي جئپور ڏانهن وڌيو. جئپور جي فوج ۽ رعايا جو تانتيا لاءِ هيئون ڪُرڪيو ٿي. تانتيا انهن کي چوائي موڪليو تہ دل ڏاڍي ڪن ۽ ويڙهہ لاءِ سنيت ڪَن. انگريزن کي پتو پئجي ويو. هنن يڪدم نصيرآباد مان فوج جئپور ڏانهن موڪلي، انڪري تانتيا ڏکڻ ڏانهن مُڙيو. ڪرنل هرمس جي هيٺان هڪ فوج هُن جي ڪَڍِ وئي. تانتيا انگري فوج کي گوهي ڏئي، ٽَونڪ پهچي ويو. ٽَونڪ جي نواب شهر جا در بند ڪري ڇڏيا ۽ پنهنجي ڪجهہ فوج، چار توبن سميت تانتيا جي مقابلي لاءِ موڪلي. فوج جيئن تانتيا جي سامهون آئي، هُن سان وڃي گڏي ۽ اُن توبون تانتيا جي حوالي ڪري ڇڏيون. تانتيا توبي نئين فوج ۽ سامان سميت هاٿي اِندر ڳڙهہ ڏانهن وڌيو. مينهن جون اوڙڪون پئجي رهيون هيون. پنيان هَرمس فوج سان تانتيا جي ڪڍ اچي رهيو هو. راجپوتانا جي طرف کان سپهہ سالار رابرٽس هيٺان هڪ فوج تانتيا تي حملي لاءِ اچي رهي هئي. چمبل ندي تانتيا جي سامهون هئي ۽ ڏنيءَ ڪنيءَ وهي رهي هئي. تانتيا تنهي کان بچي، بونديءَ ڏانهن وڌيو ۽ نيمچ، نصيرآباد جي صوبي ۾ ڀيل واڙا نالي ڳوٺ ۾ ڏاهو ڪيائين. اها خبر جيئن رابرٽس کي ملي، هن ٢ آگسٽ تي تانتيا تي حملو ڪيو. سارو ڏينهن جنگ هلي. رات جو تانتيا پنهنجي فوج ۽ توبن سميت اُدي پور رياست ۾ ڪوٽڙا ڳوٺ طرف نڪري ويو. ۴ آگسٽ تي وري انگريزن ڪوٽڙا کي گهيرو ڪيو. جنگ ٿي، پر هن ڀيري تانتيا کي توبون ڇڏي پٺتي هٽڻو پيو. انگريزي فوج تانتيا جو لڳاتار پيڇو ڪندي رهي. تانتيا وري چمبل ڏانهن وڌيو. ان وقت هڪ انگريزي فوج تانتيا جي پنيان پئي آئي، ٻي سڄي طرف کان ٿي آئي ۽ ٽين هن جي سامهون چمبل نديءَ جي ڪناري تي موجود هئي.

(مان جڏهن ١٩٦٣ع ۾ دهليءَ کان بمبئي ڪار رستي ويندي چمبل گهاٽيءَ مان لنگهيو هوس ۽ سڄ ٽڪرين پنيان پناهہ ورتي هئي ۽ رات سان پنهنجي آخرين جنگ وڙهي رهيو هو. تڏهن مون کي تانتيا ٽوپي ڏاڍو ياد آيو

هو. تانتيا ٽوپي جو دنيا جو عظيم ترين سپهہ سالار ۽ آزاديءَ جو پروانو هو. هڪ دفعو مان پنهنجي راءِ ٻيهر دهرايان ٿو تہ مونکي جهانسيءَ جي رائيءَ جي هڪ جهلڪ بہ جون آف آرڪ ۽ هسپانوي انقلابي لاپئنسارا ۾ بہ نہ ڏٺي آهي. نہ وري تانتيا ٽوپي جي چي گئويرا سان ڀيٽ ٿي سگهي ٿي. چي گئويرا تانتيا جي ڀيٽ ۾ هڪ ڇامڙو هيو.)

اهڙيءَ ونپکڙ ۾ بہ تانتيا انگريزن کي لَمُ ڏئي ويو ۽ چمبل تائين پهچي ويو. عجبائتي ڦڙتيءَ سان، هو انگريزي فوج کان ڪجهہ پريان چمبل ندي پار ڪري ويو هو. هاڻي چمبل ندي تانتيا ۽ انگريزن جي وچ ۾ اچي وئي. پر تانتيا وٽ نہ رَسد هئي ۽ نہ توبون. تانتيا سڌو جهالرا پاٽن ڏانهن وڌيو. اُتان جو راجا فوج ۽ توبن سميت تانتيا تي حملي لاءِ نڪتو، پر جيئن ميدان ۾ پهتو، هن جي فوج ڪيس لت هڻي وڃي تانتيا سان ملي.
(اها ڳالهہ ڪيئي ڀيرا ٿي هئي. آزاديءَ لاءِ تڙپ ۾ چقمق واري ڪشش هئي.)

هاڻي تانتيا کي سامان، رسد، فوج وغيره سڀ ڪجهہ ملي ويو. جڏهن هو جهالرا پاٽن طرف وڌي رهيو هو، تانتيا وٽ هڪ توب بہ نہ هئي، هاڻي وٽس ٢٢ توبون هيون. تانتيا جهالرا پاٽن جي راجا کان ڏنڊ ڏوهہ ۾ پندرنهن لک وصول ڪيا. پنج ڏينهن تانتيا اتي ترسيو. هن پنهنجيءَ فوج کي پگهارون ڏنيون. راءُ صاحب ۽ بانده جو نواب تانتيا ٽوپي سان گڏ هيا. ٽنهي ملي نربدا کي پار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انگريزن هنن کي روڪڻ لاءِ فوجن جو ڄار وڇايو هو، پر تانتيا کي هنن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ ڪافي سامان ۽ هٿيار پنوهار هيا. هو هاڻي اندور ڏانهن وڌيو. ان وقت ڇهہ وڏا انگريز سپهہ سالار رابرٽس، هومس، پارڪ، مچيل، هوپ ۽ ڪوڪارٽ ڇهن پاسن کان تانتيا کي گهيرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا ها. ڪيئي ڀيرا تانتيا ٽوپي انگريزن کي نظر آيو هو، پر هر ڀيري هو هنن کان ترڪي ويو هو. نيٺ راءِ ڳڙهہ جي سامهون مِچيل جي فوج تانتيا تي اچي ڪڙڪي.

Gul Hayat Institute

ٿوري لڙائيءَ کانپوءِ تانتيا ٽوپي ٽيهه توبون ميدان ۾ ڇڏي ڀڄي نڪري ويو. رستي تي هڪ جاءِ تي هن کي چار وڏيڪ توبون مليون. ان بعد هو اُر طرف وڌيو ۽ سَنڌيا جي شهر عيسلي ڳڙهه تي حملو ڪيائين ۽ اُتان اَٺ ٻيون به توبون هٿ ڪيائين. تانتيا کي سارو وقت اهو سوداءُ هو ته هو نربدا کيئن به پار ڪري ۽ انگريزي فوجن هن کي چئني طرفن کان گهيرو ڪري ائين ڪرڻ کان روڪڻ چاهيو ٿي. تانتيا جي اُن وقت سفر، چالن، فتحن ۽ شڪستن کي بيان ڪرڻ ناممڪن آهي. هڪ انگريزي مورخ لکيو آهي:

”ان کانپوءِ تانتيا جي ڀڄي وڃڻ ۽ پڇي وڃڻ جو اهو تعجب خيز سلسلو شروع ٿي ٿو، جو ڏهه مهينا جاري رهيو ۽ جنهن مان ائين پئي لڳو ته اسانجي سوپ بيڪار وئي هئي. اِن سلسلي سبب تانتيا جو نالو ساري يورپ ۾ اسانجي انگريز سپهه سالارن جي بنسبت زياده مشهور ٿي ويو هو. تانتيا جي اڳيان مسئلو آسان نه هو. هن کي پنهنجي غير منظم فوج کي لڳاتار ايتريءَ تيز رفتاريءَ سان وٺي وڃڻو ٿي پيو، جو نه رڳو هن جو پيڇو ڪندڙ فوجون، پر اهي فوجون جي هَن جي سڄي ۽ کابي پاسي هيون، هَٽ مليندڙيون رهجي ٿي ويون. هڪ طرف هو ديواني وانگر پيچ پيچان ۾ هيو، ٻي طرف هو هڪ درجن شهرن تي قبضو ڪندو ٿي ويو ۽ پاڻ سان نئون سامان گڏ ڪندو هيڏانهن هوڏانهن نيون توبون هٿ ڪندو ۽ ان کانسواءِ پنهنجيءَ فوج لاءِ نوان رضاڪار رنگروٽ ڀرتي ڪندو ٿي ويو، جن کي سٺ ميل روزانو پيچ ڊوڙ ڪرڻي پوندي هئي. تانتيا جا ذريعا ايترا ٿورا هيا ۽ پوءِ به هن ايترو ڪجهه ڪري ڏيکاريو جو ان کان انڪار ئي نٿو ڪري سگهجي ته هن جي قابليت غيرمعمولي هُئي. هو حيدر علي جي پائيءَ جو مڙس هو. چيو وڃي ٿو ته تانتيا ناگپور مان ٿي، مدراس وڃڻ چاهيو ٿي. جيڪڏهن هو سچ پچ مدراس پهچي

Gul Hayat Institute

ها تہ اسان لاءِ ايترو ئي خطرناڪ ثابت ٿئي ها، جيترو حيدر علي ٿيو هو. نربدا هُن لاءِ ائين رڪاوٽ ثابت ٿي جيئن انگلش چئنل نئپولين لاءِ. انگريزي فوج پهريون ايترو آهستي هلندي هئي، چئنل انگلينڊ تي حملہ آوارن لاءِ هئي. ڪرنل پارڪ ۽ ڪرنل نيپئر جا سفر ايترائي تيز ها جيترا تانتيا جا. پوءِ بہ تانتيا واري واري سان بچي نڪري ويو. ساريون گرميون پوريون ٿي ويون، برساتيون پوريون ٿي ويون، سرديون پوريون ٿي ويون وري پهر گرمي پوري ٿي وئي، پر تانتيا اجا وجي رهيو هو. ان کان پوءِ تانتيا پنهنجي فوج کي ٻہ اڌ ڪيو. اڌ فوج جو پنهنجي هيٺان رکيائين ۽ ٻيو اڌ راءِ صاحب جي. ٻئي دستا ٻن طرفان کان اڳتي وڌيا. انگريزن سان ڪيئي لڙايون ڪيائون ۽ وري للت پور ۾ اچي ڪٺا ٿيا. اُتي ڏکڻ ۾ مِچيل جي فوج، اوبر ۾ ڪرنل ليڊيل جي فوج، اتر ۾ ڪرنل ميڊ جي فوج، اولهہ ۾ ڪرنل پارڪ جي فوج ۽ چمبل طرف جنرل رابرٽس هيٺان هڪ فوج هئي. پنجن ئي طرفن کان انگريزن جي فوج تانتيا جو گهيرو ڪيو. تانتيا هاٿي انگريز فوج کي ڏوڪي ڏيڻ لاءِ ڏکڻ جو سفر ڇڏي، تيزيءَ سان اتر طرف وڌڻ لڳو. انگريزن سمجهيو تہ تانتيا ڏکڻ ڏانهن وڃڻ جو خيال ڇڏي ڏنو آهي، پر تانتيا تيزيءَ سان مُڙيو نربدا ندي پار ڪيائين. ڪجوريءَ ۾ انگريزن سان جنگ ڪيائين ۽ اتان راءِ ڳڙهہ ويو ۽ پوءِ سڌو تير وانگر دکن جي طرف ڏوڪيائين. انگريز هن جون چالون ڏسي وائڙا ٿي ويا. جنرل پارڪ هڪ طرف ڏوڪيو، مِچيل پنيان ڏوڪيو ۽ بيچر تانتيا جي سامهون وڌيو، پر تانتيا پنهنجي فوج سميت نربدا پهچي ويو ۽ هوشنگ آباد جي ويجهو دنيا جي وڏي ۾ وڏن جنگي ماهرن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيائين ۽ نربدا پارڪري ويو.

مورخ مالي سين لکي ٿو:

”جنهن مضبوطيءَ ۽ استقلال سان تانتيا پنهنجي تجويز

Gul Hayat Institute

توڙ تائين رسائي، ان جي تعريف نہ ڪرڻ ناممڪن آهي.“

”لنڊن ٽائيمز“ جي خاطوءَ لکيو:

”اسان جو نهايت حيرت انگيز دوست تانتيا توپي ايترو تڪليف ڏيندڙ ۽ چالاڪ دشمن آهي جو هُن جي تعريف ٿِي نہ ٿي سگهي. اڳين جون جي مهيني کان هن وِچ-هند ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو آهي. هن اسانجي جاين کي ڇيتاڙي ڇڏيو آهي، خزانا ڦُريا آهن ۽ اسانجون مئگزينون خالي ڪري ڇڏيون اٿائين. هن فوجون ڪَنيون ڪيون آهن، لڙايون لڙيون آهن ۽ هار ڪاڌي آهي. هندستاني راجائن کان توبون کسيون اٿس، اُهي توبون کسائي وري هَٿ ڪيون اٿس ۽ وري انهن تان هٿ ڌوتا اٿائين. هن جو سفر بجليءَ وانگر تيز آهي. ڪيئي هفتا سانده، هو هر روز ٽيهہ ٽيهہ، چاليهہ چاليهہ ميل ٿو هلي. ڪڏهن نربدا جي هِن پار آهي تہ ڪڏهن هُن پار. اسان جي فوجي دستن کان بچي نڪري وڃي ٿو. ڪڏهن پٺيان تہ ڪڏهن اڳيان، ڪڏهن پهاڙين تان، ڪڏهن ندين مان، ڪڏهن ماترين مان، ڪڏهن ڏيڻن مان، ڪڏهن اڳتي آهي، ڪڏهن پٺتي آهي، ڪڏهن هڪ طرف آهي تہ ڪڏهن ڦيرو ڏئي اچي ٿو. اجا هو هٿ نہ آيو آهي.“

آخر ۾ آڪٽوبر ١٨٥٨ع ۾ تانتيا پنهنجي فوج سميت، راءُ صاحب ۽ بانده جي نواب کي ساڻ ڪري، ناگپور جي ويجهو پهچي ويو. لارڊ ڪيننگ ۽ هُن جا ساٿي گهٻرائجي ويا. مالي سين لکيو آهي:

”جنهن ماڻهوءَ کي مهاراشٽرا، پيشوا ڪري مڃيندي هئي، ان جو پاٺيجو فوج سميت مهاراشٽرا جي ڌرتيءَ تي پهچي ويو. نظام اسان جو وفادر هيو. پر وقت ڏاڍو نازڪ هيو. ان کان پهريون ٻہ اهڙا مثال ٿي چڪا ها تہ جيڪڏهن ڪنهن راجا پنهنجي قوم جي جذبن کي نہ ليکيو هو تہ قوم ان راجا جي خلاف بغاوت ڪئي هئي. اسان کي اهو پَؤ هيو تہ

Gul Hayat Institute

ڪٽي تانتيا جي فوج ساري مهاراشٽرا کي اسانجي خلاف هٿيار ڏئي، ڀڙڪائي نه وجهي. ائين نه ٿئي ته سارو مهاراشٽرا وديشين خلاف هٿيار ڪڻي ۽ اُن کي ڏسي ڏکڻ (نظام جو علائقو) به اُيري پوي!"

جيڪڏهن اهو واقعو هڪ سال اڳي ٿي ها ته ممڪن هو ته هندستان جي تاريخ ٻيو رُخ وٺي ها پر گذريل سال ۾ هندستانين جون وايون ولهڙيون ٿي ويون. اُر ۾ جنهن تانتيا وٽ ماٺهو خوشيءَ سان رسد پهچائيندا ها، تنهن وٽ ناگپور ۾ مهاراشٽرا جا ماڻهو اچڻ کان به وَنءُ ٿي ويا. تانتيا جي فوج اُتي ڪجهه ڏينهن ترسي ته انگريز جي فوج هن کي گهيرو ڪري وئي. تانتيا جي اُتر ۽ ڏکڻ کان انگريزن جون فوجون هيون. ناگپور مان تانتيا کي ڪائي مدد نه ملي. لاچار هو بڙودي ڏانهن وڌيو. نربدا جي گهاٽ تي ٻنهي پاسي انگريزي فوجون ڳاهٽ ٿيون هيون. تانتيا وڌيو ته ميجر سندر لئنڊ جي فوج جو هن سان ٽڪر ٿيو تانتيا فوج کي حڪم ڏنو ته توبون ڇڏي نربدا ۾ ٽپي پون. تانتيا جي فوج اکيوٽ ۾ نربدا پار ڪري ڏيڪاري. مالي سين لکيو آهي:

"دنيا جي ڪنهن به فوج ايتريءَ تيزيءَ سان ڪُوچ نه ڪيو هو، جيتري تيزيءَ سان تانتيا جي فوج ڪري ڏيکاريو."

تانتيا پوءِ راج پور پهتو ۽ اُتان جي سردار کان ڪجهه رپيا ۽ گهوڙا ورتائين. ٻئي ڏينهن تي اُدي پور پهتو. بڙودو اتان پنجاهه ميل هو. فوج کي بڙودي جو خيال دل تان لاهڻو پيو. نيڪ انهيءَ وقت باندہ جي نواب راڻي وڪٽوريا جي اعلان تي هٿيار ڦٽا ڪيا. تانتيا ۽ راءُ صاحب اڪيلا رهجي ويا. مالي سين لکي ٿو:

"پر اهي ٻئي رهنما انهيءَ سخت مصيبت ۾ به ايترو پرسُڪون، بهادر ۽ هوشيار هيا جيترا هو ڀهرين رهي چُڪا ها."

Gul Hayat Institute

تانتيا هاٿي اُدي پور (ميواڙ) ڏانهن وڌيو. يڪدم ڪيئي انگريزي فوجن هُن تي حُلهه ڪئي. هو مڙئي، جهنگ ۾ پيهي ويو. هاٿي تانتيا جو بچڻ محال ٿي لڳو. هڪ ڏينهن اتڪل چئين وڳي شام جو پرتاب ڳڙهه وٽ ميجر راڪ جي فوج کي شڪست ڏئي، نڪري ويو. ٢٥ سيپٽمبر ١٨٥٨ع تي تانتيا بانس واڙي جي جهنگ مان نڪتو. ٺيڪ انهيءَ وقت دهليءَ جي شاهي خاندان جو مشهور شهزادو فيروز شاهه فوج سميت جمنا ۽ گنگا کي پارڪري، تانتيا جي مدد لاءِ اچي رهيو هو. (فيروز شاهه اڳ ئي اوڌ ۾ وڙهي چڪو هو.)

انهيءَ ملاقات جي ڪهاڻي به نهايت دلچسپ آهي. ١٣ جنوري ١٨٥٩ع ۾ اندر ڳڙهه ۾ فيروز شاهه، تانتيا ۽ راءِ صاحب جي ملاقات ٿي. سنڌيا جو هڪ سردار مان سنگهه به انهن سان اچي گڏيو. پر اُن وقت وري تانتيا تي چئني طرفن کان گهيرو وڌي ويو هو. نيپيئر هن جي اتر ۾ هيو. شاورس ڏکڻ ۾ سمرسيٽ اوڀر ۾، سمٿ ڏکڻ -اولهه ۾، مچيل ۽ بين سن ڏکڻ ۾، نونر ڏکڻ-الوهه ۾. اهي سڀ تانتيا تي گهيرو سوڙهو ڪندا ٿي ويا. تانتيا وڙهندي وڙهندي ديواس پهتو. ١٦ جنوريءَ تي تانتيا، راءِ صاحب ۽ فيروز شاهه تنبوءَ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا ها ته اوچتو ڪنهن انگريز آفيسر جو هٿ تانتيا جي چيلهه ۾ پيو ۽ انگريز سپاهي تنبوءَ تي اچي ڪڙڪيا. معلوم ٿيو ته تانتيا کي پڪڙيو ويو آهي، پر اچانڪ اهي ٽئي اڳواڻ ڪسڪي ويا ۽ چئني طرفن تلاش ڪئي وئي، پر هن جو پتو نه پيو. ٢١ جنوريءَ تي اِهي ٽئي شڪرجيءَ ۾ نظر آيا. انگريز فوج اُنهن کي گهيرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. تانتيا جون هاٿي اُميدون ٽٽي چڪيون هيون. هُن جو لڱ لڱ چورُ چورُ ٿي پيو هو ۽ هو مان سنگهه وٽ جهنگ ۾ لڪل هو. تانتيا فيروز شاهه ۽ راءِ صاحب کي فوج سان گڏ ڇڏيو هو. ۽ پاڻ تي ماڻهو وٺي مان

سنگهہ وٽ ويو. مان سنگهہ اُن وقت انگريزن سان مليل
چڪو هو ۽ هُن کي جاگير ڏيڻ جو عهد ڪيو ويو هو. فيروز
شاهہ کي تانتيا واپس گهرائڻ چاهيو، پر مان سنگهہ هُن کي
روڪيو. اڌ رات جو تانتيا گهريءَ ننڊ ۾ الوٽ هو، مان
سنگهہ هُن کي انگريزن جي حوالي ڪري ڇڏيو.“

غداري واقعي ڪنهن جي مُنهن تي لکيل نہ هوندي آهي، غدار کي پنهنجيءَ تسليءَ لاءِ سَوَ بهانا هوندا آهن. هو نہ رڳو ٻين اڳيان پر پنهنجي اندر ۾ بہ پاڻ کي گامون سچار ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهڙي ڪا سِراڻ نہ آهي، جنهن تي غدار جو ضمير ٽِڪو ٽي سگهي.

١٨ اپريل ١٨٥٩ع تي تانتيا توپي جي ڦاسيءَ جو ڏينهن مقرر ٿيو. چئني طرف فوج جو پهرو هو. انگريز زنجيرن ۾ جڪڙيل شينهن جي پاڇي کان بہ ڇرڪي رهيا ها. مون تانتيا توپي جي پوئين تصوير ڏٺي آهي. مٽيءَ ڏاڙهيءَ جا وار وڌيل، منهن تي نراسائي، اکين ۾ صدمن جو ٿڪ، نِستو، رَت ڀوٽو، پل هيڻ“ ، هٿن ۾ هٿڪڙيون ۽ پيرن ۾ پير ڪڙيون، ڌرتيءَ تي ويهي هيٺ گهوري رهيو آهي. ڄڻ سوچي رهيو آهي تہ هيٺ ڇا آهي؟ تاريخ جي ڪتابن ۾ لکيو ويو آهي تہ فوج چوڌاري دڙن تي بندوقون تاڻي بيٺي، ڳوٺن جا هزارين ماڻهو پنهنجن نگاهن سان هن جا پير چمي رهيا ها.. تانتيا صبر ۽ همت سان ڦاسيءَ جي تختي تي چڙهيو. هن جون پيڙيون ڪٽيون ويون. تانتيا مُرڪندي پنهنجن هٿن سان ڦاسيءَ جو ڦندو ڳچيءَ ۾ وڌو، تختو ڇڪيو ويو. شام تائين تانتيا جو ڏڙ ڦاسيءَ جي رسيءَ ۾ لٽڪندو رهيو. سڄ جُهڪي هُنجا پير چُميا ۽ وري هن جي مُنهن ڏانهن اکيون کڻي نہ سگهيو. يورپين تماشائين ڏڪي تانتيا جي مٽي مان بہ بہ، چار چار وار پٽيا ۽ بهادر تانتيا جي يادگار طور پاڻ وٽ رکيا.

مون کي ياد ٿو اچي تہ مان انگلنڊ جي ڪراموِيل اسپتال ۾ لٽيل هوس تہ هڪ انگريز شاعر مون وٽ هڪ سنڌي دوست سان گڏجي آيو هو. شاعري جي باري ۾ ڳالهائيندي هن مون کان پڇيو:

”ڇا تو لورڪا کي پڙهيو آهي؟ ڏسڻ ۾ تہ تون هن کان
ڪافي متاثر ٿو لڳين!“

”هسپانوي تہ مان نہ ڄاڻان، هُن جو انگريزي ترجمو ٻہ چار ڀيرا پڙهيو اٿم.“ مون جواب ڏنو. هن چيو تہ ”مان توکي هن جو هڪ نظم ٻڌايانءَ جو ترجمي ۾ شامل نہ آهي.“

پوءِ هن مونکي لورڪا جو هيٺيون نظم ٻڌايو:

”جي مان مري وڃان تہ بالڪني کولي ڇڏجانءِ!
”ننڍڙو ڇوڪرو نارنگيون کائي رهيو آهي،
”(مان بالڪنيءَ مان هُن کي ڏسي سگهان ٿو)
”هاري ڪٽڪ لڻي رهيو آهي،
”(مان بالڪنيءَ مان هن کي ٻُڌي ٿو سگهان)
”جي مان مري وڃان
”بالڪني کُليل ڇڏجانءِ.“

مان تانتيا ٽوپي تي هيءَ تحرير لکي سوچي رهيو آهيان تہ جي مان جهانسيءَ جي رانيءَ ۽ تانتيا ٽوپي تي هائي بالڪني کوليان تہ ڇا هُو ٻاهر پنهنجي آزاد ڌرتيءَ کي ڏسڻ چاهيندا يا هڪ نظر ڏسي پاڻ ئي بالڪني بند ڪري ڇڏيندا؟ آخر ٻاهر ڏسڻ جهڙو ڇا رهيو آهي؟

Gul Hayat Institute

گستاف ڪوربيٽ

هو ١٨١٩ع ۾ فرانس ۾ ڄائو هو ۽ ١٨٧٧ع ۾ گذاري ويو. چاليهي واري ڏهاڪي ۾ هُو آرٽ ۾ حقيقت نگاريءَ جي تحريڪِ آزاديءَ سان سچ جي اظهار جو اڳواڻ هو. هو هڪ هاريءَ جو پُٽ هو. هن جي پيءُ جي مرضي هئي ته هو قانون جو مطالعو ڪري، پر پئرس پهچڻ ڪانپوءِ هن هر ڳالهه کي لت هڻي ڇڏي ۽ فقط مصوريءَ جي ڪڍ پيو. هو جمهوريت پسند هو ۽ محنت ڪش طبقي لاءِ هن کي بيحد محبت هئي ۽ هن پنهنجي مصوّري لاءِ موضوع عوامي زندگيءَ مان کنيا. پيو ته هُو چوندو هو: "مصوّري انسان کي نظر جي دين آهي ۽ انڪري هن کي اهي شيون پنهنجن تصويرن ۾ آڻڻ گهرجن، جي هُو ڏسي سگهي."

Gul Hayat Institute

انڪري هو رومانيت جو ائين مخالف هو جيئن رومانيت پسند پنهنجي دؤر ۾ ڪلاسيڪيت جا مخالف ها. هو ڏاڍو اُتساهي ۽ گنڀير هو. ڪوربيٽ خيال ۽ وهمي واقعن کي نظمن ۽ تصويرن ۾ آڻڻ هوڙيائي ۽ هلڪائي سمجهندو هو. هن جي اها ڳالهه اُنهيءَ مان واضح آهي، جو جڏهن هڪ سرپرست ڪانئس اِها تقاضا ڪئي ته: "هڪ ديول ۾ هو فرشتن جون تصويرون ڪڍي." تڏهن هن جواب ۾ چيو: " فرشتا؟ پر مون ته فرشتا ڏٺا ئي ناهن. مون جو ڪجهه ڏٺو ناهي، اُن جي تصوير ڪيئن ڪري

سگهندو آهيان."

۱۸۴۸ع جي انقلاب کانپوءِ هن جي تصوير سازي جي طرز کي عارضي ڪاميابي حاصل ٿي. هن جي تصويرن "ڪَڪرالو ڪٽيندڙ" ۽ "اور نانس (فرانس ۾ هڪ شهر جو نالو) ۾ جنازو"، ڏاڍو ٿرٿلو مچايو ۽ انهن کي پوائٽيءَ حد تائين ساميوادي سمجهيو ويو. "اور نانس ۾ جنازو" نئين نسل ۾ ڏاڍو پسند ڪيو ويو. مون خود اها تصوير ڏٺي آهي. اها سچائي جي ڏس ۾ هڪ سنگِ ميل آهي. ان تصوير ۾ هر شڪل پادريءَ ڪان وٺي سوڳوارن تائين، گورڪَن ڪان ڪُتي تائين ايتريءَ سچائيءَ ۽ سگهاري پڻي سان ڪڍي وئي آهي، جو اها جيئري جاڳندي ٿي لڳي. ڪوربيت پهريون جديد مصور هو، جنهن اٿليءَ جي ڪلاسيڪي روايت سان ناتو ٽوڙيو ۽ واٺڪيءَ حقيقت نگاري ڏانهن رُخ رکيو.

۱۸۵۵ع ۾ ڪوربيت هڪ تصوير ڪڍي جنهن ۾ ڪئنواس تي هڪ پاسي پينو، مزدور، واپاري، پادري، چورچڪار ۽ گورڪن هئا تہ ٻئي پاسي هن جا دوست ها، جن ۾ پروڌان ۽ بودليئر بہ هُئا ۽ پنهي ٽولن جي وچ تي هوَ پاڻ هو ۽ جڻ اورنانس جي تصوير ڪڍي رهيو هو. نيپولين ٽين جي زماني ۾ ڪوربيت اختياريءَ وارن تي ڪاوڙ جي پيو هو، پوءِ اهي سياست تي اختيار رکندا ها يا فن تي. سياست وارا هن تي انڪري مڇريا جو هن جا موضوع انقلابي ها ۽ فن وارا انڪري مڇريا جو هن جي طرز اطالوي هجڻ بدران ڊچ يا هسپانوي هئي. ان جي باوجود چاڪاڻ جو هو حقيقت پسنديءَ جو اڳواڻ هو، هن کي فوجي عزت افزائي آڇي وئي جا هُن نڪرائي ڇڏي ۽ جڏهن ۱۸۷۱ع ۾ پئرس ڪميون بغاوت ڪئي تڏهن هن اُن ۾ نمايان بهرو ورتو ۽ فنونِ لطيفہ جي ڪميشن جو پريزيڊنٽ مقرر ڪيو ويو. جيئن تہ پئرس ڪميون تي قهر ۽ غضب جو جذبو حاوي هو تہ ڪوربيت لوُور (Louver) جا شهپارا اُن ڪان بچائي ورتا ۽ فتح جي وَنگ (Arch of Triumph) جو بہ نقصان ٿيڻ نہ ڏنو. پر پوءِ جڏهن ڪميون کي چيپاٽيو ويو، تہ ڪوربيت جون نيڪيون تہ وسري ويون، اُنلو هن تي عتاب نازل ٿيو ۽ هن کي گرفتار ڪري ڇهہ مهينا سزا ڏني وئي ۽ چار لک فرانڪ ڏنڊ وڌو ويو. ان ڳالهہ هن کي ڏوڏي وڌو ۽ جڏهن هو فرانس جي سرحد ٽپي ويو تہ هن جي صحت جواب ڏئي چڪي هئي.

هو ۱۸۷۷ع ۾ مري ويو. هاڻي ڪوربيت جون ساڪت زندگيءَ ۽ فطري نظارن واريون تصويرون اهم ليکيون وڃن ٿيون.

Gul Hayat Institute

مائوزِي تُنگ

(١٨٩٣ع کان ١٩٧٦ع تائين)

ذوالفقار علي ڀٽو، مائوزي تنگ جو ايترو مداح هو، جو مون سندس ٧٠ ڪلفٽن واري بنگلي ۾ هن جي خاص ڪمري ۾ فقط ٻه تصويرون ڏٺيون هيون. هڪ شاهه ايران جي هن جي دستخط سان ۽ ٻي مائوزي تنگ جي دستخط سميت. مائوزي تنگ تي سنڌيءَ ۾ اڳيئي ڪتاب لکيل آهي، انڪري مان مائوءَ جي زندگيءَ جا واقعات دهرائڻ نٿو چاهيان. مائوءَ ۾ عزم همت واقعي هئي، پر اُها چنگيز خان ۽ تيمور لنگ ۾ به هئي. هُن جو "ڳاڙهو ڪتاب" عقل جو ڪهڙو ذخيرو آهي، اُن تي اطالوي ناول نويس البرٽو موريويا جو "ڳاڙهي ڪتاب" تي لکيل طنزيه ڪتاب مطالعي جي قابل آهي. مان فقط اوريانا فلاچيءَ ڪي چين جي موجوده حڪمران ڊينگ زيائو پنگ جي ڏنل انٽرويو جو ترجمو هتي ڏيان ٿو، جو منهنجي نظر ۾ سنڌي پڙهندڙن جي معلومات لاءِ ضروري آهي. ڊينگ زيائو پنگ بيجنگ ۾ جمهوريت پسند عوام جي قتل عام ۽ چين تي آمريت مسلط ڪرڻ، تبت جي ثقافتي تباهيءَ، آمريڪا جي اڳيان ڪاسه ليسيءَ ۽ فئنگ لزيءَ جهڙن دانشورن جي فرار لاءِ ذميوار آهي.

ٿورا سال اڳ ڪلفٽن تي جمالستان ڪتاب گهر لڳ چيني ڪتابن جي نمائش ٿي هئي. ٻين ڪيترن ئي ڪتابن سان گڏ مون ڊينگ پيائو چنگ جا

Gul Hayat Institute

"چوندہ ڪتاب" نالي هڪ ڪتاب بہ ورتو. اِهي ڪتاب پڙهي مون کي حيرت آئي تہ هائوڪو چين اُن چين کان ڪيترو مختلف تي ويو آهي جو اسان اِڳيان اسان جا دانشور پيش ڪري چُڪا آهن. اِهي سڀ ڪتاب گهڻو ڪري "فارين لئنگويجز پريس بيجنگ" جا ڇپيل ۽ ڇپايل آهن. ڊينگ جو "چوندہ ڪتاب" پڙهندي مون اوريانا فلاچيءَ جو ڊينگ کان ورتل انٽرويو بہ ان ڪتاب ۾ پڙهيو هو، جو جولاءِ ١٩٨٣ع ۾ بيجنگ ۾ ڇپيو هو. مون اڳ بہ اوريانا فلاچيءَ جا پُٽي (ذوالفقار علي) ۽ ٻين کان ورتل انٽرويو پڙهيا ها ۽ هُن جو پنهنجي محبوب تي (جو پنهنجي دؤر جو عظيم شاعر بہ هو) سوانح حيات وانگر لکيل ناول 'The Man' بہ پڙهيو هو. ٻئي ڪتاب مون کي ڏاڍا وڻيا ها.

ڊينگ کان ورتل انٽرويو ڪانپوءِ جو تاءِ نان مين اسڪوائر ۾ جمهوريت پسند طبقي جو ڪوس ٿيو ۽ فئنگ لزي وغيره دانشورن تي ڪارروائي ڪئي وئي، ان جا دها مون تي اڳ ئي پوندا ها ۽ اهڙو ذڪر مان پنهنجي ڪتاب "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" ۾ ڪري چڪو آهيان. هينيون انٽرويو جو صفحي ٣٢٦ تي ڇپيل آهي، مائو ازم ۽ ان جي آندل جُڙتو انقلاب جي عڪاسي ڪري ٿو، ان ڪري ڏئي رهيو آهيان تہ جيئن سنڌ جو نئون نسل ، انهيءَ ڪَلِ مان نڪري اچي، جنهن ۾ اُن کي انڌيءَ گهوڙيءَ وانگر ڏِڪيو ويو آهي ۽ پنهنجي نيتاري لاءِ ٻيهر سوچي.

انٽرويو

اوريانا فلاچي، تاءِ نان مين شاهي دروازي تي مائوءَ جي تصوير برقرار رکي ويندي؟

ڊينگ زيائو پنگ: هائو. هميشہ لاءِ. ماضيءَ ۾ چيئرمين مائوءَ جون تمام گهڻيون تصويرون هيون. اهي جتي ڪٿي هيون. اهو مناسب نہ هيو ۽ اها ڳالهہ چيئرمين مائوءَ جي ڪائي عزت نہ تي ڏيکاري. اهو درست آهي تہ هُن (مائوءَ) ڪنهن دؤر ۾ ڪيئي غلطيون ڪيون، پر آخر هو چيني ڪميونسٽ ۽ چين جي عوامي رياست جو اهم بنياد وجهندڙ هو. هن جي عيب ثواب جو ڪاٿو ڪڍڻ وقت، اسان اهو فيصلو ڪيون ٿا تہ هن جي غلطين جي ثانوي حيثيت هئي. جيڪي هن چيني عوام لاءِ ڪيو، سو اَمٽ آهي. اسان چيني، پنهنجين دلين ۾ هُن کي پارٽيءَ ۽ رياست جو باني سمجهي پائيندا رهنداسين.

Gul Hayat Institute

سوال: اسان مغرب جا ماڻهو ڪيئي ڳالهيون سمجهي نٿا سگهون. سيني غلطين جو الزام چئن جي ٽولي (Gang of four) تي هنيو ٿو وڃي. مون پڙهو آهي ته جڏهن چيني "چئن جي ٽولي" جي ڳالهه ڪن ٿا ته پنجئي آڱريون آپيون ڪن ٿا؟

جواب: اسان کي چيئرمين جي غلطين ۽ لِن بيائو (مائوءَ جي پوئين زال) ۽ "چئن جي ٽولي" جي ذهن ۾ فرق ڪرڻ گهرجي. چيئرمين مائوءَ چڱيون ڳالهيون ڪيون. ڪيئي ڀيرا هُن پارٽيءَ ۽ حڪومت کي بحران کان بچايو. هن ڪانسواءِ، چين جا ماڻهو ڀيو نه، ته به اونده ۾ ٽاڪوڙا هڻندا رهن ها. چيئرمين مائوءَ جي وڏي ۾ وڏي معاونت اها هئي ته هُن مارڪسزم-لينن ازم جا اصول چيني انقلاب جي عملي ڪِرت ڪار ۾ شامل ڪيا ها ۽ سَوات ڏانهن ويندڙ واٽ ڏيکاري هيائين. اهو چوڻ گهرجي ته سٺ سال کان اڳ يا پنجاهه جي پڇاڙيءَ ۾ هن جي فڪر اسان کي فتح سان همڪنار ڪيو هو ۽ هن جا بنيادي اصول بلڪل صحيح هئا. هن چيني انقلاب جي هر پهلوءَ ۾ مارڪسيت-لينينيت کي تخليقي طور استعمال ڪيو هو ۽ هن کي فلسفي، سياسي سائنس، ملٽري سائنس، ادب ۽ آرٽ وغيره تي تخليقي رايا هئا. بدبختيءَ ۾ پنهنجي زندگي جي شام ۾، خاص طور ثقافتي انقلاب واري دور ۾ هُن غلطيون ڪيون ۽ اهي ڪي معمولي غلطيون نه هيون ۽ انهن غلطين اسان جي پارٽيءَ رياست ۽ اسان جي ماڻهن تي مصيبتون آنديون. جيئن توکي معلوم آهي. نيان وارن ڏينهن ۾ اسان چيئرمين مائوءَ جا خيال انهيءَ ڪري جدا جدا پس منظر ۾ سَموهيا ۽ سهيڙيا، جوته اسان هن جي خيال سان چهٽيا پيا هياسين. ائين برابر آهي ته مائوزي تنگ جو خيال فقط ڪامريڊ مائوءَ پيدا ڪيو هو. پراڻي نسل جي ٻين انقلابين به اُن کي ٺاهيو هو ۽ ترقي وٺائي هُئي ۽ بنيادي طرح اُن ۾ ڪامريڊ مائوءَ جو تفڪر آهي، پر پوءِ به فتح هن جي دوراندیشيءَ کي گهٽائي ڇڏيو ۽ هو ساڳو ماڻهو نه رهيو. نتيجو اهو ٿيو ته هن جي پوئين سالن ۾ ڪجهه نامعقول قياس آرايون ۽ اُهي رَوشون جي لڪي لوڪي نه ڏنيون ويون هيون، خاص ڪري جي ڪاٻي پاسي واريون هيون ظهور پذير ٿيون. اهڙيون ڪيئي ڳالهيون ٿيون، جن ۾ هو پنهنجي فڪر جي برخلاف ويو، اُنهن عمدين ۽ ٺيڪ ٺاڪ رٿن جي برخلاف، جي هن پاڻ پيش

ڪيون هيون، ان طريقي ڪار ۾ ڏنگ ڏؤل جي برخلاف، جنهن جو هن پهريائين پاسو ڪنيو هو. ان وقت هن ۾ حقيقت جي لغار نه رهي. هن جو ڪارڪِرت جو نمونو درست نه هيو. هن ڪهڙي ڪَرتيءَ ۾ جمهوري مرڪزيت تي عمل نه ڪيو. مثال طور هو عوامي ڏس ۾ نه هليو ۽ هو پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ پنهنجن خيالن کي ادارن جي صورت ۾ بدلائي نه سگهيو. اها غلطي فقط ڪامريڊ مائوزي تنگ جي نه هئي، پيا پراڻي نسل جا انقلابي، مون سوڏا به اِن ڳالهه جا ذميوار هئا. اسان جي پارٽيءَ ۾ رياست جي زندگيءَ ۾ ڪجهه معمول خلاف ۽ غير معتدل واقعا ٿيا. ڪجهه رئيس قبيلي ۽ وڏيرا شاهيءَ (Patriarchal) وانگر طور طريقا اپنايا ويا ۽ فرد جي حمد ثنا عام ٿي وئي جا عام طور سياسي صحتمند نه رهي. نيٺ اهي ڳالهيون ثقافتي انقلاب ڏانهن وَٺي ويون جا هڪ وڏي غلطي هئي.

سوال: اوهان چيو ته پوئين سالن ۾ چيئرمين مائوءَ جي صحت جَهري چُڪي هئي، پر ليوشائوءَ جي گرفتاريءَ ۽ قيد ۾ موت وقت ته مائو چڱو ڀلو هو ۽ پيون به غلطيون آهن، جن جو احتساب ڪرڻو آهي؟ ڇا اڳتي وڏو ٽپو (Great leap forward) غلطي نه هئي؟ سوويت طور طريقي جو نقل غلطي نه هئي؟ اهي ماضيءَ جو مائوءَ واريون غلطيون ڪيترو پٺتي تائين ڏسون؟ ۽ چيئرمين مائوءَ ثقافتي انقلاب مان ڇا چاهيو ٿي؟

جواب: سال پنجاهه (۱۹۵۰ع) جي آخر ڌاري غلطيون ٿيڻ لڳيون، پر اهو ڏوهه فقط چيئرمين مائوءَ جو نه هو. جيڪي هن جي چوڌاري هئا، اُهي به لڙهي ويا. اسان معروضي (Objective) قانونن جي برخلاف ڪم ڪيا ۽ اقتصادي حالت کي اوچتو زور وٺايو. جيئن ته اسانجون داخلي آرزوئون معروضي قانونن جي برخلاف هيون، نقصان اڻ-ٽر هو ۽ اَوَس ٿيڻو هو. پوءِ به چيئرمين کي ئي "اڳتي وڏي ٽپي" لاءِ ذميوار سمجهڻ گهرجي، پر هن کي اها ڳالهه سمجهڻ ۾ فقط ڪجهه مهينا لڳا ۽ هن اسان کان اڳ ۾ پنهنجي غلطي محسوس ڪئي ۽ ان کي درست ڪرڻ لاءِ اُپاءَ ورتا. سال ٻاهتر (۱۹۷۲ع) ۾ جڏهن اِهي درستيون وجود ۾ آيون هيون، تڏهن هن خود-تنقيد ڪئي. پرمائهو پورو سبق نه سکيو ۽ انڪري ثقافتي انقلاب ڦاٽَ ڪاڏو. جيستائين چيئرمين مائوءَ جي اميدن جو سوال هو، هن سوچيو هو ته

Gul Hayat Institute

ثقافتي انقلاب سرمائيداريءَ جي واپسيءَ تي روڪ رکندو، پر هن چين جي سچي پچي حالت جو غلط اندازو لڳايو. پهريون ته انقلاب جا نشانا غلط طئي ڪيا ويا ها. جن سبب "سرمائيداريءَ جا راهرو" (Capitalist roaders) نوَسي لڏا ويا ۽ انهن کي پارٽيءَ تي اقتدار ڏيڻ لاءِ وَس ڪيو ويو. جن ۾ رهنما ڪارڪنن کي انقلاب ۾ هٿي ڏني هئي ۽ جن کي عملي تجربو هو. انهن کي هر سطح تي زبرا ڌڪ هنيا ويا ۽ انهن ۾ ڪامريڊ لِيو شائوچي به شامل هو. پنهنجي موت کان ٻه ٽي سال اڳ چيئرمين مائوءَ چيو ته ثقافتي انقلاب ٻن سببن ڪري غلط هيو. پهريون سبب اهو ته هر شيءِ کي ڊاٺو ويو (ڪنفيوشس جو مندر به ڊاٺو ويو هو-مصنف) ۽ ٻيو سبب اهو هو ته هڪ پرپور خانه جنگي ڇيڙي وئي. فقط انهن ٻن سببن تي غور ڪيو وڃي ته نظر ايندو ته ثقافتي انقلاب غلط هو. چيئرمين مائو جي غلطي سياسي غلطي هئي ۽ نندي غلطي نه هئي. ٻي طرف ان جو فائدو ٻن انقلاب- وروڌي چنڊال-چؤڪڙين ورتو، جن جا مهندار لن بيائو (مائوءَ جي زال) ۽ "چئن جو ٽولو" هيو. جن اقتدار تي قبضي لاءِ سازش ڪئي هئي. انڪري اسان کي چيئرمين مائوءَ جي غلطين ۾ لن بيائو ۽ "چئن جي ٽولي" جي ڏوهن جي وچ ۾ سنڌو ڪرڻو پوندو.

سوال: اسان سيني کي اهو معلوم آهي ته چيئرمين مائوءَ، لن بيائوءَ کي ساڳي نموني پنهنجو جانشين چوندو هو، جيئن هڪ شهنشاهه پنهنجو وارث چوندو آهي؟

جواب: مون انهيءَ جي باري ۾ ٿي ته اشارو ڪيو آهي ته اِهو غلط طريقو هو. ڪنهن به رهنما لاءِ پنهنجو جانشين چوندڻ هڪ جاگيرداراڻو عمل آهي. اهو اسان جي ادارن ۾ خاميءَ جو مثال آهي. جنهن جي باري ۾ مون ٿوري دير اڳ چيو آهي.

سوال: چيئرمين مائوءَ کي ڪيتريءَ حد تائين ذميدار سمجهيو ويندو، جڏهن توهان پارٽيءَ جي ايندڙ ڪانگريس ڪوٺائيندا؟

جواب: اسان چيئرمين مائوءَ جي غلطين ۽ هن جي مدد جو ٻيهر معروضي جائزو وٺنداسين. اسان اهو دهرائينداسين ته هن جي مدد کي بنيادي حيثيت آهي ۽ هن جون غلطيون ٻئي درجي جون آهن. هن جيڪي غلطيون زندگيءَ

Gul Hayat Institute

جي پوئين حصي ۾ ڪيون، اسان انهن جي باري ۾ حقيقت پسنديءَ واري رَوش اختيار ڪنداسين. اسان مائوزي تنگ جي فڪر کي اڳتي بہ ڇهتيا رهنداسين، جيڪو هن جي زندگيءَ جي رڳو هڪ حصي جي نمائندگي ڪري ٿو نہ رڳو ماضيءَ ۾مائوزي تنگ جي فڪر اسان جي رهنمائي ڪئي ۽ آئينده بہ ڪندو رهندو، پر اهو چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ۽ اسانجي ملڪ جو خزانو آهي. انڪري ئي اسان چيئرمين مائوءَ جو بُت تاءِ نان مين جي شاهي دروازي وٽ سدائين رکنداسين، جيئن هو اسان جي پارٽيءَ ۽ ملڪ جي علامت هجي. ان ڪانسواءِ اسان چيئرمين مائوءَ جي خيال کي ڇهتيا رهنداسين. اسان چيئرمين مائوءَ سان اهو نہ ڪنداسين جو ڪَروشچوف اسٽالن سان ڪيو.

سوال: ڇا اوهان جو مطلب اهو آهي تہ چيئرمين جو نالو ايندو، جڏهن "چئن جي ٽولي" تي ڪاروائي ڪئي ويندي ۽ اوهان پارٽيءَ جي نئين ڪانگريس ڪندا؟

جواب: هن جو نالو ايندو، نہ رڳو ايندڙ ڪانگريس ۾ پر ٻين موقعن تي بہ. ائين ٻين اڳواڻن سان بہ ٿيو آهي. پر ڪارروائي وقت "چئن جو ٽولو" چيئرمين مائوءَ جي آبروءَ کي ٽڪو نہ لائيندو. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ هو (مائو) انهن کي پنهنجن عهدن تي آڻڻ لاءِ ذميوار هو پوءِ "چئن جي ٽولي" جا ڏوهہ ان لاءِ ڪافي آهن تہ هنن کي سزا ڏني وڃي.

سوال: مون ٻڌو آهي تہ چيئرمين مائو اڪثر شڪايت ڪندو هو تہ تون هُن کي ڏيان سان نہ ٻڌندو هئين ۽ هو توکي پسند نہ ڪندو هو. ڇا اها ڳالهہ سچي آهي؟

جواب: هائو. چيئرمين واقعي چيو هو تہ مون هن کي ڌيان سان نہ ٿي ٻڌو. پر اها ڳالهہ رڳو منهنجي باري ۾ نہ ڪئي وئي هئي، مون وانگر ٻيا اڳواڻ بہ هُيا. اهي خيال هُن جي سنجها سَمئہ ۾ هُن جي روڳي سوچ جو اولڙو آهن. يعني هن وڏيرڪي واٽ ورتي آهي، جنهن کي جاگيردارانہ ذهنيت آهي. هن ٻين جي راءِ کي ترت نہ ٿي ٻُڌو. اسان اِهو نہ ٿا چئي سگهون تہ هن تي ساري تنقيد غلط هئي. هُو اهي صحيح رايا ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هو، جيڪي مون ۽ ٻين رفيقن هن جي اڳيان پيش ڪيا ها. جمهوري مرڪزيت گهٽائي وئي هئي ۽ اجتماعي رهنمائي بہ جي ائين نہ هجي ها تہ. ثقافتي انقلاب جي اوچتي ڦاٽ لاءِ ٻي ڪهڙي سمجهاڻي ڏئي سگهجي ها.

Gul Hayat Institute

سوال: چين ۾ فقط هڪ شخصيت هئي، جنهن کي رَهبر نه آئي ۽ اهو وزيراعظم چو-اين-لاءِ هو. توهان انهيءَ ڳالهه جي ڪهڙي سمجهاڻي ڏين ٿو؟

جواب: وزير اعظم چُو اڻٿڪ پورهيو ڪندڙ هو ۽ زندگيءَ ۾ ڪِنجهندو ڪُرڪندو گهٽ هيو. هو ڏينهن ۾ ٻارنهن ڪلاڪ ڪم ڪندو هو ۽ ڪنهن وقت سورنهن ڪلاڪ يا اُنهيءَ کان به وڌيڪ. ائين هو ساري زندگي ڪندو رهيو. اسان هڪٻئي جا واقف گهڻو اڳي ٿيا هُياسين، جڏهن ١٩٢٠ع ۾ اسان فرانس ۾ مشاهدي ۽ مطالعي لاءِ گڏجي سفر ڪري رهيا هياسين. مون هن کي پنهنجي وڏي ڀاءُ وانگر ڏٺو آهي. اسان انقلاب جي راهه ساڳي وقت ورتي هئي. هن کي هن جا رفيق ۽ ٻيا ماڻهو ڏاڍي عزت ڏيندا ها. خوش بختيءَ سبب هو ثقافتي انقلاب ڀيري جيئرو رهجي ويو، جڏهن ته اسان کي نوڪر هٽي، پَٽ تي ڪيرايو ويو. هو ان وقت وڏي مخمصي ۾ هئو ۽ هن ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون چيون ۽ ڪيون جي هو چوڻ يا ڪرڻ نه چاهي ها، پر ماڻهن هن کي معاف ڪيو ڇو ته اهي ڳالهيون هن جون ڪيل يا چيل هجن ها ته هو پاڻ بچي نه وڃي ها ۽ اهو ٿرشي ڏيارينڌڙ ڪردار ڪري ها جو هن نه ڪيو ۽ جنهن ڇيهو گهٽايو.

سوال: مان نٿي چئي سگهان ته "ثقافتي انقلاب" جهڙيون ڀيانڪ ڳالهيون ڪيئن ٿاري سگهجن ٿيون، يا انهن کي وري ٿيڻ کان ڪيئن روڪي سگهجي ٿو؟

جواب: اهو معاملو اسان جي ادارن ۾ اٿاري اُن کي حل ڪري سگهجي ٿو. انهن مان ڪجهه ماضيءَ ۾ قائم ڪيا ويا ها، جن تي جاگيرداريءَ جو اثر هو ۽ جو اُنهن جي شخصيتت پرستيءَ يا انهن جي وڏيرڪي ٺاٺ ۽ ڪم ڪار جي چالِ چلت مان يا مکيه عهدن تي، تاحيات فائز رهڻ مان ظاهر آهي. اسان هاڻي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته اهڙيون ڳالهيون وري نه ٿين ۽ پنهنجن ادارن جي نئين سِر تعمير ڪري رهيا آهيون. اسان جي ملڪ کي هڪ هزار سال جي جاگيرداريءَ جي تاريخ آهي ۽ قانون جي احترام جي ڪمي آهي. اسان انهن لاءِ ديانتداريءَ سان محنت ڪري رهيا آهيون. رڳو انهيءَ طريقي سان اسان پنهنجو مسئلو حل ڪري سگهون ٿا.

سوال: اوهان کي پَڪ آهي ته ڳالهيون اڳي کان وڌيڪ آسان ٿي وينديون. اوهان اهو مقصد ماڻي سگهندؤ جو اوهان پنهنجي اڳيان رکيو آهي.

مون پڇو آهي تہ نام نهاد مائوئسٽ (Maoist) اچا ڇپيا لِکا وتن. مائوئسٽن مان منهنجي مراد اُنهن سان آهي، جن ثقافتي انقلاب جي پيٺڀرائي ڪئي هئي؟

جواب: "چئن جي ٽولي" (Gang of four) جي اثر ڪي گهٽ نہ سمجهيو وڃي، پر ان ڳالهہ کي خيال ۾ رکيو وڃي تہ ٩٧ يا ٩٨ سيڪڙو عوام انهن سان انهن جي ڏوهن سبب شديد نفرت ڪري ٿو. اها ڳالهہ اُنهيءَ تحريڪ مان ظاهر ٿي پئي جا ٥ اپريل ١٩٧٦ع تي تاءِ نان مين اسڪوائر ۾ پڙڪي پئي، جڏهن ٽولو اڃا انڌ جي گهوڙي تي سوار هو. چيئرمين مائو سخت بيمار هو، پر وزيراعظم چو گذاري ويو هو. ١٩٧٦ع ۾ "چئن جي ٽولي" جي زوال کان پوءِ ۽ خاص ڪري گذريل ٻن سالن ۾ عوام مرڪزي ڪميٽيءَ جي ٽين، چوٿينءَ ۽ پنجينءَ ويهڪ ۾ اسان پنهنجن ادارن کي سڌاري پنهنجن مسئلن جو حل تلاش ڪري رهيا آهيون. ڪيئي تنازعا هاڻي ئي اُپاريا ويا آهن. خاص زور جديد ڳالهين تي ڏيان سان ڪم ڪرڻ تي ڏنو وڃي ٿو ۽ ان ڳالهہ عوام جي دل جيتي ورتي آهي. هن کي سياسي استحڪام ۽ اتحاد جي ضرورت آهي. اهڙين تحريڪن ڪيترن ئي ماڻهن کي ناراض ڪيو. مسلسل تحريڪون قومي تعمير کي ناممڪن بڻائي ڇڏن ٿيون. انڪري اسان چئون ٿا تہ عوام اسانجي مهم جي حمايت ڪندو ۽ "ثقافتي انقلاب" جهڙي ڳالهہ وري نہ ٿيندي.

سوال: "چئن جو ٽولو" فقط مائوءَ جي موت کانپوءِ گرفتار ٿي سگهيو. انهن جي گرفتاريءَ جو بندوبست ڪنهن ڪيو؟

جواب: اِها هڪ ڪَني ڪوشش هئي. پهريون تہ مان سمجهان ٿو تہ اُن کي هڪ عوامي بنياد هو، جو ٥ جولاءِ ١٩٧٦ع واري تحريڪ تي رکيو ويو هو. "چئن جي ٽولي" وارا لفظ، پنهنجي موت کان اڳ چيئرمين مائوءَ گهڙيا ها. اسان ٽولي جي خلاف ٻہ سال جدوجهد ڪئي. ايستائين ماڻهن هنن کي اصلي روپ ۾ ڏسي ورتو هو. جيتوڻيڪ ڪين چيئرمين مائو پنهنجو گادي نشين چونڊيو هو، "چئن جي ٽولي" هن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. چيئرمين مائوءَ جي موت کان پوءِ، انهيءَ ٽولي اقتدار تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اسان کي ترت ڪارروائيءَ جي ضرورت محسوس ٿي. انهن

Gul Hayat Institute

حالتن ۾ سياسي بيورو جي ڪامريڊن جي گهٽائي انهيءَ تي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ متفق ٿي. هڪ يا ٻه فرد ڪوشش ڪن ها ته ڪافي نه هئي.

ائين ڳالهه ظاهر ڪرڻ ضروري آهي ته ”چئن جي ٽولي، ڪانپوءِ ڪجهه اهڙيون ڳالهيون ڪيون ويون جي چيئرمين مائوءَ جي خيالن کان متضاد هيون، مثال طور چيئرمين مائوءَ جي يادگار لاءِ هال جي تعمير. هن پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ چيو هو ته اسان سڀني کي موت کانپوءِ ساڙيو وڃي ۽ اسان جي رک کي محفوظ رکيو وڃي ۽ ٻيو ڪجهه به سانڀيو نه وڃي ۽ اسان تي ڪوئي مقبرو نه ٺاهيو وڃي. ان ڳالهه تي چيئرمين مائوءَ ٻهريائين پنهنجي صحي ڪئي ۽ پوءِ اسان ڪئي. مرڪزي ۽ صوبائي سطح تي سڀني سينيئر آفيسرن صحيُ ڪئي ۽ پووءِ اسان ڪئي. اسان وٽ اڃا تائين اُهو صحين وارو ڪتاب موجود آهي. ”چئن جي ٽولي“ کي تهس نهس ان لاءِ ڪيو ويو ته ٽِڪاءُ حاصل ڪيو وڃي.

سوال: ڇا ان جي معنيٰ اها آهي ته چيئرمين مائوءَ جو يادگار هال ڊاٺو ويندو؟

جواب: مان ان کي بدلائڻ جي فائدي ۾ نه آهيان. هاڻي جڏهن اُهو اُتي آهي ته اُن کي ڊاهڻ نه گهرجي. پهريون ته اُن کي ٺاهڻ نه گهربو هو. پر هاڻي ان کي ڊاهڻ جي ڪري ڇه مي گويون ٿينديون. ڪيئي ماڻهو ان تي سوچي رهيا آهن ته اسان کي يادگار هال ڊاهڻ گهرجي يا نه. اسان کي اهڙو خيال نه آهي.

سوال: ڇيو وڃي ٿو ته اوهان نائب وزيراعظم جو عهدو ڇڏيو ٿا؟

جواب: رڳو مان استعيفيٰ نه ڏيندس. اڳئين دور جا سڀ ڪامريڊ پنهنجا عهدا ڇڏن ٿا. چيئرمين هُئاگيوفينگ (Huo Guofeng) اسٽيٽ ڪائونسل جو وزيراعظم نه رهندو. مرڪزي ڪاميٽيءَ. ڪامريڊ زائو زيانگ (Zhou Zaing) کي انهيءَ عهدي لاءِ تجويز ڪيو آهي. جي اسان پراڻا ڪامريڊ پنهنجن عهدن تي قائم رهنداسين. ته نون جي ترقي روڪجي ويندي. اسان لاءِ اهو مسئلو آهي ته ڪيئن هر سطح تي رهنمائن جي عُمر گهٽايون اسان کي ئي ان ڳالهه ۾ اڳواٽي ڪرڻي پوندي.

Gul Hayat Institute

اڳ ڪي به لاڳو قائدا قانون نه ها. دراصل مُهنداريءَ ڪري سربراهه ماڻهن ڪي هٽائڻ ۽ نون ماڻهن کي ترقي ڏيڻ آسان هو. اها ادارن جي خامي سڀ واري ڏهاڪي ۾ به ظاهري هئي. چاڪاڻ جو اُن وقت اسان جو ڌوهه جوڀن هيو. اهو مسئلو فقط انفرادي نه هو پر ان ۾ سارا ادارا اچي ٿي ويا. ان جو اسان جي عام نيتيءَ ۽ ان ڳالهه تي اثر آهي ته اسان جديديت حاصل ڪري سگهون ٿا. انڪري اسان چئون ٿا ته اهو جهونن لاءِ بهتر ٿيندو ته حق شناسيءَ جي راهه اختيار ڪن ۽ ٻين لاءِ مثال قائم ڪن.

سوال: مون چين ۾ ٿورين تصويرون ڏٺيون آهن. مون تاءِ نان مين اسڪوائر ۾ مارڪس، اينگلز ۽ لينن جون تصويرون ڏٺيون آهن ۽ خاص ڪري اسٽالن جي. ڇا توهان انهن تصويرن کي اُتي رکڻ چاهيو ٿا؟

جواب: "ثقافتي انقلاب" کان اڳ انهن کي اُتي رکڻ اهم موقعن تي رکيو ويندو هو، پر اها رسم "ثقافتي انقلاب" جي وچ ۾ بدلائي وئي ۽ انهن جي ساندھ نمائش ڪئي وئي. اسان هاڻي پراڻي رسم ڏانهن موٽي ٿا وڃون.

سوال: چار جديد ڳالهيون چين ۾ ٻاهريون ناڻو سيڙائينديون. اها ڳالهه خانگي سيڙپ کي نه هٿائيندي. ڇا ان سان ٿوري سرمائيداري نه وڌندي؟

جواب: آخر تجزيي ۾ اسان جي اقتصادي ترقيءَ جا عام اصول چيئرمين مائوءَ ناهيا ها، جي ها ته اسان پنهنجي مدد پاڻ ڪيون ۽ ٻاهرينءَ مدد تي گهٽ ڀروسو رکون. اسان ڪيترا به ٻاهرين دنيا سان تعلقات وڌائينداسين ۽ ٻاهرين سيڙپ ڪنداسين، ان جي اهميت تمام ٿوري هوندي ۽ اُها اسانجي سوشلسٽ نظام تي اثر انداز نه ٿيندي. جنهن ۾ پيداواري ذريعن جي ملڪيت عوام جي هوندي. ٻاهرين سرمائيڪاري ۽ ٽيڪنالاجي رڳو اسانجي سوشلسٽ معاشري سان گڏوگڏ هلنديون ۽ اسانجي سوشلسٽ پيداواري قوتن کي وڌائينديون. ان ۾ شڪ نه آهي ته اها ڳالهه چين ۾ ڪجهه زوال آميز سرمائيدارانه نظام آڻي. اسان انهيءَ امڪان کان باخبر آهيون. اسان کي ان مان خطرو نه آهي.

سوال: ان جي معنيٰ ته اها ٿي ته پوري سرمائيداري خراب نه آهي؟

جواب: اهو انهيءَ تي مدار ٿو رکي ته اوهان سرمائيداري جي معنيٰ

کهڙي ٿا ونو. ڪابہ سرمائيداري جاگيرداريءَ کا بهتر آهي. اسان اهو بہ چئي ٿا سگهون تہ هر ڳالهہ جنهن سرمائيداري نظام ۾ ترقي ڪئي آهي، سا سرمائيدارانہ نوعيت جي نہ آهي. مثال طور ٽيڪنالاجي، سائنس، نہ رڳو اهو پر ترقي يافتہ پيداواري نظام بہ هڪ سائنس آهي. اهي سڀ ڪنهن بہ مُلڪ يا سماج ۾ ڪارآمد ثابت ٿيندي‌ون. اسان ترقي يافتہ ٽيڪنالاجي هٿ ڪرڻ چاهيون ٿا، پنهنجي سوشلسٽ پيداوار لاءِ سائنس ۽ انتظامي مهارت حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا. اهڙين ڳالهين کي ڪوبہ طبقاتي ڪردار نہ آهي.

سوال:: مون کي ياد آهي تہ ڪيئي سال اڳ، جڏهن ديهاتي علائقي ۾ خانگي پلاٽن جي باري ۾ مان ڳالهائي رهي هيس، تو اها ڳالهہ مڃي هئي تہ پيداوار لاءِ ماڻهوءَ جو ذاتي مفاد ضروري آهي. ڇا ان جو اهو مطلب نہ آهي تہ خود ڪميونزم کي زير بحث آندو وڃي؟

جواب: مارڪس موجب، سوشلزم ڪميونزم جي پهرين حالت (داهي جي جاءِ) آهي ۽ اها هڪ لنبو تاريخي سفر ڪري ٿي، جنهن ڪري اسان کي انهيءَ اُصول تي عمل ڪرڻ گهرجي ”هر ڪنهن کي پنهنجي پورهئي مطابق ملڻ گهرجي“ ۽ ان ڳالهہ سان رياست، اجتماعيت ۽ فرد جو مفاد بہ شامل رکڻ گهرجي. ڇو تہ رڳو اُن ريت اسان ماڻهن کي پورهئي ۽ سوشلسٽ قوتن جي ترقي لاءِ اُتساهي سگهون ٿا. ڪميونزم جي مٿاهينءَ حالت ۾، جڏهن پيداواري قوتون ڪافي ترقي ڪري وينديون. اسان ”هر ڪوئي پنهنجي سگهہ موجب ڪان هر ڪوئي پنهنجي لوڙتائين“ جي اصول تي عمل ڪنداسين، ذاتي مفاد تي روز بروز وڌيڪ ڌيان ڏنو ويندو ۽ وڌيڪ ذاتي گهرجون پوريون ڪيون وينديون.

سوال: تو چيو تہ پيا بہ ها جن مائوزي تنگ جي فڪر ۾ اضافو ڪيو. اهي ڪير ها؟

جواب: اُهي اڳين نسل جا انقلابي هئا. مثال طور وزيراعظم چو اين لاءِ، ڪامريڊ ليو شائو قي ۽ زودي (Zhude) ۽ پيا بہ ڪيئي هئا. ڪيئي سينئر انقلابي تخليق جا اهل ۽ پنهنجيءَ سوچ ۾ منفرد آهن.

سوال: تون پنهنجو نالو ڇو ٿو ڇڏي ڏين؟

جواب: مان ايترو اهم نہ آهيان. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ مون بہ ڪجهہ ڪم ڪيو آهي. ائين نہ هجي ها تہ مونکي انقلابي نہ سمجهيو وڃي ها.

Gul Hayat Institute

سوال: جيڪي اسان نہ سمجهيو آهو هي هيو تہ: جي "چئن جو ٽولو" جيئن توهان ٿو چئين، هڪ اقليت هو۽ سڄو ملڪ انهن جي برخلاف هو تہ اهو ڪيئن هيو تہ سارو ملڪ، اڳواڻن سميت، هنن جي وس ۾ هيو؟ اهو انڪري تہ نہ هو تہ انهن چئن مان هڪ مائوزي تنگ جي زال هئي۽ سندس مائوزي تنگ سان تعلقات ايترا گهرا ها جو هن کي هٿ لائڻ جي همت ڪنهن ۾ بہ ڪانہ هئي؟

جواب: اهو بہ هڪ سبب هيو، جيئن مون چيو آهي تہ چيئرمين مائوءِ غلطيون ڪيون ۽ انهن غلطين مان هڪ غلطي اها هئي تہ هُن ٽولي کي استعمال ڪيو ۽ انهن کي اقتدار ۾ آندائين، انهيءَ ٽولي کي وري پنهنجا حواري هيا، انهن پنهنجو وڏو حلقو ناهيو، خاص ڪري انهن نادان نوجوانن کي استعمال ڪيو ۽ اڳ ۾ آندو، انهن جي پويان بہ ڏاڍي خلق هئي.

سوال: ڇا هنن مائوزي تنگ کي ايترو اندو ڪري وڌو هو جو هو ڏسي نہ پئي سگهيو تہ ڇا ٿي رهيو آهي؟ ۽ ڇا مائوءَ جي زال ايتري مهر پسند هئي، جيتري راڻي يهونالا (Yehunala)؟

جواب: زيانگ چنگ مائوزي تنگ جو جهنڊو ڏيکاري ڪيئي بُرا ڪم ڪيا، پر چيئرمين مائو ۽ زيانگ چنگ ڪيترو ئي وقت هڪٻئي کان علحده رهيا.

سوال: اسان کي تہ ان ڳالهہ جي خبر ڪانہ هئي؟

جواب: زيانگ چنگ چيئرمين مائو جي جهنڊي جي مخالفت ۾ گهڻايو ڪونہ. پر چيئرمين مائوءَ هن تي اثرانٽي روڪ نہ رکي. ان لاءِ هو ذميوار آهي. زيانگ چنگ هڪ ڪِني رَن هئي، جيڪا بہ چئن جي ٽولي کي سزا ڏني وئي، اها زياده ليکي نہ ويندي. هنن ڪروڙن ماڻهن جو نقصان ڪيو.

سوال: توهان زيانگ چنگ جو جائزو ڪيئن لڳائين ٿو؟ هن کي گهڻو اسڪور (Score) ڏين ٿو؟

جواب: ٻڙي کان بہ گهٽ. هزار ٻڙيون، ٻڙي کان بہ گهٽ.

سوال: توهان پنهنجو جائزو ڪيئن ٿو لڳائين؟

جواب: مان انهيءَ تي راضي آهيان، جي مون کي خامين ۽ خوبين جي معاملي ۾ اڌو اڌ سمجهيو وڃي، پر پنهنجي باري ۾ مان هڪ ڳالهہ چئي

Gul Hayat Institute

سگهان ٿو. مون پنهنجو ضمير ساري زندگي صاف رکيو آهي. مهرباني ڪري منهنجا لفظ غور سان ٻڌ: مان به ٿوريون غلطيون ڪيون آهن ۽ ڪامريڊ مائوزي تنگ جي غلطين ۾ منهنجو به حصو آهي. پر اهو چئي سگهجي ٿو ته انهن غلطين ڪرڻ مهل منهنجي نيت صاف هئي. اهڙو ڪوبه نه آهي جو غلطيون نٿو ڪري. اسان ماضيءَ جون سڀئي غلطيون مائوزي تنگ جي سر تي نه مڙهيون. اسان کي هُن جي امداد کي اوليت آهي ۽ هن جون غلطيون ثانوي حيثيت رکن ٿيون. اسان چيئرمين مائوءَ جي سوچ مان ڪيئي چڱيون شيون ورثي ۾ وٺنداسين، پر ساڳي وقت هُن جي غلطين جي اُپٽار به ڪندا رهنداسين.

(Selected works of Deng Xio Ping: Page 326 to 334)

ooo

انهيءَ ڊينگ، جنهن جو انٽرويو مٿي ڏنو ويو آهي. مائوءَ جي حوارين ”چئن جي ٽولي“ کي ڦاسي ڏئي ڇڏي، جنهن ڳالهه کي سال ڪان مٿي عرصو ٿي ويو آهي. ٢٠ ڊسمبر ١٩٩٢ع جي ڊان ۾ آيو هو ته ڊينگ ٨٨ سالن جو ٿي چڪو آهي، پر هن جي صحت سٺي آهي ۽ اقتدار کي اجا چنبڙيو پيو آهي. هُو روس جي سربراهه ييلسن سان نه مليو ۽ ييلسن پنهنجو دورو ملتوي ڪري ماسڪو موٽي ويو.

جڏهن يو-ايس-ايس-آر ۾ جمهوريت لاءِ بغاوت ٿي. تڏهن اُن جو اثر چين تي به ٿيو ۽ بيجنگ جي ٿاءِ نان مين اسڪوائر ۾ ڪيئي باغي نوجوان ڪنا ٿيا، جن کي ٽئنڪن سان ماريو ويو ۽ جمهوريت لاءِ اُپار کي دٻايو ويو. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته چيني ڪميونسٽ ناشتو ٿي ڪوڙ سان ڪندا آهن. ڪميونزم جي فلسفي ۾ سياسي غلطيءَ لاءِ ڪائي معافي نه آهي ۽ ماڻهوءَ جي نيت ڪا شيءِ نه آهي. جي چيئرمين مائو غلطيون ڪيون ۽ انهن جو ذميوار ڊينگ به هو ته هن کي به ”چئن جي ٽولي“ واري سزا اچڻ گهربي هئي، پر ڪميونزم ۾ نه رڳو ڏاڍو ڳابو آهي، پر ڏاڍو ڏاند آهي، خطرناڪ سڱن وارو.

انسان جڏهن مائوءَ وانگر پاڻ کي عقل ڪُل سمجهي ٿو ۽ قدرت سان گهٽي هٿ چراند ڪري ٿو ته اهڙا هيبت ناڪ نتيجا نڪرن ٿا جي خواب

Gul Hayat Institute

خيال ۾ نہ آهن. مائوءَ جو اڄ مڻ جو هنداتو هڪ وقت ڪائيندو هو، تنهن جو پيٽ ايترو ڀريو جو ڪنهن جي صلاح تي حڪم ڪيائين تہ چين ۾ جهرڪين سان جنگ ڪئي وڃي، ڇو تہ اهي مٽي ڪائو هيون ۽ گندگيءَ ۾ آزار جو باعث هيون. ردِ عمل طور ڪروڙين چيني گهٽين ۾ نڪري آيا، ٽَيون ۽ ٻيا استعمال ۾ ايندڙ ٺانوءَ کڙڪائيندا رهيا تہ جيئن اهي پکي هراسجي وڃن. دراصل هنن جو مقصد اهو هو تہ انهن کي بار بار اڏائي ايترو ٿڪائجي جو هو ڦهڪو ڏئي ڪرن ۽ مريءَ وڃن. هنن سڀني ائين ئي ڪيو. انهيءَ مهم تي روڪ تڏهن پئي جڏهن ملڪ ۾ ڪروڙين سُوپٽ (Caterpillar) ڦهلجي ويا، جن کي هونءَ جهرڪيون ڪائي ڇڏينديون هيون. اُنهن فصل تباهہ ڪري ڇڏيا، وڻن کي ويڙهي ويا ۽ ايندڙ ويندڙ تي برسات وانگر ڪِريا ٿي.

(ٽائيم- مضمون ٢٨ ڊسمبر ١٩٩٢ع)

مون مٿيون مثال بہ اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڏنو تہ آمريت جلدي يا دير سان دماغ ۾ ڪيئي خلل پيدا ڪري ٿي، جي ملڪ قوم ۽ خود آمر جي ستياناسيءَ جو سبب بڻجن ٿا. مائو جي ڳاڙهي ڪتاب تي مٿي ذڪر ڪيل آلبرٽ موريويا جي ڪتاب ۾ طنز ۽ مذاح پڙهڻ جي قابل آهي. مون اهو ڪتاب تڏهن پڙهيو هو جڏهن مائوءَ جي نالي جي تسبيح پڙهي ويندي هئي ۽ 'سرخ ڪتاب' دنيا جو سڀ کان مقدس سياسي ڪتاب سمجهيو ويندو هو. هاٿي اهو تورتي بہ گهورڙيا وڻڻ لاءِ تيار ناهن.

" ڪيترن ئي پاٿيءَ جي بُدبُدن جا سِر لهرن تلوارن
وانگر ڪٽي ڇڏيا آهن."

(بيدل دهلوي)

Gul Hayat Institute

مولانا ابوالڪلام آزاد

(۱۸۸۸ع کان ۱۹۵۸ع تائين)

دين جو عالم، انشا پرداز ۽ ساستدان هيو. هن جو نالو معيح الدين احمد ۽ تخلص آزاد هيو. هن جي پيءُ جو اباڻو وطن دهلي ۽ ماءُ جو وطن مدينو هيو. هن جو پيءُ مولانا خير الدين آزاديءَ جي جنگ ڪانپوءِ مڪي ۾ رهي پيو ۽ هن جي ماءُ سان مديني ۾ نڪاح ڪيائين. مولانا آزاد ۱۱ نومبر ۱۸۸۸ع ۾ مڪي معظم ۾ پيدا ٿيو. هن کي پنج ڀينرون ۽ ڀائرن، جن ۾ هي سڀني کان ننڍو هو. ۱۸۹۸ع ۾ مولانا خير الدين ڪلڪتي آيو، جتي مولانا آزاد جي ماءُ گذاري وئي. هن جي پيءُ هن کي مشرقي علم سيکاريا هيا ۽ هن قرآن شريف مڪي ۾ ئي ختم ڪيو هيو. هن جو گهريلو ماحول ديني عظمت سان ٺمٺار هيو. انهيءَ ڪري مولانا آزاد وقت کان اڳ ئي سنجيده ٿي ويو ۽ ڪيئي ڪتاب پڙهيائين. هن جي پيءُهن کي عربي ۽ فارسي جي تعليم ڏني، پر ڪيس اردو ڪتاب پڙهڻ کان منع ڪيائين، تنهن هوندي بہ مولانا چوريءَ چوريءَ اردو ڪتاب بہ پڙهندو رهيو.

انهيءَ زماني ۾ مولانا کي شاعريءَ جو بہ شوق ٿيو. پهريائين اردوءَ پوءِ فارسي ۾ شعر لکندو هو. اِن جو پهريون غزل پنهنجي رسالي "ارمغانِ فرخ"۾ شايع ٿيو.هن ڪانسواءِ لکنوءَ جي "خدنگ-نظر"۽ "پيام-يار" ۾ باقاعده غزل ڇپجڻ لڳا. ۱۹۰۰ع ۾ هن فارسيءَ جي تعليم مڪمل ڪئي ۽ ۱۹۰۲ع ۾

درس-نظاميہ کان فارغ ٿيو. باقي ٻيا جيڪي علم هيا ان ۾ هن پاڻ دسترس حاصل ڪئي. ٻهريائين فرانسيءَ ۾ پوءِ انگريزيءَ ۾ ڪيئي ڪتاب پڙهيائين. جيئن تہ هن کي شاعريءَ جو شوق ڏاڍو وڏي ويو، ان ڪري هڪ گلدستو ڪڍڻ جو خيال ڪيائين. ان وقت هو مولوي ظفر الحسن "شوق" کان اصلاح وٺندو هو. هن کي غزل ۾ ايتري قوتِ بيان هئي، جو ماڻهن کي هن جي عمر جي باري ۾ شڪ پوندو هو. ۱۹۰۴ع ۾ جڏهن هو مولانا شبليءَ سان مليو هو تہ ان هن کي چيو هو تہ:

"ابوالڪلام تنهنجو والد آهي!"

جنهن تي مولانا جواب ڏنو:

"مان خود آهيان."

مولاناجي حاضرجوابي ڏسي شبلي حيرت ۾ پئجي ويو.

انهيءَ زماني ۾مولانا؛ ابن رشد، امام غزالي، سرمد ۽ مولوي محمد حسين آزاد جهڙا مصنف پڙهيا ۽ مختلف علمن تي ڪتاب ڪٺا ڪيا. نيٺ عبدالرحيم دهلوي ۽ مولوي ڪبير الدين اردو گائيڊ ڪلڪتي جي مالڪ جا ڪتب خانا خريد ڪيا. ان سان گڏ هن تحرير، تقرير ۽ ترجمي جو ڪم شروع ڪيو. مولوي رضا علي وحشت "انيس الاسلام" نالي هڪ انجمن قائم ڪئي، جتي هو باقاعدي ليڪچر ڏيندو هيو. مولانا جي صحافتي زندگي "نورنگ عالم" سان شروع ٿئي ٿي. ان کانپوءِ هن باقاعدي هڪ ماهوار رسالو "لسان الصدق" ڪلڪتي مان ڪڍيو، جو ۲۰ نومبر ۱۹۰۳ع تائين جاري رهيو. انهيءَ زماني ۾ ئي هن جي علم جي ڌاڪ ڄمي چڪي هئي، پوءِ مولانا شبليءَ جي رسالي "الندوة" جي ادارت لاءِ هن کي منتخب ڪيو ويو، جا هن آڪٽوبر ۱۹۰۵ع کان مارچ ۱۹۰۶ع تائين سنڀالي. انهن ئي ڏينهن ۾ شيخ غلام محمد امرتسر مان اخبار "وڪيل" ڪڍي، ان ڪيس گهرائي ورتو. هن "وڪيل" اخبار جي ادارت انڪري قبول ڪئي جو هن کي "الندوة" ۾ پنهنجي خيالن جي اظهار جي پوري آزادي نہ هئي. ڪجهہ وقت کانپوءِ هن جو ڀاءُ ابوالنصر گذاري ويو ۽ هو وري ڪلڪتي موٽيو. هتي ڪجهہ عرصو اخبار "دارالسلطنت" جي ادارت بہ ڪيائين ۽ هن کان پوءِ وري اخبار "وڪيل" ۾ هٿ وڌائين، ليڪن جيڪي هن جا ذاتي رايا هيا، انڪري هو پنهنجي اخبار ڪڍڻ تي مجبور ٿي پيو.

Gul Hayat Institute

۱۹۰۹ع ۾ هن جي پيءُ جو انتقال ٿي ويو. آخر ۱۹۱۲ع ۾ هن پنهنجي ذاتي اخبار "الهلال" جاري ڪئي، ان ۾ هن اهڙا قومي ۽ مذهبي مسئلا بحث هيٺ آندا، جن اسلامي ملت جا ذهني نقشا بدلائي ڇڏيا. مولانا پراڻي طرز کان هٽي آزاد صحافت جو بنياد وڌو، جنهن ۾ حريت ۽ صداقت جو پيغام ڏنائين. حڪومت جي نظرن ۾ هو ڪنڊي وانگر چُڀڻ لڳو. جڏهن ڪانپور ۾ مسجد ڊاٺي وئي، تڏهن ان جي باري ۾ "الهلال" ۾ جي مضمون لکيا ويا انهن حڪومت کي بانورائي وڌو. ١٦ نومبر ۱۹۱۴ع ۾ "الهلال" جي ضمانت ضبط ڪئي وئي. ١٩١٥ ۾ مولانا کي بنگال مان شهر نيڪالي ملي. "الهلال" کانپوءِ مولانا "البلاغ" اخبار ڪڍي. ان ۾ عملي نفسيات جو سبق ڏنو. فڪر، بصيرت ۽ روحاني عزم جو پيغام ڏنو. "البلاغ" جو سلسلو بند ٿيو ته ۱۹۲۱ع ۾ مولانا ڪلڪتي مان هڪ ٻي اخبار "پيغام" نالي سان ڪڍي. ۱۹۲۷ع ۾ "الهلال" ٻيهر ڪڍيائين. بنگال مان جلاوطنيءَ کانپوءِ مولانا کي وانچيءَ ۾ نظر بند ڪيو ويو. سندس نظربندي ۱۹۲۰ع ۾ ختم ڪئي وئي ۽ گانڌيءَ جي اهنسا ۽ عدم اعتماد (Non-cooperation) جي تحريڪ جو آغاز ٿي چڪو هو.

۱۸ جنوري ۱۹۲۰ع ۾ هن جي ملاقات گانڌيءَ سان ٿي. اتي مهاتما سان سندس عقيدت ۽ خلوص جو ناتو ٿي ويو. ۱۹۲۰ع ۽ ۱۹۲۱ع جي وچ ۾ مولانا سوين تقريرون ڪيون. آڪٽوبر ۱۹۲۱ع ۾ صوبائي خلافت ڪانفرنس آگري ۾ هندستان جي مسلمانن مهاتما گانڌيءَ کي تحريڪ موالات جي دعوت ڏني. انهيءَ سال علي برادران تي مقدمو هلايو ويو. انگريز سيني ليڊرن بيان جاري ڪرڻ شروع ڪيا. بمبئيءَ جي نهراءَ ۾ مولانا جي صحي، گانڌيءَ جي صحي کانپوءِ هئي. جڏهن حڪومت ليڊرن کي گرفتار ڪرڻ شروع ڪيو ته مولانا کي گرفتار ڪري هڪ سال ٽيپ ڏني وئي. ۱۹۲۳ع ۾ جڏهن هو ٻيهر جيل ۾ واپس آيو ته هن ڏٺو ته ڪانگريس ۾ ڦوٽ پئجي چڪي آهي. موتي لال، نهرو ۽ گانڌيءَ ۾ اصولي اختلاف پيدا ٿي ويا. انهن اختلافن کي دور ڪرڻ لاءِ مولانا ۱۹۲۳ع ۾ ٻهريون ڀيرو ڪانگريس جي جلسي جي صدارت ڪئي. انهيءَ زماني ۾ ڪانگريس جي ساک گهٽجي وئي هئي. نيٺ ۱۹۲۴ع ۾ جڏهن گانڌي جيل مان ٻاهر نڪتو

تہ هن ١١١ ڏينهن مرڻ ورت رکيو. ان جو ايترو اثر ٿيو جو دهلي ۾ ڪانفرنس ڪئي وئي ۽ ان ۾ مولانا سمجهوتي جي فضا پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

سائمن ڪميشن خلاف آزاد پارٽيز ڪانفرنس ۾ مولانا بي خوفيءَ سان تقريرون ڪيون. ١٩٣٠ع ۾ ستيہ گرهہ جي تحريڪن ۾ گانڌيءَ جي گرفتاريءَ بعد مولانا پنهنجي قيادت جي ثابتي ڏني. بنگال، پنجاب ۽ صوبي سرحد جا لکين مسلمان ستيہ گرهہ ۾ شامل ٿيا. گانڌيءَ کانپوءِ مولانا کي بہ گرفتار ڪيو ويو. ١٩٤٠ع ۾ مولانا هڪ ڀيرو ٻيهر ڪانگريس جو صدر چونڊيو ويو. هن ستيہ گرهہ جي مهم ۾ زور شور سان حصو ورتو، جنهن جي ڪري هن کي ١٨ مهينا قيد ڪاٽڻو پيو. حملي جي زور ٿيڻ سبب حڪومت هندستان جي سياسي ليڊرن کي رها ڪرڻ تي مجبور ٿي وئي، جيئن هو سندن همدريون حاصل ڪري سگهي، انڪري مولانا کي بہ آزاد ڪيو ويو.

١٩٤٤ع ۾ ڪرپس مشن هندستان آئي. آزاديءَ ورهاڱي جي تجويز پيش ڪيائين، پر مولانا ڪانگريس جي صدر جي حيثيت سان نامنظور ڪئي. مولانا جولاءِ ١٩٤٢ع ۾ ڪانگريس جي اجلاس ۾ انگريزن خلاف هندستان ڇڏي وڃو" جو نعرو بلند ڪيو. ان ڪانپوءِ هن کي ٩ آگسٽ ١٩٤٢ع تي گرفتار ڪيو ويو. اها گرفتاري ١٩٤٥ع تائين جاري رکي وئي. ان ڪان پوءِ جلسن ۾ مولانا ورهاڱي جي بيحد مخالفت ڪئي. ١٩٤٦ع ۾ هن ڪيبينٽ مشن جي مذاڪرن ۾ حصو ورتو ۽ ١٩٤٧ع ۾ دستور ساز اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. عبوري حڪومت ۾ تعليم ۽ فنونِ لطيفہ جو وزير هيو. ١٥ آگسٽ ١٩٤٧ع تي هندستان آزاد ٿي ويو. پاڻ فرقا پسنديءَ جا هولناڪ شعلا، قتل ۽ خون جا منظر ڏسندو رهيو. احتجاج طور هن ٻهرين سيپٽمبر تي ڪلڪتي ۾ ۽ جنوري ١٩٤٧ع ۾ هندو مسلم اتحاد لاءِ مرڻ-ورت (موت تائين روزو) رکيو. ان وقت هو هندستان جو وزيرِ تعليم هيو. ١٩٥١ع ۾ ڪانگريس پارٽيءَ جو پارليامينٽ ۾ ڊپٽي ليڊر چونڊيو ويو ۽ ١٩٥٢ع ۾ جيڪي ٻهريون چونڊيون ٿيون، تن ۾ بہ پارليامينٽ جو ميمبر چونڊيو ويو. تعليم، قدرتي ذريعن ۽ سائنسي تحقيق جو وزير بہ مقرر ٿيو. ١٩٥٥ع ۾ هو ٻيهر پارليامينٽ ۾ ڪانگريس جو ڊپٽي ليڊر چونڊيو ويو

Gul Hayat Institute

انهيءَ دوران هن يورپ ۽ مغربي ايشيا ۾ به مهينا خيرسگاليءَ جو دورو ڪيو. ١٩٥٧ع ۾ به پيرا گڙگانوءَ جي تڪ مان لوڪ سڀا جو ميمبر چونڊيو ويو. تعليم ۽ سائنسي تحقيق جي وزارت جي عهدي تي برقرار رهيو. ٢٢ فيبروري ١٩٥٧ع تي هو انتقال ڪري ويو ۽ هن کي جامع مسجد دهليءَ جي سامهون ميدان ۾ دفن ڪيو ويو.

خواجا حسن نظاميءَ چيو هو ته:

"مولانا ابوالڪلام کي هندستان جو بادشاهه ٺاهيو وڃي ها ته هو اڪبر اعظم وانگر هر قوم ۾ مقبول هجي ها."

مولانا جون مشهور تصنيفون تي آهن، هڪ "ترجمان القرآن"، جنهن جو تفسير پهريون پيرو ١٩٢٠ع کان اول لکيو ويو ۽ ٻيو پيرو جولاءِ ١٩٣٠ع ۾ لکيو ويو ۽ ان جو پهريون جلد ١٩٣١ع ۾ ڇپيو. ان جو ٻيو جلد ١٩٣٦ع ۾ ڇپيو ۽ ٽيون جلد به ڇپجي چڪو آهي. هن جو ٻيو اهم ڪتاب "البيان" آهي، جنهن ۾ قرآن جي اهم مقامن ۽ واقعن جو تفصيل سان تفسير ڏنو ويو آهي. ٽيون "ڪتاب البصائر"، جو به قرآن جو مقدمو آهي. هن جون ادبي تصنيفون هيٺيون آهن.

١. تذڪره
٢. غبار خاطر
٣. خطابات
٤. جامع الشواهد
٥. جزيرة العرب
٦. مقاطيب (خط)
٧. قولِ فيصل
٨. مسئلہ خلافت
٩. اسلامي جمهوريت جي تقاضا
١٠. اسلام ۾ آزادي
١١. حضرت يوسف
١٢. India wins freedom (هند جي آزادي)
١٣. ڪاروانِ خيال
١٤. مقالاتِ آزاد
١٥. اصحابِ ڪهف

Gul Hayat Institute

ميراجي

سندس اصل نالو محمد ثناءُ الله ڊار هو ۽ ١٥ مئي ١٩١٢ع ۾ ڄائو هو. جڏهن تہ ڪتابن ۾ سندس وفات جي تاريخ ٣ نومبر ١٩٤٩ع ملي ٿي.

ميراجي ۽ مون ۾ هڪ ڳالهہ هڪجهڙي آهي تہ هن اڙدوءَ ۾، مون سنڌيءَ ۾ بحر ۽ وزن جي سڄي مروج نظام کي ٽوڙي ڇڏيو آهي. ٻنهي جي شاعريءَ تي بحر ۽ وزن جي تعلق سان هڪ الڳ مطالعي جي ضرورت آهي. منهنجي نظر ۾ ميراجي دؤرِ جديد ۾ سڀ کان وڏو اڙدوءَ جو شاعر هو ۽ هن جو مطالعو بہ اردوءَ جي هر شاعر کان وڌيڪ هيو. فيض هن کان ايترو متاثر هيو، جو هن جي ڪتاب "ديس ديش ڪي نظيمن" جو مهاڳ پاڻ لکيائين ۽ ان ۾ آمريڪي شاعر ايڊگر ايلن پو، فرينچ شاعر بودليئر، ميٿلي زبان جي شاعر وديا پتي، يوناني شاعره سئفو، بنگالي شاعر چنڊي داس جا خوبصورت منظوم ترجما ۽ انهن جي شاعريءَ تي تبصرا ڏنا اٿائين. هن جو اهو ڪتاب ساقي بڪ ڊيپو دهلي ١٩٣٤ع ۾ ۽ اڪادمي پنجاب لاهور ١٩٥٧ع ۾ ڇاپيو هيو، جو مون ورهاڱي کان اڳ پڙهو هو ۽ مون کي ڏاڍو وڻيو هو. ميراجيءَ جي ٻين ڪتابن جا نالا آهن:

- ميراجي کے گیت (١٩٤٣ع)
- گیت ہر گیت (١٩٤٤ع)
- مِیراجی کی نظیمن (١٩٦٨ع)
- گیت ہی گیت (١٩٤٤ع)

Gul Hayat Institute

- پابند نظمیں (۱۹٦۸ع)
- تیں رنگ (۱۹٦۸ع)

هن پيا ڪجهه ترجما به ڪيا هيا، جنهن ۾ سنسڪرتي شاعر رامون ڏر گپت جو ڪتاب ”نتنی مدهم“ جو نثري ترجمو به ڪيو هيائين، جو ۱۹۴۹ع ۾ بمبئيءَ ۾ ”خيال“ رسالي ۾ شايع ٿيو هو. هن جو ٻيو ترجمو ”خیمے کے آسپاس“ عمر خيام جي رباعين جو منظوم ترجمو هيو. هن جي نظم ۾ فيض جيتري رواني نه آهي، پر هن جا گيت نهايت روان دوان آهن. جيئن:

○ انجانے نگر من مانے ہے، من مانے نگر انجانے رہے

يا ٻيو گيت

○ تم اوُر دیس ہم اوُر دیس وغيره

دکن جي عظمت الله خان جي شاعريءَ کانپوءِ هندستان جي بهترين شاعري ميراجيءَ جي آهي. هو شاعريءَ کي ڪنهن ڪبوتر خاني وانگر محدود نه سمجهندو هو. وليم بلئڪ، لبيو (چينائي) ۽ ميران ٻائيءَ وانگر هن جي غنائيه شاعريءَ ۾ به خيال ۽ فڪر جو عنصر غالب آهي ۽ هن تي زوال پسنديءَ جو طعنو، جو ان وقت جا سڀ مشهور ترقي پسند هڻندا ها، بلڪل غلط هو. هن شاعريءَ ۾ دوهن ۽ لوڪ-يات کانسواءِ ماترڪ ڇندن ۽ ديسي موضوعن کي شاعريءَ ۾ آندو.

پنهنجي نئين پٽي جو شعور ۽ پنهنجي ڪوشش کي اٿپورو ڏسڻ جي ڏک ۾ هن نئين نسل ۾ اميد جاڳائي ته اهو هن جو قدردان ٿيندو ۽ هن وانگر شاعريءَ جي بحر وزن ۾ ڦيرو آڻيندو.

Gul Hayat Institute

ميراجيءَ ياڻ تي اهو نالو هڪ بنگالي ڇوڪريءَ ”ميراسين“ جي عشق ۾ رکيو هو، جيئن چندي داس، رامي نالي ڌوٻڻ سان عشق ڪيو هو ۽ اهو افسانو ٿي ويو هو. اهڙيءَ طرح ميراجيءَ جو عشق به لوڪ مشهور ٿي ويو. هو عجيب و غريب طبيعت جو مالڪ هو، جيئن بودليئر پنهنجا ڪيئي دشمن بڻايا هيا، ايئن ميراجيءَ به ڪيئي دشمن بڻايا هيا. هو ٻوين ڏينهن ۾ آندي جي ٽي بيءَ جو مريض ٿي پيو ۽ شاعر اختر الايمان جي گهر بمبئيءَ ۾ رهندو هو. منهنجي اختر الايمان سان دوستي غالباً ۴۹-۱۹۴۸ع ۾ ٿي هئي، جڏهن

هو ڪراچيءَ ۾ ڪجهه وقت لاءِ آيو هو. اسان ڪافي هائوس ۾ روزانو ملندا هياسون ۽ هڪٻئي کي پنهنجا اردو نظم ٻڌائيندا هياسون. هو مون کي ميراجيءَ جي جيون-ڪٿا جون ڪيتريون انوکيون ۽ عجيب ڳالهيون به ٻڌائيندو هو.

دراصل سنڌي ۾ گيت لکڻ جو چاهه مونکي ميراجيءَ جا گيت پڙهي ٿيو. منهنجا گيت پڙهي سنڌيءَ جا دقيانوسي شاعر ايترو بانورجي پيا هيا جو هو سمجهڻ لڳا ته اهي گيت ميراجيءَ جو ترجمو آهن، پر حقيقت ۾ هڪ سٽ به ميراجيءَ تان ورتل ناهي.

ميراجيءَ کي ٽي گولا هٿن ۾ هوندا ها، جي حسن، عشق ۽ موت جي علامت ها. هن جون عجيب عادتون هونديون هيون. الطاف گوهر (ايوب خان جو انفرميشن سيڪريٽري) جو مون سان حلقهءِ احباب ذوق ڪراچيءَ ۾ ملندو هو، منهنجو دوست ٿي ويو هو (جيئن ته ان وقت منهنجا سڀ سنڌي اديب دوست سواءِ ابراهيم ۽ سوڀي جي هندستان هليا ويا ها.) منهنجي اردو شاعرن ۾ ڪافي اچ وڃ هئي، چوته مان واحد سنڌي شاعر هيس، جيڪو انهن جهڙي اردو شاعري ڪري سگهندو هوس، انهيءَ ڪري جڏهن آل پاڪستان ترقي پسند مصنفين جي انجمن ناهي هيائون، تڏهن مون کي ان جو وائيس پريزيڊنٽ چونڊيائون (ان وقت منهنجي عمر ٢٣ سال هئي.) مونکي الطاف گوهر ٻڌايو هو ته:

> ”هو ۽ اردوءَ جو ٻيو شاعر مختيار صديقي ميراجيءَ جي گهر ويا ته هوا جي جهوٽي تي گهٽيءَ جي بدبو دريءَ مان اندر آئي، ان تي ميراجيءَ چيو: ”مان هن کي اجهو ٺيڪ ٿو ڪيان!“ پوءِ ۵، ۷ سگريٽ ٽورا ٽورا ڇڪي ڪمري ۾ اڇلي ڇڏيائين ۽ انهيءَ جي دونهين تي بوءِ وقتي طور گم ٿي وئي.“

ڊاڪٽر جميل جالبيءَ هڪ هنڌ لکيو آهي ته:

> ”پوني ۾ هڪ مشاعرو ٿي رهيو هو، جنهن ۾ جوش، جگر ۽ فراق جهڙا شاعر به شامل هئا. جڏهن ميراجيءَ جو شعر پڙهڻ جو وارو آيو ته هو وينل ماڻهن کي پٺي ڏئي شعر پڙهڻ لڳو:
>
> ”نگری نگری پھرا مسافر، گھر کا رستا بھول گیا“

هو آخري ڀيرو لاهور مان دهلي ١٩٤٦ع ۾ ويو ۽ جون ١٩٤٦ع ۾ دهلي مان بمبئيءَ ويو، جتي ١٩٤٨-٤٩ع ۾ "خيال" رسالي جو ايڊيٽر ٿيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. هو ميري لائين قبرستان بمبئيءَ ۾ دفنايل آهي.

منهنجي مطالعي ڪي ايتري وسعت ڏيڻ ۾ ميراجيءَ جي مطالعي جو هٿ آهي ۽ جي مان هن سان ملان ها تہ سندس گهرو دوست ٿي وڃان ها، جيتوڻيڪ اسان جون عادتون بلڪل مختلف هيون. ميراجيءَ جي ڄمڻ کان ٻہ سال پوءِ پهرين مهاڀاري لڙائي لڳي ۽ هن جي مرڻ کان ڪجهہ وقت اڳ ١٩٤٥ع ۾ ٻي مهاڀاري جنگ پوري ٿي. انهيءَ دور جي وچ ۾ مان فيض وانگر سياست ۽ انقلاب سان وڌيڪ ملوث ٿي ويس، پر ميراجي انهيءَ خفت کان دور رهي پنهنجي ذات ۽ ڪائنات جي باري ۾ سوچيندو رهيو.

هن جا سيئي ڪتاب مون وٽ آهن، جڏهن تہ ڊاڪٽر جميل جالبي اردو مرڪز لندن ۾ هن جو ڪليات ڇپايو، جو مون کي يوسف شاهين تحفي طور ڏنو ۽ تازو "ميراجی ايک مطالعه" جي نالي سان ميراجي جي فني مطالعي تي هڪ وڏو ۽ مفيد ڪتاب لکيو اٿائين.

لورڪا

فاشلزم دنيا جي بدترين نظام حڪومت کي جنم ڏنو ٿي. جرمنيءَ ۾ هٽلر، اٽليءَ ۾ مسولنيءَ ۽ اسپين ۾ جنرل فرانڪو اتان جي نوجوانن کي پُرفريب نعرا ڏئي، تعصب ۽ نسل پرستيءَ ڏانهن آماده ڪيو ۽ جنگ جي آڙاهه ۾ وچڙائي ڇڏيو. ٻي جنگ عظيم ۾ نه رڳو ڪيئي شهر تباهه ڪيا ويا، پر لکين ماڻهو ماريا ويا. نتيجو نازي ۽ فاشي قوتن جي شڪست ۾ نڪتو ۽ اٽليءَ ۾ شڪست کان پوءِ مسولنيءَ جو لاش چونڪ تي اونڌو لڙڪايو ويو ۽ هٽلر جنگ جي خاتمي کان ٿورو وقت اڳ پنهنجي زال ايوابران سان سائنائيڊ کائي خودڪشي ڪئي ۽ گوئبلز پنهي جي لاشن تي پيٽرول ڇڙڪائي تيلي ڏني ۽ لاش پوري ڇڏيا ۽ تاريخ نويس اجا تائين ڳوليندا رهيا آهن ته هُو ڪٿي پوريا ويا ها. ايئن ضرور آهي ته جنرل فرانڪو ڊگهي عمر گذاري پنهنجي طبعي موت مُئو. خدا هن کي سزا ڇو نه ڏني. اهو ڪيئن ڇئجي! فاشزم انساني دليون پٿر ڪري ڇڏيون هيون. مسولنيءَ پنهنجي نياڻيءَ ڪائونٽ ڪيانو کي سازش جي الزام ۾ فائرنگ اسڪئاڊ جي سامهون ڏئي مارايو ۽ هٽلر پنهنجي پياري ساٿيءَ جنرل هملر تي غداريءَ جو شڪ رکي هُن

کي خودڪشيءَ تي مجبور ڪيو. نيورمبرگ مقدمي ۾. جي راز فاش ڪيا ويا انهن انسان ذات کي اهو سوچي حيران ڪري ڇڏيو تہ انسان اهڙو وحشي درندو بہ ٿي سگهندو آهي. هٽلر ۽ مسولني ٻئي ڏاڍا چڱا مقرر هيا ۽ تقرير کان پوءِ عوام کي ايئن ڪنيي وٺندا ها جيئن عقاب جهرڪيءَ کي ڪنيي وٺندو آهي. ڳياڙي هڻڻ بہ وڏو فن آهي. عوام تہ رڳو ڪياڙي ڪنهندا آهن.

اسپين جو عظيم شاعر لورڪا، جنهن فاشزم ۽ پنهنجي دؤر جي نعري بازيءَ کي پنهنجي ادبي تخليق ذريعي رد ڏنو. نيٺ فاشسٽن هٿان ماريو ويو.

لورڪا جي زندگيءَ تي هڪ خوبصورت ناول لکيو ويو آهي. "لورڪا جو قتل" The assasination of Garica Lorca لورڪا جو پورو نالو گارشيا لورڪا هو. ان ناول تي پهرين باب جي مٿان هن جو هڪ شعر لکيل آهي:

Give him alms, woman, for nothing in life can equal the agony of being blind in granada.

(ترجمو: هن کي خيرات ڏي ڇو تہ غرناطا ۾ انڌي هجڻ کان زياده اذيت ڪابہ ٿي نہ ٿي سگهي)

غرناطا لورڪا جو شهر هو، جتي هو ماريو ويو هو. اُتي فرانڪو جا فاشي سپاهي انڌا ڌنڌ قتل و غارت ڪري رهيا ها. انهن کي پيار جي خيرات جي ضرورت هئي، ان ڪتاب تي اسپين ۾ بندش وڌي وئي هئي ۽ ويجهڙائيءَ ۾ اُن جو ترجمو انگريزيءَ ۾ ڪيو ويو آهي. مشهور اديب آرٿر ڪوئسلر، جو ان وقت لزبن ۾ فرانڪو جو قيدي هو، اُن پنهنجي ڊائري "لزبن ڊائري" جي نالي سان لکي آهي، جنهن ۾ ڏيکاريو اٿائين تہ فرانڪو جا ماتحت جيلن ۾ قيدين سان ڪهڙيون عقوبتون ڪندا ها. اهڙي اذيت ناڪ ماحول ۾ لورڪا پنهنجي قتل جي اڳ ڪٿي ڪئي هئي جا ڏيکاري ٿي تہ ڪيئن شاعر جي دل تي مستقبل جا پاڇاون پوندا آهن. شاعر جي ڪرشمہ ساز شخصيت سياست دان کي گهڻو وقت اڳ ۾ مستقبل کي ڏسي سگهندي آهي. گهڻو ڪري ان وقت هن جي اظهار ۾ ابهام هوندو آهي. پر لورڪا جڏهن پنهنجي موت جي باري ۾ لکيو تہ اُن ۾ ڪوبہ ابهام نہ هو. هن لکيو تہ، "مون

Gul Hayat Institute

محسوس ڪيو تہ مون کي قتل ڪيو ويو آهي. هُو مون لاءِ ڪٽفي، قبرستان ۽ ديوليون ڳوليندا رهيا. انهن شراب جا ڊرم ۽ الماريون ڏٺيون. انهن تن هڏاون پيچڙن ڪان سونا ڏند ڦريا، پر مون کي ڳولي نہ سگهيا. هو مون کي ڪڏهن بہ ڳولي نہ سگهيا، ڪڏهن بہ نہ."

لورڪا کي غرناطا جي ڀهاڙين تي ڪُنو ويو هو، پر هن جو لاش ڪوئي بہ تلاش ڪري نہ سگهيو. هسپانوي شاعر ۽ ڊراما نويس لورڪا جو مون تي ڪافي اثر آهي. هن جي شاعري جي انگريزي ترجمي جي آخر ۾ هن ُجي فن تي هڪ خوبصورت تبصرو بہ شامل آهي. جيئن ٿر جي ڀيلن، ڪولهين ۽ مينگهواڙن جي رقص جا منهنجي شاعري ۾ پڙاڏا آهن، ايئن اسپين جي جپسين جي زندگي لورڪا جي شاعري تي اثرانداز آهي. چون ٿا تہ جپسي اصل سنڌ جي شهر جاتيءَ جا هئا. مون هندستان جي اخبار ۾ هڪ سنڌي هندو محقق جو مضمون پڙهيو هو. جنهن لکيو هو تہ جپسين جي ٻوليءَ ۾ اٽڪل ٽي سؤ سنڌي لفظ ساڳيءَ معنيٰ سان ملن ٿا، جنهن سان اهي سنڌيءَ ۾ استعمال ٿين ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ سنڌي موسيقي تي تصنيف ۾ موسيقار عبدالعزيز جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن هسپانوي موسيقي ۾ "سر راڻو" ۽ "سُر معذور" ڳاتو آهي. هُن جا رڪارڊ يورپ ۾ ڪافي مشهور ٿيا آهن. راڪ هائوس واري سيٺ دولت مهتاڻي جي وڏي ڀاءُ (جنهن کي دادا چوندا ها، پر پورو نالو وسري ٿو وڃي) مون کي ٻڌايو تہ عبدالعزيز کي هنن ئي هن جي ننڍي هوندي اسپين موڪليو هو، جتي راڪ هائوس وارن جي ڪوٺي آهي. اها ڳالهہ سان کي دولت جي وڏي ڀاءُ سيٺ هوتوءَ بہ ٻڌائي هئي، جڏهن مان ۽ محمد ابراهيم جويو ٿاٽي بولا خان ۾ هُن جي بنگلي تي مهمان ٿي ٽڪيل هياسون.

گارشيا لورڪا اندلس ۾ ٺيٺ هسپانوي گهراڻي ۾ ۵ جون ۱۸۹۸ع تي ڄائو هو. هن غرناطا يونيورسٽيءَ ۾ قانون ۽ مئڊرڊ يونيورسٽيءَ ۾ ادب ۾ مهارت حاصل ڪئي. ننڍي هوندي ئي هن جي موسيقيءَ ۾ دلچسپي پيدا ٿي. لورڪا کي مصوريءَ لاءِ بہ ڏات هئي ۽ اسپين جي شهر بار سيلونا ۾ هن جي تصويرن جي نمائش ٿي.

جڏهن هو ٻن سالن لاءِ نيويارڪ ويو تہ هن هڪ نظمن جو مجموعو

ڇپايو، جنهن جو نالو ”نيويارڪ ۾ شاعر“ ۽ ٻيا نظم لکيائين. اهو ڪتاب هن جي قتل کان پوءِ ١٩٤٠ع ۾ ڇاپيو ويو. جڏهن هو اسپين موٽي آيو ته هُن جي گهڻ ڪُنڊي شخصيت ايترو مشهرو ٿي چڪي هئي جو هن کي ”بئرڪ“ نالي عوامي ٿيئٽر جو معاون ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو. ان ۾ ڪيترن ئي شاگردن بهرو ورتو ۽ اسپين جي ڪلاسيڪي ٿيئٽر جي نمائندگي ڪئي. ١٩٣٣ع ۾ لورڪا لاطيني آمريڪا ۾ بيوناس ايئرس ويو، جتي پنهنجا ڊراما اسٽيج تي آندائين. ١٩٣٦ع ۾ جنرل فرانڪو جي حمايتن هن کي غرناطا ۾ ناحق قتل ڪري، هن جو لاش لڪائي ڇڏيو. لورڪا جي ڪنهن به سياسي جماعت سان وابستگي نه هئي.

اسپين ۾ خانه جنگي وقت ۽ اُن کان پوءِ لورڪا اسپين جو هڪ زبردست عوامي شاعر هو. هو هونءَ ته عوام ۾ مقبول هو، پر هن جي شاعريءَ ۾ آرٽ جي بلندي ۽ يگانگت بي مثال آهي. هن جي شاعريءَ تي ڪجهه همعصر شاعرن، روبن ۽ جمينز جو اثر آهي، پر ان ۾ هن جي انفراديت به لاجواب آهي. (روبن ۽ جمينز جو ذڪر مان پنهنجي مضمون اسپين جي شاعريءَ ۾ ڪندس.) هن ۾ ترنم ۽ عوام مان ورتل اُتساهه پنهنجو مٽ پاڻ آهي. جيتونيڪ عوامي گيتن مان لورڪا جي شاعريءَ کي اُتساهه مليو، پر لورڪا پنهنجيءَ شاعريءَ جي مواد ۽ فارم ۾ انوکا ۽ منفرد تجربا ڪيا، جن سان اسپين گونجي اٿي. هن جي شاعريءَ جو اسلوب Style ايترو هن جي ذات جي تخليق آهي، جو ٻُڌڻ سان پڙهندڙ چئي سگهي ٿو ته اها شاعري لورڪا جي آهي. هر عظيم شاعر جي پنهنجي تخليق تي پنهنجي مهر ثبت هوندي آهي ۽ اها هڪ نظر سان سڃاڻي سگهبي آهي ته اها فلاڻي شاعر جي آهي. ٻوليءَ مان شاعر جي سڃاڻ هر ڪنهن جي ذات کي نه هوندي آهي. هن جي ٻئي ڪتاب ”گيت“ ۾ موضوع بنهه بدلايا ويا آهن ۽ اُن مان به لورڪا جي سڃاڻ آسان آهي. هن جي نظم ”گهوڙي سوار جو گيت“ ۾ به هن جي انوکائپ آهي ۽ اُن نظم سان لورڪا جي شاعريءَ ۾ هڪ نئون دؤر شروع ٿئي ٿو، جنهن ۾ هو ماضيءَ جو سارو تجربو سميٽي آيو آهي. اهو گيت اندلس جي ڊرامائي شاعريءَ کي هڪ نئون ترنم ڏئي ٿو. هن جي

Gul Hayat Institute

مترنم فارم هينان پنهنجي ڊرامائي تقدير جو تصور آهي، جنهن سان تخليقار جي لونءَ لونءَ لرزي اُٿي هوندي.

هو پنهنجي شاعريءَ مان ايئن ٿو ظر اچي، ڄڻ هو موت جي اکين ۾ گهوري رهيو آهي ۽ هن جي جذبات مان موت ٽپڪي رهيو آهي. هو اندلس جي زندگيءَ ۾ جيڪي روزمره جون شيون ۽ منظر آهن، اُنهن ڏانهن اشارو ڪري ٿو. اسپين جا شهر چِٽا پيش ڪري ٿو ۽ ساڳي وقت اُنهن کي هڪ ماورائي ۽ غير حقيقي دنيا ۾ بدلائي ڇڏي ٿو، جن ۾ عنصري قوتون اُن انساني الميي جون واڳون وس ۾ رکن ٿيون، جو اُنهن جي نگاهہ ۾ آهي ۽ اُن ڊرامي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿيون. آخر ۾ لورڪا پنهنجي تخليق سازيءَ جو رخ شاعريءَ کان ڊراما ڏانهن موڙيو. ١٩٣٠ع ۾ هو ٿئيٽر ڏانهن سنجيدگيءَ سان رجوع ٿيو.

هونءَ تہ هن جا پنج ڊراما آهن، پر مون فقط ٽي پڙهيا آهن، جي Penguin Series ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇپيا آهن ۽ اُنهن مان ”موچيءَ جي هٺ ڦاڙ زال“ ۽ ”رت هاڻي شادي“ مون کي ڏاڍا وڻيا.

”رت هاڻي شادي“ ۾ تہ ڄڻ سنڌي عورت جي تقدير چٽي وئي آهي ۽ اُن جو ڊرامائي انداز ايترو خوبصورت آهي، جو هڪ ڀيري مون کي اُن جي ترجمي جو خيال آيو هو. ١٩٣٣ع ۾ اسپين ۾ ٿيئٽر جو نئون دؤر شروع ٿيو، جو اڳ وانگر حقيقت پسندانہ ڪونہ هو، پر شاعرانہ هيو. لورڪا جا ڊراما نہ رڳو اسپين ۾ ڪامياب ٿيا، پر جلد ئي انگريزيءَ، فرينچ ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيا. لورڪا ۾ الميا بہ لکيا. ١٩٣٥ع ۾ شاعريءَ ڏانهن واپس موٽيو ۽ ١٩٣٨ع ۾ ڏاندن سان ويڙهاڪ (Bull fighter) تي هُن هڪ خوبصورت نظم لکيو. اُهو شخص جو ڏاند سان ويڙهہ ۾ ماريو ويو هو، لورڪا جو دوست هو. مون جڏهن اُهو نظم پڙهيو، تڏهن اُن مان مون کي هن جي دوست جو رت ڦوهارا ڪري نڪرندو نظر آيو. هن مهل تائين مون اهڙو ڪوئي نظم نہ ڏٺو آهي جنهن ۾ موت پنهنجي ٻٽ هٿائي ايتري چٽائيءَ سان اکيون اکين ۾ وجهي ڏسندو هجي. ها، مون اڳ امير خسروءَ جو سلطان محمد جي موت تي فارسي جو هڪ نهايت رقت انگيز مرثيو پڙهيو هو، جو

Gul Hayat Institute

غزل جي فارم ۾ آهي. اُن مان به موت جي دهشت سڃ گهرهڻ وانگر ڇانئجي ٿي وڃي. روز اياڻا اديب منهنجيءَ شاعريءَ ۾ موت جي ذڪر مان بيزارگي محسوس ڪندا آهن. جيتوڻيڪ ان ابدي حقيقت تي غور ۽ فڪر به ايترو ادبي اهميت جو حامل آهي. جيترو زندگيءَ سان محبت ۽ وابستگي منهنجي آپيرا "دودي جي موت" ۾ آهي اها به طرفي ڪيفيت واضح طور چٽيل آهي.

لورڪا جي زندگيءَ تي ايان گبسن Ian Gibson جو مٿيون ذڪر ڪيل ڪتاب لکيل آهي. جنهن ۾ لورڪا جي موت جي باري ۾ ڪافي تحقيق ٿيل آهي. مشهور ناول نويس گرهام گرين ان کي هڪ جاسوسي ناول ڪوٺيو هو. اُن مان ظاهر آهي. زندگيءَ ۾ لورڪا جي ذاتي رشتن ۽ ڏات ڪافي دشمن پيدا ڪيا ها. دنيا ۾ ورلي ڪو جينيس ٿيو آهي، جنهن جا رت پياڪ ويري ڪونه ٿيا آهن. هر جينيس جي ڏات، ڏات کان وانجهيل تخليقڪار کي ڏنبيندي آهي. حسد روح جو ڪامڻ آهي. حاسد شاعر ۽ اديب به ٻئي هر حاسد وانگر ٻي ڊيڊو ٿيندو آهي.

لورڪا سياسي ماڻهو نه هو. هن ساريءَ اسپين کي پنهنجي آغوش ۾ آندو هو. اسپين جون سڀ ترقي پسند تحريڪون ۽ رجعت پسند روايتون هن جي شاعريءَ ۾ مِلن ٿيون. هن جي محبت سياست کان ماورا آهي ۽ هن کي اڳرائيءَ، تقليد ۽ تعصب کان سخت نفرت هئي، جا هن جي شاعريءَ مان ڇلڪي رهي آهي. ڪيترن سالن لاءِ هسپانوي حڪومت لورڪا جي قتل کي لڪايو. جيستائين ايان گبسن اُن تي تحقيق ڪئي، اهو ڪتاب ان غيض و غضب جو عبرتناڪ داستان آهي، جو هڪ عظيم شاعر جي شخصيت هن جي دشمنن ۾ نفرت پيدا ڪري ٿي ۽ هو هن جي معصوم رت جا پياسا ٿي پون ٿا.

ائنا مُلڪا احمد

صدر فاروق لغاريءَ ۽ وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو، ائنا ملڪا احمد جي رحلت تي ڏک جو اظهار ڪندي، آرٽ جي دنيا ۾ هن جي اهم مقام جو اعتراف ڪيو آهي. ائنا مُلڪا جنهن پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ڊپارٽمينٽ آف فائين آرٽس جو بنياد رکيو هو، گذريل خميس تي ٧٧ ورهين جي عمر ۾ گذاري وئي. هوءَ هڪ يهودي خاندان ۾ ١٩١٧ع ۾ ڄائي هئي ۽ ارڙهن ورهين جي عمر ۾ اسلام قبوليو هيائين. ١٩٣٩ع ۾ هن لنڊن جي رايل ڪاليج آف آرٽس مان گرئجوئيشن ڪئي هئي ۽ اُن ڪان پوءِ هن امرت سَر جي شيخ احمد سان شادي ڪئي.

ساڳي سال هوءَ هندستان آئي ۽ ڪجهہ وقت ڪان پنجاب يونيورسٽي ۾ مٿي ذڪر ڪيل حيثيت ۾ ڪم ڪيائين. ائنا مُلڪا هن جي ڏاڏيءَ جو نالو هو جو هن فني تخليق وقت پنهنجو نالو ڪري استعمال ڪيو. پنجاب يونيورسٽيءَ جي آڊيٽوريم ۾ هن جا ٺهيل قائداعظم ۽ علامہ اقبال جا وڏا پورٽريٽ لڳل آهن. هن پاڪستان جي تحريڪ ۽ هند- پاڪ جنگين جي باري ۾ بہ مصوري ڪئي آهي. ١٩٦٣ع ۾ هن کي ”تمغہ امتياز،“ ١٩٦٩ع ۾ ”قاعداعظم اعزاز“ ۽ ١٩٨٣ع ۾ ”خديجة الڪبرا“ جو تمغو مليو.

ائنا مُلڪا سنڌ يونيورسٽي جي اُنهن پروفيسرائين جي اُستاد بہ هئي، جن فائين آرٽس جي ڊگري پنجاب ۾ ورتي هئي. اُنهن جي اصرار تي مون هن کي فون ڪيو تہ پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ رٽايرمينٽ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڊپارٽمينٽ آف فائين آرٽس اچي سنڀاري پر هن معذرت پيش ڪئي.

منهنجي هن سان فقط هڪ ڀيرو لاهور ۾ ملاقات ٿي هئي ۽ هن سان آرٽ تي ڪافي وقت گفتگو ٿي هئي. هوءَ آرٽ ۾ پاڻ تہ اظهاريت پسند (Expressionist) هئي پر هن کي پوري آرٽ جي تاريخ تي گرفت هئي. حسب عادت مون پنهنجي سوانح حيات لاءِ هن جي گفتگوءَ تي نوٽ ورتا ها جي اڄا مون وٽ آهن ۽ جن مان ڪجهہ هيٺ ڏيان ٿو:

Gul Hayat Institute

مشهور هسپانوي مصور گويا (Goya) جي باري ۾ هن هڪ چوڻي ٻڌائي، "ساري دنيا لغو ۽ بي معنيٰ آهي، ان جا چهرا، اُن جا رنگ روپ، اُن جا آواز- سڀ هڪ خواب پريشان وانگر آهن. سڀ هڪ ٻئي کي تڪڻ ٿا ۽ ڪوئي ڪنهن کي نہ ٿو ڄاڻي."

فرينچ مصور پال گوگن جي باري ۾ هن چيو تہ "هو ماڻهو تہ نہ هو جن هو، ڪنهن بربريت پسند وانگر هن کي سماج جي رسم و رواج کان نفرت هئي، هو هڪ خالق وانگر پنهنجي مخلوق ٺاهي ڊاهي ڇڏيندو هو ۽ وري اُن کي ٺاهيندو هو." هن گوگن جي پاليزين (Polenesian) عورتن جي باري ۾ تصويرن جي ڏاڍي ساراهہ ڪئي هئي ۽ چيو هو تہ هو هڪ ڪلاسيڪي قديم انسان (A classical primitive) هو. جڏهن مون هن سان وان گوگ جي باري ۾ ڳالهايو ۽ چيو تہ "هو گوگن جو همعصر هو ۽ هن سان گڏ ٿهٽي پيٽ تي يونوچ سمنڊ ۾ رهندو هو. پر گوگن کان ڪيترو نہ مختلف هو."

تڏهن هن چيو تہ "وان گوگ خدا جي اسرار کي ڇهڻ چاهيو هو ۽ انڪري ديوانگي هُن جي مقدر بڻي هئي. ڏسين نہ ٿو تہ هن جي سورج مُکيءَ جي کيت ۾ ڪيئن هڪ برقي رَو ڊوڙي رهي آهي. اهڙي تصوير هڪ ديوانو ئي ڪڍي سگهي ٿو. جنهن جي نظر ۾ هر فرزانو ديوانو هجي."

تلوس لاترڪ جو نہ رڳو آرٽ مون ڏٺو هو پر هن جي زندگيءَ تي ناول "مولان روش" بہ پڙهيو هو جو مون کي بيحد پسند آيو هو ۽ جنهن ۾ ڄڻ منهنجيءَ جوانيءَ جي تصوير چٽي وئي هئي. لاترڪ لاءِ هن چيو هو تہ: "هن جي ذهانت نهايت تيز هئي ۽ هو پنهنجي هر هم عصر جي روح ۾ پيهي ٿي سگهيو. هو هر صاحبِ ڪشف آدميءَ وانگر پيڙهہ رکي سگهندو هو، بودليئر وانگر بنياد رکندڙ هو."

Gul Hayat Institute

پوءِ ڪافي وقت اسان سيزان مئٽسيءَ، رينار (Renoir) براڪيو (Braque) وغيره جي تصويرن تي ڳالهائيندا رهياسين. ائنا ملڪا جوخيال هو تہ پاڪستان ۾ نظريہ پاڪستان ۽ مسلم ثقافت جي مصوري ڪئي وڃي چو تہ اُها اسانجي نفسيات سان ٺهڪي اچي ٿي.

هر آرٽسٽ جي زندگي بہ ٻي انسان جي زندگيءَ وانگر ناپايدار آهي. جي ڪائي پايداري آهي تہ اُها آرٽ کي آهي ۽ اُهوئي وقت جي يلغار جو مقابلو ڪري سگهي ٿو ۽ ڪنهن وقت فتح ان جو مقدر ٿئي ٿي.

سنڌ جون ٿي بي مثال اديبائون

عورت جي بيداري قوم جي بيداري آهي. عورت جي آزادي قوم جي آزادي آهي. عورت جي شعور تي زنجير، نئين زندگيءَ جي شعور تي زنجير وجهڻ برابر آهن، جنهنجي تخليق جو هوءَ باعث آهي. جيئن انگليند ۾ايملي برانٽ، ورجينيا وولف ۽ ايبڊٽ ستويل قومي شعور تي اثرانداز ٿيون، تيئن سنڌ ۾ به ٽي بي مثال اديبائون پيدا ٿيون آهن. ماهتاب محبوب، نورالهديٰ شاهه ۽ زرينا بلوچ. ماهتاب محبوب هڪ نهايت نرم مزاج ۽ مهمان نواز ۽ خانه داريءَ ۾ مصروف اديبا آهي، جنهن کي مطالعي لاءِ ته وقت گهٽ آهي، پر سندس معاشري جو مشاهدو ايترو تيز آهي، جيئن هڪ ماهر جراح جا وڍ ڪپ جا اوزار هوندا آهن. سندس ڪهاڻيون خاڪا ۽ سفرناما ان جا گواهه آهن ته هن جو مشاهدو جيترو وسيع آهي اوترو گهرو آهي. اُن ۾ سندس حقيقت پسندي به لاجواب آهي. اُن ۾ نعري بازي ته ڪانه آهي پر پنهنجي ديس جي ڏک درد جو احساس، هُن جي سِٽ سِٽ مان ٽپڪي رهيو آهي. هن کي حساس دل آهي پر هن جي طبيعت ۾ جو طنز ۽ مزاح جو عنصر آهي، اُهو سندس تحرير کي زعفران زار بڻائي ٿو ڇڏي، ۽ هن جي تخليقن جي مطالعي کان پوءِ ائين ٿو نظر اچي ته ادبي لطافت جو احساس هن جي تلخ حقيقت نگاريءَ تي غالب آهي.

نورالهديٰ شاهه، جنهن جي تخليق ”مارئي“ نالي ناٽڪ ٽي وي جي دنيا کي ڌوڏي وڌو آهي، نه رڳو هڪ بي مثال اديبا آهي پر هڪ شاعره به آهي، جنهن ڪجهه لازوال تندوتيز نثري نظم لکيا آهن. هن جا ٽي وي ناٽڪ ”جهنگل“ ۽ ”مارئي“ ڏسي، ستيه جيت ري جي ياد اَچي وڃي ٿي. هُن جا ۽ عبدالقادر جوڻيجي جا وڊيو ڪئيسٽ هندستان ۾ هزارن جي تعداد ۾ ٿي وڪاڻا ۽ اُتي سنڌي هندو ان ڳالهه جا معترف ها ته سنڌ جا ڪي ٽي وي ليکڪ ۽ ليکڪائون هندستان جي ٽي وي ليکڪن ۽ ليکڪائن کان گهڻو اڳتي آهن. هن جون ڪهاڻيون به حقيقت پسنديءَ جو خوبصورت اظهار آهن. هوءَ

پنهنجي ڪهاڻي، ٽي وي ڊراما ۽ نظم ۾ اُهو نامور نهايت ڪاميابيءَ سان ڇٽي ٿي جو سنڌ جي رڳ رڳ ۾ ڇڪي رهيو آهي.

زرينه بلوچ ٿورو لکيو آهي پر ڏاڍو چڱو لکيو آهي. هن جو تازو شايع ٿيل ڪتاب "تنهنجون ڳالهيون، تنهنجي ڳولا"، ان ڳالهه جو گواهه آهي ته هن ڪي لاجواب ادبي شعور ۽ ان جي اظهار جي صلاحيت آهي، جا ورلي ڪنهن گلوڪاره ۾ هوندي آهي. هن کي سنڌ ۾ "راڳ جي راڻي" ۽ "جيجي" چئي تخاطب ڪيو ويندو آهي، جنهن جي هوءَ مستحق آهي. اها منهنجي خوش نصيبي آهي ته هن منهنجا ڪيئي گيت، غزل ۽ وايون ڳاتيون آهن، جن جو آڊيو ڪيئسٽ به پريل آهي. اهڙي طرح ماهتاب محبوب به مون تي هڪ نهايت دلچسپ خاڪو لکي ڪرم فرمائي ڪئي آهي.

دنيا ۾ آرٽ جا ڪيئي فارم آهن، جن مان حقيقت پسندي به هڪ آهي، جنهن ۾ فن ۽ ادب ۾ دنيا جي سچي، خارجي ۽ غير جانبدار عڪاسي ڪئي وڃي ٿي ۽ اُن ۾ همعصر زندگيءَ جو تُز مشاهدو ملي ٿو. اشتراڪي انقلاب ۾ زلزلي کان پوءِ به سنڌي ادب ۾ حقيقت پسنديءَ تي ترقي پسنديءَ جو خمار آهي پر سنڌي لفظ "ترقي پسند" ان معنيٰ ۾ استعمال نه ٿا ڪن، جنهن ۾ اشتراڪي روس ۾ ڪيو ويندو هو ۽ ان ڪري سنڌي ادب ۾ "ترقي پسند حقيقت نگاريءَ" کي به پنهنجي جاءِ آهي.

سنڌ کان ٻاهر پوپٽي هيراننداڻي، سندري اُتم چنداڻي، ڪلا پرڪاش، ريتا شهاڻي، ڪملا گوڪلاڻي اهم اديبائون آهن، جن سان به منهنجي ذاتي واقفيت آهي.

مغرب ۾ حقيقت نگاري، جا ايملي زولا سان شروع ٿي، پر ويهينءَ صديءَ ۾ اُن جي مقبوليت گهٽجي وئي. وري آمريڪا ۾ آرٽ ۽ ادب ۾ اُڀري آئي آهي.

حقيقت اصل ۾ ڇا هي، ان تي ڪنهن حقيقت نگار اديب، هيگل وانگر فلسفي جي نڪته نگاهه کان غور نه ڪيو آهي ۽ نه وري ڪنهن بودليئر وانگر سوچيو آهي ته شاعري سڀ کان سچي ۽ پائيدار حقيقت آهي.

سنڌ ۾ حقيقت نگاريءَ سان مراد سماجي حقيقت نگاري آهي ۽ اُن ۾ مٿين ٽن اديبائن جو اهم ڪردار آهي. جنهن نوجوان نسل جي سوچ تي اَمٽ ڇاپ ڇڏي آهي.

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute